# سُجاڳ
# Sujaag

ڪميونٽيءَ جي چاڻ ۽ اظهار جو ترجمان : سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن



## سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن :
2020ع تائين 10 لک ٻار اسڪولن ۾ داخل ڪرائيندي

## استاد جي اندر ۾ هڪ آرٽسٽ ويٺل هوندو آهي

## شاهه لطيف بحيثيت قومي رهبر

ڪُوڙُ ڪَمايُءِ ڪَڄُ، اُتي اورِ اَللهَ سين؛
ڪَڏُ ٿُون دَغا دِل مان، صاحَبَ وٽي سَچُ؛
مُحبتَ سندو مَنَ ۾، ماڻِڪَ! ٻارِج مَچُ؛
اِنَ پَرِ اُتِي اَچُ، تہ سَودو ٿِيئي سَفَرو.

(سُر سريراڳ داستان پهريون- لطيف سرڪار)

ايڊيٽوريل بورڊ

ايڊيٽر

نثار ٻانيڻ

سب ايڊيٽر

خادم حسين ميمڻ

سرپرست

عزيز ڪاباني

مئنيجنگ ڊائريڪٽر، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

نگران

شهپارا رضوي

ڊائريڪٽر_ ٽيڪنيڪل يونٽس

صلاحڪار

ذوالفقار بڇاڻي

سيف الله جسڪاڻي

سجاد گهلو

سليم حيدري

نمائندا

رستم سميجو (حيدرآباد)

دلشاد پيرزادو (سکر)

ناهيد عباسي (لاڙڪاڻو)

فتاح جوکيو (دادو)

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ

ارم ايوب

سونهن ۽ سنوارپ

عبدالمنعم خان ۽ محمد آفتاب علي


# ايڊيٽوريل

سنڌ ۾ تعليم جي بدتر صورتحال جي ڳالهه ته هرڪو ئي پيو ڪري پر ان جي بهتري لاءِ ڪو به عملي طرح ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ڇو ته فقط تنقيد براءِ تنقيد اسان جي فطرت آهي. سنڌ جا 30 سيڪڙو ٻار اهڙا آهن جيڪي پرائمري تعليم به نه ٿا پرائين ۽ پنجين ڪلاس جي ٻارن مان 50 سيڪڙو ٻار پنهنجي ٻولي ڪانسواءِ ٻي ٻولي پڙهي به نه ٿا سگهن. 5 کان 16 سالن تائين جي عمر جا 29 سيڪڙو ٻار اسڪول ئي نه ٿا وڃن اسان تعليم جي لحاظ کان جيڪڏهن پاڻ کي مُلڪ جي ٻين صوبن سان ڀيٽيون ته پنجاب، بلوچستان، خيبرپختونخواه جو تعليمي نظام اسان کان گهڻو بهتر آهي، يونيسڪو جي تازي رپورٽ مطابق سنڌ ۾30 لک ٻار اهڙا آهن، جن ڪڏهن اسڪول جو منهن ئي ناهي ڏٺو. تڏهن سوال پيدا پيو ٿئي ته اُتي ڪنهن جي ذميواري آهي، اسان جيڪي وڏيون ڳالهيون ڪريون پيا، تنقيد جا پٿر اڇلايون پيا تنهن پنهنجو فرض ڪيترو پورو ڪيو آهي؟

سنڌ ۾ تعليمي نظام جي بهتري لاءِ اسان فقط اين جي اوز يا ٻين ادارن تي ڇو ٿا ڀاڙيون؟ يا تعليمي نظام ۾ بهتري آڻڻ فقط سرڪار جي ذميواري آهي؟ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هاڻي تعليم جي ٻڏندڙ ٻيڙي کي تارڻ لاءِ اسان کي ٻين تي ڀاڙڻ جي بجاءِ پاڻ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، اسان کي پنهنجي پاڙي، ڳوٺ ۽ شهرن جي اسڪولن جي مالڪي ڪرڻي پوندي. هي اسان جو قومي اخلاقي ۽ شعوري فرض آهي ڇو ته تعليم جي ترقي سان ئي سنڌ جي خوشحالي آهي.

تعليم جي اهميت کان ڪير به انڪار نه ٿو ڪري سگهي. نصابي ۽ غير نصابي، عملي توڙي غير عملي، هر تعليم جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي. ان تعليم لاءِ جيڪي به فرد فڪرمند آهن، صرف اهي ئي نه، پر هر ماڻهوءَ کي تعليم جو فڪر ۽ ذڪر به ڪرڻ گهرجي، تعليم لاءِ پتوڙڻ به گهرجي، پر حقيقتون تسليم ڪندي، صرف خرابين جي نشاندهي ڪرڻ ڪافي نه آهي، عمل صرف اهو نه آهي ته خرابي جي نشاندهي ڪجي، پر اهو عمل ڪرڻ وڏيڪ جڳائي، جنهن عمل جي ضرورت آهي. جيڪو به تعليم ۾ موجود خرابين جي نشاندهي ڪندي ٿڪجي نه ٿو، ڇا اهو پاڻ ڪجهه گهڙيون ڪڍي، پنهنجي ويجهو موجود ڪنهن به اڻ پڙهيل کي، ڪو هڪ اڌ اکر پڙهڻ ۽ لکڻ، سيکارڻ جو ڪو عملي ڪم به ڪري ٿو؟ يا سندس اها ئي ذميواري آهي، ته هو صرف خرابي جي نشاندهي ڪرڻ تائين محدود هجي.؟

اڄ ڪلهه هر ڪو ڏاهو ٿي پيو آهي. مکڻ مان وار پيو ڪڍي. سڀ ڪو سپهه سالار آهي، سپاهي ٿيڻ لاءِ ڪير به تيار نه آهي. هر ڪنهن جي ڪوشش آهي ته هو اڳواٽي ڪري، پر ڪارڪن ٿي ڪم ڪرڻ تي گهٽن کي تڪليف ٿي محسوس ٿئي! آئون ته چوندس تعليم لاءِ پاڻ ارپڻ گهرجي، تعليم سان لاڳاپيل، تعليم جي مد ۾ معاوضو وٺندڙ جي ڪم چوريءَ جي نشاندهي پلي ٿيڻ گهرجي، پر نشاندهي ڪرڻ وقت تعليم يافته هجڻ جو به ثبوت ڏيڻ گهرجي، ان سان گڏوگڏ پنهنجي گهر، پنهنجي ويڙهي، پنهنجي پاڙي، پنهنجي ڳوٺ، پنهنجي شهر ۾، جتي اوهان رهو ٿا، اتي تعليم جي مد ۾ پنهنجو مثبت عملي ڪردار به ادا ڪرڻ گهرجي.

مثبت عملي مظاهرو صرف اهو نه آهي ته اوهان انهن فردن جي نشاندهي ڪريو جن ٻيڙو ٻوڙيو آهي پر مثبت عمل اهو آهي ته تعليم لاءِ پاڻ پتوڙيندڙن جي واجب پرگهور به لهو، ڪين گهربل ۽ واجب عزت ۽ مانُ به ڏيو، تعليم جي مد ۾ سازگار ماحول ۽ انتهائي ضروري تدريسي مواد ۽ سامان جي دستيابي ۾ به مدد ڪريو. شاگردن کي صرف تعليمي ادارن جي حوالي ڪري ڇڏڻ ئي مثبت نه آهي، اهو به مثبت آهي ته تعليمي ادارن جي مروج وقت کانپوءِ جيڪو گهڻو وقت شاگرد تعليم لاءِ مقرر عملي جي نظر کان ڏور هجن ٿا، ان وقت دوران شاگردن جي نگراني ڪرڻ به مثبت عمل آهي. شاگردن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ مدد ڪرڻ به مثبت عمل آهي ۽ اهو مثبت عمل هر لکيل پڙهيل فرد سرانجام ڏئي سگهي ٿو.









# سنڌ


ايڊيٽوريل ........ 3

اوهان جا خطَ ........ 5

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن: 2020ع تائين 10 لک ٻار اسڪولن ۾ داخل ڪرائيندي ........ 6

استاد جي اندر ۾ هڪ آرٽسٽ ويٺل هوندو آهي — پروفيسر محمد انور فگار هڪڙو ...... 10

غربت هجڻ باوجود علم حاصل ڪرڻ جي جستجو — حليم باغي ........ 15

سنڌ جي استادن کي سلام — سجاد گهلو ........ 16

آراضي کان آمريڪا تائين — عذرا خاصخيلي ........ 20

ڪينجهر ڍنڍ جو الميو — محمد عدنان مستقيم ........ 24

اسان وٽ تعليم جي اهميت — ذڪيه مختيار ........ 26

لاڙڪاڻي کان لنڊن تائين — تمثيل سومرو ........ 28

غلامي کان اڳواڻي ۽ تعليمي جاکوڙ تائين — بختاور ٽالپر ........ 29

نم : اسان جو وڻ — منل جسڪاڻي ........ 31

شاهه لطيف بحيثيت قومي رهبر — طارق عزيز شيخ ........ 34

باٿ ـ دنيا جو خوبصورت شهر — شهپارا رضوي ........ 36


## صحت ۽ سکيا


اسان جي صحت ۽ صاف سٿري ماحول جو اثر ........ 39


## ڪميونٽي جا احساسات:


ڪراچي منهنجو دل — عبدالحڪيم ڪليري ........ 45

انڊيا ياترا — رستم سميجو ........ 46

عورت وقت جي آئيني ۾ — سميرا قريشي ........ 48

سُر رامڪلي — نثار ابڙو ........ 50

شاعري ........ 52

ڪهاڻيون ........ 57

ننڍڙا مصور ........ 60

# اوهان جا خط

محترم ايڊيٽر صاحب سجاڳ جو شمارو چوٿون پڙهي پورو ڪيم آرٽيڪلن جي چونڊ هميشه جيان منفرد لڳي. سجاد گهلو جو ”ڇا ٻار اسان جي حڪمن مطابق سڪندا آهن“ تي ڪجهه چوڻ جي جسارت ڪرڻ پئي چاهيان ڇاڪاڻ ته سجاد جا خيالات ۽ تجربات جيڪي هن پيش ڪيا سي هر ڪنهن لاءِ هڪ جهڙا ناهن ٿي سگهندا، مثال ٻارن کي پڙهائڻ مهل چيائين : ”مون کي پاڻي مان ٻاهر نه ڪيو“ ۽ ننڍڙي ڇوڪري اٿي ڪري پنهنجا پائنچا چنبڙ شروع ڪيا ۽ چيائين ته پاڻي ڪٽي آهي. سنڌو مهاورو آهي پر ٻارن کي ايڏي وڏي مهاوري سان ڳالهائڻ اهو به ڏنو وڃي ڏهار آهي اهو جملو ٻار جي سمجه کان ٻاهر آهي ٻيو ته توهان جي چهري جي ايڪسپريشنز کي ٻار پرکي وٺندا آهن جڏهن توهان ڪاوڙ ۾ ڪين چپ ڪرائڻ لاءِ فقط ايترو چوندو ته چپ رهو ته ٻار چپ ٿي ويندا. مطلب چوڻ جو اهو ته ٻار سمجهي وڃن ٿا ۽ حڪم به مڃين ٿا. مون کي ته ايئن لڳو جو سندن پاڻيجي سندس ڪاوڙ کي اڳ ئي سمجهي ورتو ۽ ڪيس ٿڌو ڪرڻ لاءِ اٿي ٻيهي پاڇا مٿي ڪري چيائين ته پاڻي ڪٽي آهي. ان مان اهو به ثابت ٿئي ٿو ته ٻار اسان جي حڪمن يا اسان جي احساسن کي بخوبي سمجهي سگهن ٿا ۽ اهي ان حڪم کي مڃيندا به آهن ۽ ان تي عمل به ڪندا آهن تنهنڪري ٻارن کي حڪم ڏيڻ ڪا خراب ڳالهه ناهي ان ڪري سجاد پاءُ جي ان سوچ سان مان متفق ناهيان ته ٻار اسان جي حڪمن مطابق نٿا سکن. سجاڳ جا ٻئي مضمون جنهن ۾ ”ٻار جي تصوراتي سمجه“ انتهائي سوچ ڏياريندڙ ۽ تحقيقي مضمون آهي ان سان گڏ ”سنڌ جون ثقافتي رانديون“ پڻ تمام سٺو مضمون لڳو ڇاڪاڻ ته اسان پنهنجون ثقافتي رانديون به وساري ويٺا آهيون جيڪي هن مضمون پڙهڻ کانپوءِ دل چوي ٿو ته اهي رانديون ٻيهر سان شروع ٿين.

سڪينه سيلرو
خيرپور

جناب ايڊيٽر صاحب

اوهان جو سجاڳ! نه بلڪه اسان جو سجاڳ، پڙهڻ لاءِ مليو، تمام بهترين ۽ معلومات سان ڀرپور، خاص طور تي جنڊي جي ڪم جي حوالي سان جن حقيقتن کان واقفيت ملي. اسان جو هي هنر جيڪو سينه در سينه هلندو پيو اچي سو ڪيترين مشڪلاتن ۾ آهي تنهن جو اندازو ”جنڊي ۽ ڪاشي جو فن“جي تحقيقي مقالمي پڙهڻ کانپوءِ خبر پئي. ڏک به ٿيو ۽ خوشي به، خوشي ان لحاظ کان ته هي اسان جو ثقافتي ورثو آهي جنهن تي خوشي به آهي فخر به، پر ڏک ان لحاظ کان ته اسان جي سنڌ پرڳڻي جا حڪمران ڪيئن ۽ ڇو ڪن لاٿار ڪيو ويٺا آهن سمن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ عروج تي پهتل هي املهه ڪم، ان جا ڪاريگر بيوسي ۾ ڦاٿل آهن. اميد ٿي ڪجي ته سرڪار پاران هن اهم هنر جي سرپرستي ڪرڻ جو ڪو جوڳو قدم کنيو ويندو، سندن مسئلن کي حل ڪيو ويندو، ڪين خام مال خريد ڪرڻ ۾ مڪمل سهائتا ڪئي ويندي ۽ سندن قرض معاف ڪيا ويندا. انهن اميدن سان گڏ هڪ عرض ته انهيءَ قسم جا تحقيقاتي ڪالم شايع ڪندا رهندو.

سائين رکيو شاهاڻي
پيان سعيد آباد

جناب ايڊيٽر

سجاڳ پڙهڻ جو پهريون ڀيرو موقعو مليو خبر پئي ته 3 شمارا اڳ اچي چڪا آهن تن کي پڙهڻ لاءِ دوستن کي چيو آهي سٺو لڳو، مزو به آيو ڪٿي ڳالهيون اصل سمجهڻ کان به زور ته ڪٿي ذهن جي بند ٿيل خاني ۾ نئين سوچ نروار ٿي. محترم نثار ٻانيڻ جو ايڊيٽوريل به ان منجهان هو جنهن ۾ هن ڳوٺاڻي ۽ شهري ماحول ۾ ٻارن جي اوسر واڌ ويجهه سمجهه ۽ شعور کي ڀيٽيو ۽ حقيقتن پٽاندڙ ڀيٽيو ۽ انهيءَ حقيقت ڏانهن ٻيهر ڌيان ڏيارائين ته نئين جون اهي رانديون سموري زندگي جي وڏن اثاثن منجهان هجن ٿيون، جو ٻهراڙي جي ٻارن کي رب ڪائنات جي فطري ماحول کي پرکڻ ان ۾ گهلي ملي وڃڻ جو جيڪو موقعو ملي ٿو سو شهري ٻار ان فطري ماحول کان محروم نظر اچي ٿو، شهري ٻار ننڍپڻ ۾ ڀنيورين کي پڪڙي نه ٿو سگهي، گهٽ ۽ ٻوسٽ وارنن ننڍڪمرن جي گهرن ۾ ڪيبل ٽي ۽ وڊيون گيمز ۾ ننڍپڻ گهاري ٿو. ٻانيڻ صاحب جي هن ايڊيٽوريل مون کي ڇرڪائي ڇڏيو آهي جو اسين شهرن ۾ رهندڙ ماڻهو پنهنجي ٻارن کي فطري ماحول نٿا ڏيئي سگهون.

فدا حسين
ڪراچي

# سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن 2020ع تائين 10 لک ٻار اسڪولن ۾ داخل ڪرائيندي

**مئنيجنگ ڊائريڪٽر- ايس اِي ايف سان ڳالهه ٻولهه**




**مختصر تعارف:**

عزيز ڪاباڻي گذريل 14 سالن کان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان سلهاڙيل آهن، پاڻ يونيورسٽي آف لنڊن مان ايجوڪيشن ۾ ڊاڪٽوريٽ ڪري رهيا آهن، ان ڪانسواءِ پاڻ يونيورسٽي آف آڪسفورڊ يو ڪي مان ايجوڪيشن ريسرچ ميٿالوجي ۾ ماسٽرز ڪري چڪا آهن ۽ اسلامڪ اسٽڊيز اينڊ هيومنٽيز ۾ گريجويشن پڻ لنڊن مان ڪري چڪا آهن. تازو پاڻ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن حڪومتِ سنڌ ۾ بطور مئنيجنگ ڊائريڪٽر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن.

**سنڌ ٽي وي: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي قيام 1992ع کان 2014ع تائين توهان هن نيم خود مختيار اداري کي ڪيئن پيا ڏسو ۽ ان جي ڪارڪردگي اوهان جي نظرن ۾ ڇا آهي؟**

عزيز ڪاباڻي: جيئن ته اوهان چيو ته هي ادارو 1992ع کان شروع ٿيو جنهن کي 2014ع ۾ 22 سال ٿيا آهن. اداري جي قيام کان هن اداري جي پهرين مينيجنگ ڊائريڪٽر مرحوم پروفيسر انيتا غلام ٿي هئي. اداري جي قيام کان پوءِ انيتا غلام علي جنهن کي اسان سڀ انيتا آپا ڪري سڏيندا آهيون تنهن کي هڪ ڪمرو مليو هڪ ٽن ٽنگن واري پڳل ٽيبل ملي ۽ ٻه يا ٽي اسٽاف مليا هئا اهو سفر اتان شروع ٿيو اسان کي جيڪا پهرين انڊائومينٽ ملي جيڪا 2.5 ملين هئي سا ٻه اسان کي ڪافي عرصي کان پوءِ ملي. ۽ ڪيترن ئي مهينن تائين ايس اِي ايف جي اسٽاف کي پگهار ٻه نه ملي هئي ۽ اڄ الحمد الله فائونڊيشن تحت 27 سو 64 اسڪول هلي رهيا آهن. ساڍا ٽي لک ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. 8 هزار کان مٿي استاد اسڪولن ۾ پڙهائي رهيا آهن. ايس اِي ايف جي ڪراچي هيڊ آفيس کان سواءِ سيڃي ريجنز تائين 13 آفيسون آهن 500 تائين ملازم ايس اِي ايف سان وابسطہ آهن ته ظاهر آهي ته انهن 22 سالن ۾ ايس اِي ايف تمام ڊگهو سفر طئہ ڪيو آهي. ۽ ايئن ٻه ناهي ته ايس اِي ايف فقط اسڪول هلائيندي آهي يا اسڪولن کي سهائتا مهيا ڪندي آهي اداري ٽيڪنيڪل طور تي پڻ ترقي ڪئي جنهن ۾ استادن جي ڊويلپمينٽ (ترقي) لاءِ هڪ مخصوص شعبو آهي جنهن کي اسان لرننگ سپورٽ يونٽ (ايل ايس يو) چوندا آهيون، جيڪو استادن جي پيشيوراڻي تربيت ڪندو آهي ان سان گڏوگڏ پڙهائڻ جي طريقن، تدريسي طريقن جنهن کي اسان پيڊاگوجي (Pedagogy) چوندا آهيون ان اندر نون ۽ جديد طريقن کي استادن لاءِ متعارف ڪرائيندو آهي. ان ڪانسواءِ اسان وٽ ريسرچ جو شعبو آهي، مانيٽرنگ جوشعبو آهي، ايڊووڪيسي جو شعبو آهي، پبليڪيشن اسان جي آهي اسيسمينٽ جو شعبو آهي جنهن ۾ ٻارن جي تدريسي ڪارڪردگي جانچي ويندي آهي جنهن سان اسان کي خبر پوندي آهي ته اسان ڪيتري معياري تعليم پهچائي رهيا آهيون. ايس اِي ايف صوبي اندر هڪ متحرڪ ادارو آهي جيڪو پاليسي سازي تي پڻ ڪم ڪري رهيو آهي.

**سنڌ ٽي وي: 2.5 ملين جي بجيٽ کان توهان اسٽارٽ ورتو جڏهن انيتا آپا هئي هاڻي ڇا صورتحال آهي؟**

عزيز ڪاباڻي: جي هاڻي 2215 ملين جو بجيٽ آهي، جنهن جو مطلب آهي 2 اربن کان مٿي جو بجيٽ جيڪو ساليانہ آهي اها الڳ ڳالهہ آهي ته اهو اسان کي پورو ملي ٿو يا نه پر بجيٽ اهو ئي آهي ان جو وڏو حصو اسان کي ملي ٻه ويندو آهي پر پورو ملڻ ان لاءِ ضروري آهي ته مختلف پروگرامز جي ذريعي فنڊز ايندا آهن ۽










جيڪڏهن هڪ پروگرام جو فنڊ پورو اچي ٿو ۽ ٻئي جو اچي ٿي نه ٿو ته اهو پروگرام تمام گهڻو متاثر ٿيندو آهي

**سنڌ ٽي وي: ايس اِي ايف سنڌ ۾ ڪم ڪرڻ واري ٻين اين جي اوز کان مختلف ڪيئن آهي؟**

عزيز ڪاباڻي: اهو تمام دلچسپ سوال آهي، ايس اِي ايف بنيادي طور تي ڪا اين جي او ناهي ايس اِي ايف حڪومت سنڌ جو هڪ ادارو آهي. اسان جو هي ادارو نيم خودمختيار ادارو آهي اسان مڪمل طور تي خود مختيار ناهيون. ايس اِي ايف جي مينڊيٽ کي سمجهڻ ضروري آهي ايس اِي ايف کي بنيادي مينڊيٽ اهو آهي ته انهن علائقن ۾ تعليم کي پهچائڻو آهي جتي يا ته اسڪول ناهن يا جيڪڏهن آهن به اتي فنڪشنل ناهن ان سان گڏ تعليم جي رسائي کي ممڪن بڻائڻ آهي يعني نه ته اتي سرڪاري طور تي تعليم ميسر آهي ۽ نه نجي شعبي ذريعي تعليم ميسر آهي. ته جتي ٻارن کي تعليم ميسر ناهي اتي ايس اِي ايف کي تعليم پهچائڻي آهي اهو ايس اِي ايف جو مينڊيٽ آهي. جيئن ته اسان جو ادارو نيم سرڪاري ادارو آهي ان لاءِ اسان وٽ اها گنجائش آهي ته اسان نئين تعليمي طريقن يا جدتن وارو ماڊلز متعارف ڪرائي اسڪول هلايون. ۽ ايس اِي ايف ، اين جي او ناهي پر اين جي اوز کي سپورٽ ڪندي آهي اهڙن علائقن ۾ اسڪول کولرائڻ ۾ جتي اسڪول ناهن يا جتي ٻارن جي تعليم جي پهچ ناهي.

**سنڌ ٽي وي: هاڻي اچون ٿا 22 سالن جي ڪارڪردگي تي جيئن ته اوهان ٻڌايو ته شروعاتي بجيٽ 2.5 مان 2215 ملين تائين پهتو آهي ته ايس اِي ايف جي ڪارڪردگي ان حوالي سان ڇا رهي آهي ڇا ان ڪارڪردگي مان اوهان مطمئن آهيو ؟**

عزيز ڪاباڻي: جتوئي صاحب جيڪڏهن اوهان مون کان يا منهنجي ٽيم کان پڇندو ته اسين اوهان کي اهو ڪڏهن به نه چونداسين ته اسين مطمئن آهيون ڇو ته اسان جي سامهون ته اجان سفر هاڻي شروع ٿيو آهي.

**سنڌ ٽي وي: ڪو اهڙو ادارو ڪا ٿرڊ پارٽي يا ڪا آڊٽ جيڪا ٻڌائي ته ايس اِي ايف جو ڪم مطمئن جوڳو آهي؟**

عزيز ڪاباڻي: اسان جي ڪم مان سڀ کان وڌيڪ مطمئن اُهي آهن جن لاءِ اسان ڪم ڪري رهيا آهيون يعني اهي ٻار جن جو تعليم آئيني ۽ بنيادي حق آهي اسان انهن علائقن ۾ اسڪول کولرائي ۽ هلرائي ڏيکاريا آهن جتي اسڪول ممڪن ئي نه هئا منهنجي دلي خواهش آهي ته مان پنهنجي اسڪولن بابت ڪا به راءِ نه ڏيان. هڪ خود مختيار باڊي جڙي جيڪا انهن علائقن ۾ وڃي ۽ پاڻ ڏسي اچي ته آيا اهي اسڪول هلي رهيا آهن يا نه. مان توهان کي دعويٰ سان چوندس ته ايس اِي ايف جا 60 سيڪڙو اسڪول اهڙن علائقن ۾ جتي آبادي وڏي مشڪل سان نظر ايندي جڏهن توهان سفر ڪندا هلندو ته توهان کي لڳندو ته هاڻي آبادي ختم ٿي وئي آهي پڪا روڊ ۽ رستا به نه ملندا پر ٿورو اڳتي هلي ڪري توهان کي ٿوري آبادي نظر ايندي جتي توهان کي فقط ايس اِي ايف جو اسڪول نظر ايندو. اتي نجي اسڪول ناهن ڇو ته نجي اسڪول اتي هوندا آهن جتي ڪين ٿوري منافعي جي اميد هوندي پر اسان اهڙن علائقن ۾ اسڪول کولرايا آهن جتي غربت ان حد تائين پکڙيل آهي جو جتي ٻه وقت ڪاڌ لاءِ به شايد نه ٿي ملي. سو اتي نجي سيڪٽر جو وڃڻ ته ممڪن ناهي ۽ اهڙي ڏورانهن علائقن ۾ ته حڪومت به اسڪول قائم ناهي ڪندي.

**سنڌ ٽي وي: ٿرڊ پارٽي ايوالئيشن جي اوهان ڳالهه ڪئي ان بابت ڇا ٻڌائيندا؟**

عزيز ڪاباڻي: اسان جا ٽي آبجيڪٽوز هئا هڪ پهچ يعني ٻارن جي اسڪولن تائين رسائي ٻيو هو معيار ۽ ٽيون هيو ڪاسٽ افيڪٽوٽي يعني گهٽ پئسن جو استعمال ڪري معياري تعليم ڏياري وڃي ته اسان جي اسڪولن ۾ ڪوالٽي جو به خيال رکيو ويندو آهي. ٿرڊ پارٽي بابت آئون ٻڌائي رهيو هوس ته جڏهن اسان جو پي پي آر ايس پروگرام شروع ٿيو هو ته ورلڊ بئنڪ پاران هڪ ريسرچ ڪئي وئي هئي ڪولمبيا يونيورسٽي ان ريسرچ جا جيڪي نتيجا هئا سي سنڌ صوبي لاءِ فخر جي ڳالهه هئا. انهن چيو هو ته ايس اِي ايف جي پي پي آر ايس پروگرام ۾ پارٽيسيپيشن يعني ٻارن جي شرڪت ۽ معيار جي حساب سان نه فقط سنڌ پر ان وقت انهن جيڪي پروگرام دنيا ۾ ڪور ڪيا هئا تن ۾ اهو پروگرام بيسٽ ظاهر ٿيو اها ڳالهه 2010 ع جي آهي ۽ ان ڳالهه اسان کي تمام گهڻو حوصلو ڏنو هو ته اسان اجا وڌيڪ محنت سان ڪم ڪيون پر جيئن مون پهرين چيو ته اسان کي اجان گهڻو اڳيان وڃڻو آهي ۽ اسان پنهنجي اداري ۾ اهو عهد ڪيو هو ته اسان پنهنجي تمام پروگرامز کي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار ماڊل اسڪول بڻائي ڏيکارينداسين. ۽ اهي به انهن علائقن ۾ جتي اسڪولن جو تصور به ناهي مان ائين نه ٿو چوان ته مان ڪراچي ۾ ماڊل اسڪول تيار ڪري ڏيکاريندس مان اهو به نه ٿو چوان ته اسان حيدرآباد، نوابشاهه يا سکر ۾ ماڊل اسڪول تيار ڪري ڏيکارينداسين انهن علائقن جي اندر جتي اسڪولن جو تصور ناهي يا انهن علائقن ۾ جيڪي ڪڏهن به توهان جي سفري منصوبي ۾ ايندا ئي ناهن اهي ايترا ڏور آهن جهڙوڪر، ٿر ٽي ويو ، ننگر، چوهڙ جمالي يا ان کان اڳتي نڪري پوري ساموندڙي پٽي وارا علائقا يا اوهان ٿرپارڪر يا سانگهڙ يا ڪيرو کان اڳتي وارا علائقا وٺو، زيرو پوائنٽ وٺو جتي انڊيا پاڪستان بارڊر لڳندو آهي يا توهان خيرپور طرف فيض گنج، نارو جيڪي علائقا آهن اهي اسان جا ٽارگيٽ هئا . باقي نجي اسڪول گهٽ ۾ گهٽ ان معيار تي هلن ٿا يعني لو ڪاسٽ واري فارمولي تي جن کي اجان وڌيڪ بهتر بڻائڻو آهي جنهن لاءِ اسان کي اجان تمام گهڻو ڪم ڪرڻو آهي ۽ اهو ٽارگيٽ ناهي جو جيڪو هڪ يا ٻن سالن ۾ ٿي وڃي ڇو ته اوهان 500 اسڪول ٻن سالن اندر کولي ڇڏيندو پر انهن کي معياري اسڪول بڻائڻ لاءِ اوهان کي ڏهاڪي يا ٻن ڏهاڪي کن جو عرصو گهرجي ٿو.

**سنڌ ٽي وي: هن ٻن ڏهاڪن ۾ توهان ڇا ٿا سمجهون ته 2724 اسڪولن ۾ ڪيترا معياري يا ماڊل اسڪول آهن توهان جي نظر ۾؟**

عزيز ڪاباڻي: هن وقت اسان وٽ الحمد لله گهٽ ۾ گهٽ هڪ اندازي مطابق پيو ٻڌايا ته 300 اسڪول معياري آهن.

**سنڌ ٽي وي: مطلب ته اهي 300 اسڪول جڏهن به وزٽ ڪجن ته کليل ملندا ۽ نصاب لاڳو هوندو؟**

عزيز ڪاباڻي : اهو معيار ناهي ائين ته اسان جا ٽي هزار اسڪول هلي رهيا آهن



يعني اسڪول ڪليل ملندو ۽ ٻار پڙهي رهيا هوندا استاد موجود هوندا.... بلڪ معيار اهو آهي ته جڏهن اوهان ان اسڪول جو مڪمل جائزو وٺندو يعني ٻارن جي سکڻ جي عمل کان وٺي اسڪول جي عمارت تائين ته اتي توهان کي نظر ايندو ته معيار ڇا آهي ۽ اهو اسڪول ڪنهن چڱي ڀلي نجي اسڪول سان مقابلي ۾ نظر ايندو اهو آهي اسان وٽ معيار جي تعريف ۽ جيڪا معيار جي تعريف اوهان پيا ٻڌايو ته ان مطابق اوهان کي اسان جا ٽي هزار اسڪول فنڪشنل ملندا استاد ۽ شاگردن موجود هوندا، پڙهائي هلندڙ هوندي ٻار ڪان ڪتاب وٺي ڪجھ پڇندو ته هو اوهان کي گھٽ ڪجھ ٻڌائي ويندا.

**سنڌ ٽي وي: 2215 ملين بجٽ هوندي به 2724 اسڪولن مان هزار ڏيڍ فنڪشنل اسڪول ملندا ان جو مقصد ته 100 سيڪڙو فنڪشنل اسڪول به ناهن؟**

عزيز ڪاباڻي: تمام سٺو سوال توهان پڇيو ، مان توهان کي معيار جي حوالي سان سوال جو جواب ڏنو هو فنڪشنل هجڻ جو نه ها هاڻي اچون ٿا ته فنڪشنل اسڪول ڪيترا آهن ته الحمد لله 90 سيڪڙو اسڪول فنڪشنل آهن جڏهن 10 سيڪڙو نان فنڪشنل آهن اهي ڇو نه ٿا ٿي سگهن. پڇو ته ڇو نه ٿا ٿي سگهن؟

**سنڌ ٽي وي : جي ڇا سبب آهن ڇو نه ٿا ٿي سگهن؟**

عزيز ڪاباڻي: ان جو جواب تمام سادو آهي فنڪشنل نه هجڻ جا ٻه سبب آهن هڪ سبب اهو ته اسان جي ڪجھ پروگرامز کي ڪڏهن به مڪمل فنڊ ناهي مليو پوئين سال اسان جي ٽن پروگرامز جا 50 سيڪڙو فنڊ ڪٽيا ويا بغير ڪنهن وجھ جي ۽ نه ئي ان جي ڪاوجھ ٻڌائي وئي ۽ اوهان کي به خبر آهي ته اتي سبب يا وجھ نه ٻڌائي ويندي آهي. ۽ غور طلب ڳالھ اها ته اهي اسڪول مڪمل انحصار ٿا ڪن اسان جي مالي سهائتا يا مدد تي ۽ انهن اسڪولن کي اجازت ناهي ته اهي ٻارن کي ڪنهن به مدَ ۾ فيس وٺن، ان لاءِ اسان اسڪولن جي ٻاهران جيڪي بورڊ لڳرايا آهن تن ۾ اهو واضح لکرايو آهي ته اهي اسڪول حڪومت سنڌ جي تعاون سان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ذريعي هلي رهيا آهن ۽ اتي مفت تعليم مهيا ڪئي ويندي آهي جيڪڏهن اسڪول وارا فيس وٺن ته اسان سان رابطو ڪريو. ته اهي اسڪول مڪمل اسان تي انحصار ڪن ٿا ۽ جڏهن انهن کي پيسا ناهن ملندا ته اهي پنهنجي سروائيول لاءِ ڪوششون ڪن ٿا انهن ۾ وڏا اسڪول ته سروائيو ڪري وڃن ٿا جو انهن کي هر ٻار هر مهيني سبسڊي ڏيندا آهيون جڏهن ته ننڍا اسڪول ان سبسڊي مان بچت ناهن ڪري سگهندا ته اسان انهن اسڪولن کي ٻيهر ريوائيو ڪرائيندا آهيون جو اسان انهن اسڪولن کي ڇڏڻ ناهيون چاهيندا. اهو سبب آهي جو اهي 10 سيڪڙو اسڪول نان فنڪشنل آهن ۽ ٻيو سبب آهي موسمن جي تبديلي جڏهن دريا پنهنجو رخ تبديل ڪندا آهن ته ڪميونٽيز اتان لڏپلاڻ ڪنديون آهن عمارتون تباھ ٿي وينديون آهن ۽ ٽيون وڏو مسئلو ڪميونٽيز (قبيلن) جو جهيڙو ۽ اوهان سنڌ جي علائقن جي صورتحال کان مون کان وڌيڪ واقف آهيو جيڪڏهن هڪ ڳوٺ ۾ به مختلف قبيلا رهن ٿا ۽ اتي اسڪول ۾ هڪ ڪميونٽي جا 50 ٻار ۽ 20 ٻار ٻي ڪميونٽي جا آهن ۽ استاد ٽين ڪميونٽي جو ته توهان سمجهي سگهو ٿا

**سنڌ ٽي وي: مطلب ته 100 سيڪڙو اسڪول فنڪشنل نه ٿا ٿي سگهن.**

عزيز ڪاباڻي: ڏسو اهو ته هڪ هلندڙ ڪم جيان آهي باقي 90 سيڪڙو لاءِ ته توهان مطمئن ٿي وڃو ته اهي جڏهن به توهان ڏسندو ته توهان کي فنڪشنل ملندا باقي وقت سر 10 سيڪڙو به سيٽ ٿيندا ويندا.

**سنڌ ٽي وي: مطلب ته اسان يا اسان جا ايجوڪيشن بيٽ جا صحافي پنهنجا مائڪ ۽ ڪيمرائون کڻي توهان جي 90 سيڪڙو اسڪولن ۾ ڪڏهن به وڃن ته اهي اسڪول انهن کي فنڪشنل ملندا**

عزيز ڪاباڻي: جي ها

**سنڌ ٽي وي: هاڻي اچون ٿا ڪجھ ٽيڪنيڪل پاسن تي اهو ٻڌايو ته توهان جي اسڪولن لاءِ ڪجھ مفاصلو طئه ٿيل آهي اهو ڪيترو آهي ۽ جيترو طئه ٿيل آهي اهي اسڪول ان تحت ٺهيا ڪلن ٿا يا ڪمپرومائيز به ٿيندو آهي؟**

عزيز ڪاباڻي: جي اهو مفاصلو 1.5 ڪلوميٽر ايوريج آهي ۽ سيڪنڊري لاءِ مختلف هوندو آهي. اهو تمام حساس سوال آهي جنهن تي ايس اي ايف تي تنقيد ڪئي ويندي آهي ان مفاصلي تي ڪجھ ڪمپرومائيز به ٿيندو آهي ته ان سوال جو جواب ڏيڻ کان پهرين مان توهان کي هڪ اهم ڳالھ ٻڌائڻ گهران ٿو جيڪا عوام تائين پهچڻ گهرجي ته اسان تجويز ڏني آهي ته ايندڙ سال کان اسان علائقي طور تي ڪم نه ڪنداسين پر اسان آئوٽ آف اسڪول ٻارن تي ڪم ڪنداسين جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ 6 اسڪول به آهن اتي 70 ٻار آئوٽ آف اسڪول آهن ته اسان اتي اسڪول کوليندا سين، اها تجويز اسان بورڊ ۾ پيش ڪنداسين ۽ اسان کي اميد آهي ته اها تجويز مڃي ويندي ڇو ته 3 سالن ۾ هڪ ملين ٻارن جو ٽارگيٽ رکيو آهي ڇو ته اسان اهو ڪري سگهون ٿا. ڇو ته اسان ساڍا 3 لک ٻار انهن علائقن ۾ آڻي سگهون ٿا جتي اسڪول جو تصور به نه هو ته اسان اهو ٽارگيٽ حاصل ڪري سگهون ٿا.

**سنڌ ٽي وي : سائين معذرت سان ته اهي ساڍا 3 سو ٻار فقط انرولمينٽ جا انگ اکر آهن ؟ يعني انرول ٿي ويا ڳالھ ختم جان ڇڏي؟**

عزيز ڪاباڻي: سائين منهنجا اسان انرولمينٽ کي مڃڻ وارن منجهان نه آهيون ئي ڪونه. اسان هيڊ ڪائونٽ تي يقين رکندا آهيون. اهي 3 لک ٻار انرولڊ ناهن اهي هيڊ ڪائونٽ آهن.

**سنڌ ٽي وي: توهان علائقن جي ڳالھ پئي ڪئي؟**

عزيز ڪاباڻي: جي علائقن / جڳھ جو معاملو ڇا ٿيو هو جو جڏهن اسان 09_2008ع پروگرام شروع ڪيا هئا ته ورلڊ بئنڪ جي تعاون سان اسان جو پهريون پروگرام انهي ماڊل تحت شروع ٿيو ته ان وقت اسان ورلڊ بئنڪ جي فني معاونت سان "جي پي ايس ڊوائس متعارف ڪرايا.جي پي ايس جي ذريعي اسان اسڪول جي لوڪيشن



ڪي رڪارڊ ڪندا آهيون هي ڊوائس سيٽلائيٽ سان لاڳاپيل آهي. ان زماني ۾ جيڪي ڊيٽا گڏ ڪئي سا ٽئين ڌر کان ڪرائي جيڪي اسان ٻاهران نه پر ريسرچ فرمز جيڪي آزاد هونديون آهن ٻاران ڪيون ويون ۽ ڪجھ غلطيون سامهون آيون ۽ ڪافي سارا اسڪول غلطي ۾ کليا. اڳئين سال وري آئي اي ايل پي سان به ايئن ئي ٿيو ۽ اسڪول کليا. ٻي غلطي ٿي جڏهن ڪميونٽي ۾ سروي ٿي ته ڪميونٽي وارن چيو ته اسان وٽ اسڪول ناهن ته اتي غلطي سان اسڪول کليا ان جو سبب اهو به هو ته سرڪاري اسڪول ڪافي عرصي کان بند پيل هوندا هئا ان لاءِ به ڪميونٽي جي ماڻهن چيو ته اسان وٽ اسڪول ناهي جنهن سبب انهن بند پيل سرڪاري اسڪولن پرسان اسڪول کوليا ويا پر پوءِ پي پي آر ايس جي پروگرام جي ٽيئن مرحلي جي 70 اسڪول بندڪياسين جنهن جو سبب پڻ اهو ئي هو. هن وقت اسان سنڌ سرڪار سان ڳالھ ڪئي آهي پيچوهو صاحب ۽ منسٽر صاحب سان ڳالھ ڪئي ته ڏسو مسئلو ڪنهير آهي بيشڪ اتي سرڪاري اسڪول موجود آهن پر سالن کان بند آهن ۽ توهان انهن کي ڪلوز ڊڪليئر به نه ٿا ڪري سگهو خير مان ان مسئلي تي نه ڳالهائيندس جو اهو سندن مسئلو آهي اسان کين چيو ته مهرباني ڪري جيڪو اسڪول ٽن اڪيڊمڪ سالن کان بند پيل آهن اتي اسان کي اسڪول کولڻ جي اجازت ڏيو ته انهن خوشي سان اجازت ڏني، سو هاڻي ويجهڙ ۾ جتي اسڪول سليڪٽ ٿيا اتي پڻ اسڪول موجود هئا اسان سروي ڪيو جنهن کي آر ايس يو سروي ڪيو ان جو ذيلي ادارو ايل ايس يو آهي ان سروي ڪيو ۽ سيني تصديق ڪئي ته موجود اسڪول سالن کان بند پيل آهن، لحاظ اسان جا اسڪول اهڙين جاين تي کلي رهيا آهن.

**سنڌ ٽي وي : جيئن تہ توهان فرمايو تہ اوهان پنهنجي اسڪولن ۾ معياري تعليم مهيا ڪري رهيا آهيو ۽ جيستائين مون کي معلومات حاصل ٿي آهي تہ اوهان آڪسفورڊ جو نصاب پڙهائي رهيا آهيو، جيڪو هڪ وڏو سواليا نشان آهي منهنجي اڳيان تہ توهان اها بہ ڳالهہ ڪريو پيا تہ اوهان اهڙن ريموٽ ايرياز ۾ وڃي اسڪول کوليا آهن جتي آبادي گهٽجي ٿي وڃي نہ هجڻ جي برابر آهي جنهن جو مثال ٿر، دادو، شڪارپور، لاڙڪاڻي يا جيڪب آباد جا اها علائقا جيڪي اڄ تائين بنيادي سهولتن کان وانجهيل آهن پوءِ اتي توهان کي آڪسفورڊ جو نصاب پڙهائڻ وارا استاد ڪٿان مليا؟**

عزيز ڪاباني: ان سلسلي ۾ مان اوهان کان سوال پڇان؟ اوهان کي ايئن لڳندو آهي تہ انهن علائقن جو ٻار ڪراچي، لاهور، اسلام آباد جي ٻار کان فطري ذهانت ۾ پوئتي آهي؟ ڇا ٻنهي ٻارن جي فطري ذهانت ۾ ڪو فرق آهي؟

**سنڌ ٽي وي : نہ سر ٻنهي ۾ جي فطري ذهانت ۾ ڪا بہ ڪمي ناهي الله سائين فطرت سڀني ٻارن ۾ هڪجهڙي رکي آهي**

عزيز ڪاباني : that's the Plus point اِها اهو نقطو آهي جتان اميد جاڳي ٿي ڇا هو جو مرحوم پروفيسر انيتا غلام علي سان ان مسئلي تي تمام گهڻو بحث مباحثو ڪيو ۽ اسان وٽ ڪنهن بہ ڪم جي شروع ڪرڻ کان اڳ ان جي هر پهلو تي غور و فڪر ۽ ڳالهہ ٻولهہ بحث مباحثو ڪري ڪا حتمي راءِ جوڙي پوءِ ئي ڪم کي اڳتي وڌايو ويندو آهي هاڻي مسئلو فطري ذهانت جو نہ رهيو پر مسئلو رهيو تہ آڪسفورڊ نصاب پڙهائڻ لاءِ استاد ڪٿان اچن. ان مسئلي تہ جيئن مون اوهان کي



اڳ ٻڌايو تہ اسان جو پروفيسر انيتا غلام علي سان بحث مباحثو رهيو تہ آپا اسان کي چيو تہ جهڙي هتان جي ٻارن جي اکين ۾ سکڻ جي حوالي سان چمڪ آهي سا دنيا جي هر ڪنڊ جي ٻارن ۾ موجود آهي اهڙي طرح استادن ۾ بہ سکڻ جي صلاحيت موجود آهي پر شرط اهو آهي تہ انهن تي ٿوري محنت جي ضرورت آهي جيڪي اهو نصاب پڙهائن ٿا سي ڪنهن ٻئي سياري منجهان ڪونہ آيا آهن. اُهي بہ هن دنيا جا ماڻهو آهن. تنهنڪري اسان کي انهن مقامي استادن سان گڏ محنت ڪرڻي پوندي انهن استادن کي تربيتون ڪرائي سيکاريو ويندو پوءِ هو سمجهي ڪري پلي پنهنجي ئي زبان ۾ ٻارن کي سيکارين ٻارن اڳيان نصاب رکيو ويندو تہ اهي انهن کي ڏسندي ڏسندي بہ سمجهي ويندا اهو مفروضو پروفيسر انيتا غلام علي جو هيو جنهن کي اسان عملي جامعو پهرايو. اسان استادن لاءِ تمام گهڻي محنت ڪئي اسان هر سال استادن تي 3 کان 4 ڪروڙ رپيا سندن تربيتن تي خرچ ڪندا آهيون ان لاءِ 8 ڏينهن جي 3 ڏينهن جي ۽ جاري رهندڙ ايف ايس وي ٿيندي رهندي آهي. ان کان سواءِ سندن اسڪولن ۾ وڃي سندن مينٽرنگ پڻ ڪندا آهيون ۽ هاڻي اسان سبجيڪٽ اسپيسفڪ تربيتون پڻ شروع ڪرائڻ پيا وڃون.

**سنڌ ٽيو وي : توهان سان وڏي معذرت سان تہ اٺن يا ڏهن ڏينهن جي تربيت ڪانپوءِ ڪير بہ آڪسفورڊ جو نصاب نہ ٿو پڙهائي سگهي آئون بہ پڙهائي نہ ٿو سگهان؟**

عزيز ڪاباني: ڏسو آءُ ٿو ٻڌايان اوهان کي تہ فقط 8 يا 10 ڏينهن جي تربيت ناهي هوندي مگر ان جو مڪمل فالو اپ بہ هوندو آهي جنهن کي اسان فيلڊ سپورٽ وزٽ (ايف ايس وي) چوندا آهيون ان کانسواءِ انهن جا ريفريشر بہ ٿيندا آهن باقي اوهان جي ڳالهہ کي مان بہ مڃان ٿو تہ اٺن يا ڏهن ڏيهن جي تربيت تي ڪو ماڻهو استاد نہ ٿو ٿي سگهي يا هو ميٽ نہ ٿو پڙهائي سگهي.

**سنڌ ٽي وي: ۽ خاص طور تي جڏهن هو ميٽرڪ پاس هجي؟**

عزيز ڪاباني: جي بلڪ اسان وٽ 8 درجا پاس بہ استاد آهن جن تي اسان محنتون ڪيون آهن جيڪي آڪسفورڊ جو نصاب پڙهائي رهيا آهن ۽ وڏي ڳالهہ اها بہ آهي تہ انهن استادن جو چوڻ آهي تہ "اسان بہ پڙهي رهيا آهيون" جيڪا تمام مثبت ڳالهہ آهي جو جيڪر استاد پاڻ نہ ٿو پڙهي تہ اهو ڪنهن ٻئي کي پڙهائي نہ ٿو سگهي.

**سنڌ ٽي وي: ڇا اوهان کي نہ ٿو لڳي تہ مفروضي جي بنيادن تي ڪيل ڪم ان جو output نظر نہ ٿو اچي؟**

عزيز ڪاباني: ايئن نہ آهي هوئن بہ اسان تمام گهڻو اڳتي جو سوچي رهيا آهيون اسان جو اسٽينڊرڊ تمام گهڻو هاءِ آهي جنهن جو اسان سوچي رهيا آهيون ۽ اسان تہ چاهيون ٿا ڪجهہ ٿيو ٿا.

**سنڌ ٽي وي: چاهت ۽ حقيقت ۾ فرق آهي**

عزيز ڪاباني: جي ها چاهت ۽ حقيقت جي وچ ۾ جيڪو رستو آهي اهائي تہ زندگي آهي نہ تہ ڪجهہ بہ نہ رهندو.

**سنڌ ٽي وي: استادن جي پگهارن جي حوالي سان ڪين ٽي ٽي چار چار مهينا پگهارون ليٽ ملنديون آهن ان حوالي سان اوهان ڇا چوندا؟**

عزيز ڪاباني: جي جنهن پروگرام جا پيسا حڪومت پاران اسان کي ملي ويندا آهن تہ اهي اسان ٽائيم تي استادن کي پگهارون ڏيندا آهيون پر جن پروگرامن جا پيسا حڪومت مهيا ناهي ڪندي تہ اهي مسئلا پيش اچن ٿا ۽ ان لاءِ اسان 2012ع ۾ بورڊ آف گورنرنينس ۾ درخواست ڏني تہ اسان کيendowment ڏين ۽ اسان 5 ارب رپين جي انڊومينٽ منظور ڪرائڻ لاءِ چيو جنهن جومقصد فقط استادن کي وقت سر پگهارون ڏيڻ آهي. ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڪنهن اسڪول جو ٻيڙو ٻوڙڻو آهي تہ اتان جي استادن کي ڊي موٽيويٽ ڪيو اسڪول پاڻ تباهہ ٿي ويندو. يعني اسان سرڪار طرفان آسري ۾ هوندا آهيون تہ اهي پروگرامز جا پيسا جاري ڪن ۽ اسان استادن کي پگهارون ڏيون. ۽ ان عرصي دوران اسان ٽيچرز سان رابطي ۾ رهندا آهيون ڪين چوندا رهندا آهيون تہ توهان ٻارن کي پڙهائيندا رهو توهان کي پگهارون ملي وينديون ۽ اهي مرحلہ اسان لاءِ انتهائي مشڪلاتن وارا هوندا آهن پرجيڪڏهن اسان کي انڊومينٽ جو 20 کان 25 سيڪڙو بہ ملي وڃي ها تہ اسان کي مسئلا نہ پيش اچن ها.

**سنڌ ٽي وي: حڪومت پاران توهان سان ڪيترو تعاون آهي؟ خاص طور بجيٽ جي حوالي سان.**

عزيز ڪاباني: جي، وزير اعليٰ صاحب اداري جا چيئرمين آهن انهن جو اسان سان سٺو ڪو آپريشن آهي تعليم جو وزير اسان جو وائيس چيئرمين آهي جنهن سان پڻ اسان وجهڙائي ڪم ڪري رهيا آهيون. سيڪريٽري تعليم اسان بهتر انداز ۾ ڪم ڪري رهيا آهن اسان جو ايڊاپٽ اي اسڪول پروگرام سندن تعاون سان هلي رهيو آهي.

**سنڌ ٽي وي: ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ اوهان اداري کي ڪٿي پيا ڏسو ۽ توهان ڪيترا اسڪول کولي رهيا آهيو؟**

عزيز ڪاباني: اسان هاڻي اسڪول طرف نہ پيا وڃون هاڻي اسان جو ٽارگيٽ آهن اسڪول کان ٻاهر ٻار (out of school children) اگر ٽن سالن ۾ 10 لک ٻار 200 اسڪولن ۾ اچن ٿا تہ ٺيڪ آهي جيڪڏهن 1500 اسڪولن ۾ بہ اچن ٿا تہ بہ ٺيڪ آهي. هاڻي اسان جو مقصد فقط اسڪول کان ٻاهر جا ٻار آهن ۽ جيڪڏهن بورڊ مڃي ٿو وٺي وري ساڳئي ڳالهہ جيڪو اسان چاهيو آهي . هاڻي ڳالهہ وڃي اتي بيهي ٿي تہ اپروول ڪپي، ريسورس ڪپن، هينئر جيڪي ريسورسز آهن اهي آهن 2 ، سوا 2 لک يا وڌ ۾ 3 لک ٻارن لاءِ پر جيڪڏهن 5 لک ٻارن جي ڳالهہ ڪبي تہ ان لاءِ وڏيڪ ريسورس گهربل هوندا. انشاءَ الله اسان جون اهي ڪاوشون رنگ آڻينديون اسان جو ادارو سنڌ ۾ تعليم جي حوالي سان تاريخ رقم ڪندو.

# استاد جي اندر ۾ هڪ آرٽسٽ وبل هوندو آهي

پروفيسر محمدانور فگار هڪڙو



### مختصر تعارف:

محمد انور فگار هڪڙو، شڪارپور جي علمي ۽ ادبي گهراڻي سان تعلق رکن ٿا. پاڻ ايم اي سنڌي، سنڌ يونيورسٽي مان 1986ع ۾ ڪئي ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي مان 1996ع ۾ پي ايچ ڊي ڪئي. آگسٽ 1997ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي سان وابسط ٿيا ۽ هينئر سنڌي شعبي ۾ بطور پروفيسر ۽ ڊيپارٽمينٽ هيڊ جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن.

### سجاڳ سٽ: اوهان جو مڪمل تعارف

منهنجو نالو محمد انور والد جو نالو محمد صديق ذات هڪڙو، ذاتي طور تي اسان هڪڙا سڏيا ويندا آهيون، اسان جو تاريخي پسمنظر آهي:

”هاڪ وهندو هاڪڙو پچندي ٻنڌ اروڙ
بيهه مڇي، لوڙهه سمين ويندا سوڪڙي “لطيف“

اسان جا وڏا اروڙ کان شڪار پور ۾ آيا ۽ اڄ تائين اسان اتي آباد آهيون. منهنجو خاندان علمي ۽ ادبي خاندان رهيو آهي. اهو سلسلو مون تائين آيو، منهنجي اندر ۾ استاد هو جيڪو وڌنو رهيو جنهن جي آبياري ڪرڻ مان ضروري سمجهي، الله سائين کان اميد آهي ته مان سٺو استاد ٿي سگهان. منهنجي زندگي جو مقصد پڙهڻ ۽ پڙهائڻ به آهي، منهنجي شروعاتي تعليم پنهنجي والد صاحب جي شفقت ۾ ٽيئن درجي تائين ٿي جو والد صاحب گذاري ويو، مون پرائمري تعليم انهيءَ اسڪول ۾ پوري ڪئي ۽ منهنجي والده صاحبہ منهنجي تعليم ۽ تربيت جو ذمو کنيو ۽ پي ايچ ڊي تائين ان جون شفقتون مون مٿان رهيون. منهنجي وڏي ڀاءُ جو ان سلسلي ۾ تمام گهڻو ساٿ رهيو جنهنجو مان جيترو به ٿورو مڃان مان اهي ٿورا لاهي نه ٿو سگهان. مون سيڪنڊري تعليم گورنمينٽ شاهه عبداللطيف هاءِ اسڪول شڪارپور مان ورتي ۽ شاهه عبداللطيف ڪاليج ۾ پڙهيس ۽ ايم اي سنڌي مون 1986ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي. جڏهن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي فل فليج ٿي ته منهنجو شوق ٿيو ته مان پي ايچ ڊي اتي ئي ڪيان. پهرين ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ جي رهنمائي ۾ شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو جي عنوان تي مون ريسرچ شروع ڪئي، ان دوران ڊاڪٽر صاحب جي فوتگي ٿي پئي ته يونيورسٽي پاران ڊاڪٽر تنوير عباسي منهنجو رهنما مقرر ٿيا، ڊاڪٽر تنوير صاحب جي رهنمائي ۾ منهنجو تحقيقي مقالو پورو ٿيو ۽ 1996ع ۾ مون کي پي ايچ ڊي ايوارڊ سان نواز ويو. 1997ع ۾ سنڌي ڊيپارٽمينٽ اچي جوائن ڪئي.

ان کان پهرين 1978ع ۾ مان پرائمري استاد مقرر ٿيس 1995 ۾ ايچ ايس ٽي مقرر ٿيس هاءِ اسڪول نمبر 2 ۾ استاد پرتي ٿيس ۽ آگسٽ 1997ع ۾ سنڌي

شعبو جوائن ڪيو ۽ هيئنر مان سنڌي ڊيپارٽمينٽ ۾ بطور پروفيسر ۽ ڊيپارٽمينٽ هيڊ جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهيان.

## سجاڳ سٽ: هن وقت تائين توهان جا تحقيقي پيپر ڇاپا تي اچي چڪا آهن؟

سائين منهنجي تحقيق جو شروعاتي محور شڪارپور جي علمي، ادبي ۽ سماجي تاريخ تي رهيو آهي پر مان خود ادبي ماڻهو رهيو آهيان ۽ مون اڃ تائين شڪار پور کي ڇڏيو ناهي ڇو ته شڪار پور هڪ اهڙو تاريخي شهر آهي جنهن ۾ تعليمي، تدريسي، سماجي، اقتصادي ۽ اخلاقي تاريخ آهي. هونئن ته شهر جي عمر چار صديون آهي پر ان ۾ ايترو ته علمي ۽ ادبي ذخيرو موجود آهي ۽ شڪار پور تي تحقيق جي لاءِ ۽ سچ پچ ته منهنجي زندگي ٿورڙي آهي بقول شيخ اياز جي ته "شڪارپور شهر ناهي ذهني ڪيفيت آهي" ته مون کي شڪار پور جي ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي، علميت، مطالعو، شوق، شغف اڃا تائين ايترو پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿا جو مان اڃا تائين ان تي تحقيق ڪرڻ گهران ٿو ۽ جڏهن کان مون سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو آهي تڏهن کان مون کي اهو محسوس ٿي رهيو آهي ته منهنجو فرض آهي ته مان سنڌي ادب تي وڌيڪ توجهه ڏيان. مون ادب جي پهلوئن تي پنهنجي وس آهر ڪجهه ڪم ڪيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪاميابيون به حاصل ٿيون آهن. جيئن شيخ صاحب جي جنم جي تاريخ 23 مارچ هئي پر منهنجي تحقيق اهو ثابت ڪيو ته 2 مارچ آهي 23 مارچ ناهي. ٻي تحقيق شڪارپور جي پهرين سنڌي صحافي مخلص علي علوي جي مزار بابت هئي ته سندس مزار شڪارپور ۾ آهي. سندس مزار مون دريافت ڪري ان جو ثبوت پيش ڪيو. مخلص علوي پهريون سنڌي صحافي هو اسان جي قوم فخر ڪري ٿي ته اسان وٽ ان جا اهڃاڻ موجود آهن ۽ شڪارپور کي اهو اعزاز حاصل آهي ته سنڌ جو پهريون صحافي به شڪار پور جو آهي. ٽين تحقيق ترقي پسند تحريڪ جي شروعات بابت ڪئي ته اها تحريڪ شڪارپور مان ٿي ۽ پهرين ڪانفرنس ٽيڪارام سخن جي صدارت ۾ ٿي. ترقي پسند تحريڪ جا جيڪي سلسلا آهن تن کي مون واضح ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي آهي ان ۾ مون ڪجهه نه ڪجهه ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. تاريخي لحاظ کان نئين سنڌ لاءِ جيڪا جدوجهد ٿي ان جي شروعات کي مون وڌيڪ واضح ڪيو آهي. بهرحال ادبي لحاظ کان مون تذڪره نويسي تي ڪم ڪيو آهي، تاريخ جي مختلف پهلوئن تي، شخصيتن تي ۽ پنهنجي پڙهندڙن جو ٿورائتو آهيان جن مون کي پڙهيو ۽ مون کي مان ڏنائون ۽ منهنجي achievements کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو آهي.

## سجاڳ سٽ: اوهان جو ننڍپڻ ڪيئن گذريو؟

جيئن ته منهنجي ننڍپڻ ۾ ئي منهنجو والد صاحب گذاري ويو ته منهنجي والده ۽ چاچي خدابخش جي مون تي نظرداري رهي ۽ اسان جي خود انتظامي گهر جي حوالي سان جيڪا رهي آهي سان ڏاڍي سخت رهي آهي ۽ self_discipline پيدا ڪرڻ لاءِ منهنجي والده صاحبه، چاچي ۽ منهنجي ڀاءُ محمد اڪبر صاحب جن مون تي تمام گهڻو توجهه ڏني ان ڪري مون کي راندين روندين جو ڪو گهڻو موقعو نه مليو. اسان جي گهر ۾ جيڪا وڏن جي لائبريري قائم آهي تنهن سان مون کي هميشه کان چاهه رهندو پيو اچي ۽ مان ان مان ڪتاب پڙهندو رهندو هيس، ان ڪانسواءِ جڏهن شعور وارو ٿيس ته مون کي پنهنجي financial problems جي حل لاءِ مختلف قسم جون نوڪريون پڻ ڪرڻيون پيون. مون کي منهنجي والده صاحبه يا چاچي اهو ڪڏهن به درس نه ڏنو ته ڪنهن جي اڳيان ويچارو ٿي ٻيهجي بلڪ پنهنجي پيرن تي پاڻ بيهجي سو مان مزدوري تائين به ويس ۽ انهي تجربن تي مون کي فخر آهي انهن ڳالهين تحت جيڪو منهنجو مشاهدو وڌايو ۽ مون کي جيڪو تجربو حاصل ٿيو مان چاهيان ٿو ته نوجوانن کي هر لمحي لاءِ پنهنجو پاڻ کي آزمائڻ کپي نوجوانن کي به گهرجي ته انهن کي اهي تجربا ڪرڻ گهرجن ته غريب ماڻهو ڪهڙي نه دردن ۽ تڪليفن ۾ رهن ٿا ۽ ڪيئن اهي انهن دردن مان ڇوٽڪاري جي قوت حاصل ڪن ٿا ۽ ڪيئن پنهنجي غربت ۽ اڪير سان اڳتي وڌن ٿا سو آئون فخر ڪيان ٿو ته مان انهن تجربن مان ٿي ڪري هتي پهتو آهيان.

## سجاڳ سٽ: پڙهائي ڏانهن رغبت ڪيئن وڌي؟

مون اڳ ۾ ئي عرض ڪيو هو ته اسان جي گهر ۾ وڏن لائبريري قائم ڪئي هئي اها منهنجي لاءِ اڃا تائين پرڪشش آ، ڀلي ڪٽي جو اها ننڍي آ، اها سادي لائبريري آ، مان هتي سنڌ يونيورسٽيءَ جي لائبريري ۾ ڪم ڪيان ٿو پر جيڪو سڪون ۽ خيال جي پرواز مون کي پنهنجي گهر جي لائبريري ۾ ملندي آهي اها سچ پچو ته ڪٿي نه ٿي ملي اها ڪشش ننڍپڻ کان مون کي ڇڪيندي رهندي آهي. اسان جي گهر ۾ ايترو علمي ذخيرو هو جو جڏهن مون پنهنجو ڪتاب شڪارپور جي صحافتي تاريخ تي لکيو مون ان ڪتاب ۾ جن رسالن جا عڪس ڏنا آهن تن مان ڪافي منهنجي گهر ۾ ئي موجود آهن. منهنجو پڙڏاڏو، منهنجو ڏاڏو يا ان کان به وڏو ڏاڏو به انهن جيڪي به ڪتاب گهر واري لائبريري ۾ رکيا ان مان مون گهڻو لاڀ حاصل ڪيو.

## سجاڳ سٽ: شڪارپور علم ۽ ادب جي حوالي سان هڪ تاريخ رکي ٿو، ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جو دور ۽ توهان جي پرائمري تعليم ڪيئن گذري؟ اتان جا استاد ڪيئن هئا انهن جو پڙهائڻ جو طريقيڪار ڇا هو ؟

سچ پچو ته ڏاڍو سنو سوال پڇيو اٿوَ ۽ مان ان تي تمام گهڻو ڳالهائي سگهان ٿو پر مختصراَ مان توهان کي ٻڌايان ته شڪارپور ۾ "استاد" هو ۽ زنده جاويد استاد هو، جنهن کي ڄاڻ به هئي ته ڪيئن پڙهائجي ۽ هو وقت به وقت تجربو به حاصل ڪندا هئا ته ڪيئن پڙهائبو آهي. شڪارپور جي استادن اندر مون نج استاد ڏٺو، اوهان believe ڪيو ته جنهن مستيءَ سان جنهن ڏن سان هو اسان کي پڙهائيندا هئا سائين فقير حسين پناڻ صاحب مون کي پهريون درجو پڙهايو، سائين صفر علي دايو صاحب مون کي ٻيو درجو پڙهايو، ٽيون درجو سائين ڪرم علي شاهه صاحب پڙهايو، چوٿون درجو سائين نصير محمد سومري پڙهايو پنجون درجو سائين نظر حسين چنا پڙهايو. اهي سڀئي استاد تعليم ۽ تدريس جا ڄاڻو هئا ۽ پنهنجو پاڻ شاگردن تي نڇاور ڪندا هئا. چيو ويندو آ ته "اک گهڙيال ۾ دل پگهار ۾" پر اسان جا اهي استاد ايئن نه هئا ۽ ڄاڻ جي ڪاڻ هئا. اهي ڪنهن به ڄاڻ ڏيڻ جي حوالي سان پر اعتماد هوندا هئا ڪيپائيندا نه هئا. ان ڪانسواءِ ٻولي جي ڪيئن ڄاڻ ڏجي، رياضي ڪيئن پڙهائجي ۽ ٻيا سبجيڪٽ ڪيئن پڙهائجن. اسان جي دور ۾ اسڪولن اندر نقشا هوندا هئا وڏا وڏا نقشا ڪپڙن تي نهيل هوندا هئا پر ڪي نقشا اهڙا هوندا هئا جيڪي ميٽ سان هارڊ بورڊ تي نهيل هوندا هئا ۽ اسان کي استاد جاگرافي واري پيريڊ ۾ سمجهائيندا هئا ته هي فلاڻو علائقو آهي، هي علائقو ڪٿ آهي ، هي پاڪستان جو نقشو آهي ۽ هي گادي جو هنڌ آ، هي صوبا آهن، مطلب ته اهي پريڪٽيڪل ڪري سمجهائيندا هئا . ننڍي هوندي اسان کي انگ پڙهائڻ لاءِ ارٽ ميٽڪ تي گولڙا پائي هڪ هڪ شاگرد کان پڙهايو ويندو هو ۽ اجتماعي پڙهائي ٿيندي هئي. صورتختي لکڻ مهل ان کي گڏجي هجي به ڪبو هو مطلب ته ايترو ته نوس بنيادن تي تعليم ڏيندا هئا جو اڄ ڏينهن تائين اسان جي اندر ۾ اها گنگنائيٽ موجود آهي . اسان ۾ اهي احساس اڃان جيئرا جاڳندا موجود آهن ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي آ ته انهن آوازن سان پنهنجي ٻارن کي به پڙهائجي ۽ مان استاد به رهيو آهيان ۽ مون ائين پڙهايو به آهي ۽ سچ ٿو ٻڌايانوَ ته هي آرٽ آهي پروفيشن ناهي ۽ جيڪو به ماڻهو جنهن جي اندر ۾ ٽيچر ويٺو آهي ان جي اندر ۾ وڏو آرٽسٽ ويٺو آ ۽ جيڪڏهن هو ٿورو به پنهنجي اندر جي استاد کي ماري يا ڪن لتار جي ڪوشش ڪندو ته هو پرفيڪشن ڏانهن وڌي نه سگهندو ۽ مون اڄ به اهڙا استاد ڏٺا آهن موجود آهن جن کي حقيقي استاد چئي سگهجي ٿو ۽ مان انهن جي اندر ۾ هڪ مڪمل انسان ڏٺو آهي ۽ ان انسان جي آڏو سندن شاگرد جهڪندا آهن. پرائمري استاد ڪٿي به ڏسندا آهن ته (اڄ جي استاد جي ڳالهه نه ٿو ڪيان سيني سان وڏي معذرت سان هٿ ٻڌي عرض ٿو ڪريان) شاگرد وڃي سندن پيرن تي ڪرندو هو پوءِ چاهي اهو شاگرد ڪيڏو وڏو آفيسر ڇو نه هجي احترام ۾ بيهي رهندو ته اول استاد لنگهي وڃي. اڄ به اهڙا شاگرد آهن، نوجوان آهن ۽ اسان اڄ به خود به نوڙي ٿا ملون پنهنجن انهن استادن سان. نمرتا ۽ نوڙت اسان جي شاهه لطيف جو اهم درس آ، اسان سنڌين جو تشخص آهي ۽ اسان جو تصوف آهي، جيڪڏهن اسان انهن ڳالهين کان اجتناب اختيار ڪنداسين ته صحيح ٿو ٻڌايانوَ ته اسان پنهنجي معصوميت تباهه ڪري ڇڏينداسين ۽ اسان سنڌين ۾ جيڪا معصوميت آهي نه اها وڏي ۾ وڏو خزانو آهي ۽ حاصلات جو سڀ پڻ اها آهي ۽ اسان وٽ اهو به چيو ويندو آهي ته "جيڪو سيٽيو سو سَٽيو" ۽ ان کان اسان کي پرهيز ڪرڻ گهرجي جيترو ان کان پري رهندئو، تڏو رهندئو اوترو توهان حاصلات طرف وڌندئو اوترو سکندئو ۽ اوتر اڳتي وڌندئو جيڪڏهن اوهان جذباتي ٿي پوندا ته ڪجهه به حاصل نه ڪري سگهندا سو چوڻ جو مقصد ته استادن ۾ اهي سڀئي ڳالهيون سڀئي اخلاق شامل هئا ۽ اسان کي ان طرف موٽڻ گهرجي حقيقي استاد اهو ڪڏهن به نه سوچيندو ته منهنجي پگهار ڪيتري آهي استاد فقط اهو سوچيندو رهندو ته ڇا مون کي رياضي جو هي حساب

اچي ٿو؟

شڪارپور جا استاد روزانو ميلن جو پنڌ ڪري فقط اخبار پڙهڻ لاءِ لائبريرين ۾ ويندا هئا ۽ پنهنجون ڊائريون سياسي لحاظ کان، علمي لحاظ کان، سماجي لحاظ کان رقم ڪندا هئا پر ايستائين جو منهنجي والد صاحب جون ننڍڙيون ننڍڙيون ڊائريون هونديون هيون روزانو جي حساب ڪتاب لاءِ نه فقط اهو پر انهن ۾ اهو به درج ٿيل آهي ته مان ڪڏهن جاڳيس ڪهڙو ڏينهن ڪهڙو وقت هو وغيره مطلب ته خود اهڙو ماحول ٿي نه رهيو آهي جيڪو اسان کي قائم ڪرڻ کپي. ٻيهر سان ٽريننگ ڪاليج برپا ڪيا وڃن ۽ انهن ۾ سختي سان تعليم ۽ تدريس تي ڪم ٿيڻ کپي ۽ استادن کي سيکاريو وڃي ته ڪيئن پڙهايو ويندو آهي. افسوس اڳ جتي Pears Encyclopedia, Americana Dictionary هونديون هيون اڄ اتي سادي ڏڪشنري به ڪونهي.



**شيخ اياز صاحب جي جنم جي تاريخ 23 مارچ هئي پر منهنجي تحقيق اهو ثابت ڪيو ته 2 مارچ آهي 23 مارچ ناهي. ٻي تحقيق شڪارپور جي پهرين سنڌي صحافي مخلص علي علوي جي مزار بابت هئي ته سندس مزار شڪارپور ۾ آهي. سندس مزار مون دريافت ڪري ان جو ثبوت پيش ڪيو. مخلص علي پهريون سنڌي صحافي هو اسان جي قوم فخر ڪري ٿي ته اسان وٽ ان جا اهڃاڻ موجود آهن ۽ شڪارپور کي اهو اعزاز حاصل آهي ته سنڌ جو پهريون صحافي به شڪارپور جو آهي. ٽين تحقيق ترقي پسند تحريڪ جي شروعات بابت ڪئي ته اها تحريڪ پڻ شڪارپور مان شروع ٿي ۽ پهرين ڪانفرنس ٽيڪا رام سخن جي صدارت ۾ ٿي.**

انتظامي جا وڏا مثال هئا. جيڪي اڄ جي استادن ۾ نٿا ڏسڻ ۾ اچن.

## سجاڳ سٽ: ان وقت پڙهائڻ جي طريقڪار ۽ هن وقت جي طريقي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

اڳي ٽريننگ ڪالجز هوندا هئا جنهن ۾ اهو سيکاريو ويندو هو ته ڪيئن ٻار جي نفسيات کي سمجهيو وڃي، ان کي ڪيئن اعتماد ۾ ورتو وڃي، ٻار مان اسڪول جو ۽ استاد جو خوف يا ڊپ ڪيئن ختم ڪيو وڃي، ٻار کي ڪهڙي ريت بورڊ پرسان وٺي اچڻو آهي ۽ ان کي چوڻو هوندو آهي ته هو سيئي ٻارن کي پڙهائي پلي اهو ٻار ڪهڙي به جماعت ۾ هجي ۽ شاگرد کي هڪ بااعتماد انسان بڻائڻ لاءِ استاد جون ٿي ڪوششون هونديون هيون. ڪو به والد ان دور ۾ اسڪول نه ايندو هوجو ڪنهن استاد کان پڇڻ ته منهنجو پٽ ڪيئن ٿو پڙهي. ۽ اڄ جو استاد پاڻ ٿو پيو شڪايتون ڪري ته شاگردن جا والدين اچن ئي نٿا ته ٻار ڪيئن ٿو پڙهي. اهو غلط آهي جاڻ ته استاد پاڻ هڪ اعليٰ هستي آهي ۽ اهو جيئن چاهيندو تيئن ٿيندو ۽ قدرت ان جي مدد ڪندي آهي ۽ جيڪڏهن هو سچائي سان پنهنجي شاگردن کي تعليم ڏئي ٿو ته اهو استاد ان جي انعام لاءِ تيار ٿي وڃي ان کي رب العالمين انعام ڏيندو ۽ اهو منهنجو ايمان آهي. اسان وٽ شڪارپور ۾ شيخ اياز پيدا ٿيو، نورالدين سرڪي پيدا ٿيو، بشير احمد مورياڻي پيدا ٿيو. وڏا وڏا اديب پيدا ٿيا، پروفيسر شيوا رام ڪيلواڻي، جيڪو ممبئي سوشيالاجي ڊيپارٽمينٽ جو پروفيسر هو ۽ سندس سنڌالاجي ۾ اسٽيچو رکيو پيو آهي مطلب چوڻ جو اهو ته اهي سڀ وڏا وڏا ماڻهو پيدا ٿيا استادن جي طفيل ۾.

فاني صاحب لاءِ شيخ صاحب يا سرڪي صاحب جن ٻڌائيندا هئا ته روزانو ڪلاس ۾ اچڻ شرط پهرين پڇندو هو ته ٻڌايو ته توهان اڄ اخبار ۾ ڇا پڙهيو آ ۽ ان دور ۾ شاگرد به پهرين اخبار ڏسندا هئا پوءِ اسڪول ايندا هئا ان لاءِ سويل اسڪول ويندا هئا ۽ فاني صاحب جو جيڪو به شاگرد مون سان مليو ان اها ڳالهه ڪئي ته جيڪڏهن فاني صاحب مون کي نه پڙهائي ها ته مان مزدوري ڪيان هان، ڳڌهه ڳاڏو هلايان ها وغيره.

هاسانند پرسواڻي کي ڏسو، شيخ اياز چئي ٿو ته جيڪڏهن هاسانند مون کي انگريزي نه پڙهائي ها ته مون کي انگريزي اچي ئي نه ها، يعني اهي ان دور جي پائي جا استاد هئا. ان ڪانپوءِ سائين غلام نبي مير، سائين عبدالعزيز ۽ سائين نور نبي اسان جا استاد رهيا پر سائين اهي ڇا ته استاد هئا...! ان اسڪولن ۾ ساڳي گنگنائيٽ ٻڌڻ لاءِ دل چوندو آهي ته اهي آواز ٽين اهي اجتماعي پڙهايون ٽين، ائين ئي شاگرد تيار ٽين، اهي تدريسي سرگرميون ٽين، ڪيئن نه شاگردن کي راندين ڪرايون وينديون هيون ڪيئن نه سرڪل ۾ اڱڙيون ٻڌي ان کي ٻاهه ڏيئي شاگردن کي ان جي وچ مان ٽپا ڏيارڻ واريون مشقون ڪرائي مقابلا ڪرائيندا هئا. واقعي به اهڙو ته ماحول هو جيڪو تعليم، علم، ادب ۽ سماج جي ترقي جي ضمانت هو اڄ

## سجاڳ سٽ: اڄ جو پرائمري استاد ان نهج جو چو ڪونهي جنهن جو اوهان ذڪر ڪري چڪا آهيو اهو گيپ چو پيدا ٿيو ۽ اڄ جو استاد ٻار ۾ تجسس جهڙي حس پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ڇو ٿو نظر اچي؟

سڀ کان پهرين استاد جي توجهه، ٻئي نمبر تي استاد جو شوق ۽ دلچسپي ٽين نمبر تي استاد جي سکيا. جيڪڏهن استاد جي توجهه هوندي ته هو دلچسپي سان پڙهندو، سمجهندو ۽ حاصل ڪندو ۽ ان کي لاڳو ڪندو. هن کي شوق هوندو ته هن جو آرام قتل هوندو ۽ هو ڄاڻ جي طرف هرڻ وانگر ڊوڙندو جيئن هو سحرا ۾ ڊوڙندو آهي استاد جو اندر به ائين پيو ڊوڙندو آهي ته ڪيئن سکجي؟ ڪيئن پڙهائجي. ٽيون سکيا جيڪڏهن توهان جا سکيا گهر آباد آهن ته اتان هر ڪو پرائي نکري سگهي ٿو ۽ استاد کي به اها سکيا ملندي. بيچلر آف ايجوڪيشن (بي ايڊ) ۾ ۽ پرائمري ٽيچنگ سرٽيفڪيٽ (پي ٽي سي) ۾ ليسن ڏنا سين، ڊائريون سيٽ ڪيون سين ته ڪيئن پڙهائيبو آ، ٻار کي ڪيئن پڙهائڻ طرف آماده ڪبو آ..... اهو سڀ سيکاريو ويندو هو ۽ اسان تي استادن جون سختيون هونديون هيون اسان جو آرام قتل هوندو هو اسان جون اکيون سڄي وينديون هيون ۽ ان ڪانپوءِ اسان جيڪو ڪجهه سکياسين اهو حقيقي معنيٰ ۾ پنهنجي شاگردن تي لاڳو ڪيوسين. توهان شڪارپورجو لکي در اسڪول ڏسو ته ان جا در ۽ ديوار علم سان آراسته لڳا پيا آهن. اسان پنهنجي زماني ۾ محنتون ڪيون سين.

يونس راهي استاد هوندو هو الله سائين ان کي جنت ۾ جايون ڏئي ان پنهنجي سموري چمار شاگردن لاءِ وقف ڪري ڇڏي انهن نقش ناهيا، چارٽ ناهيا توهان سندس اسڪول جو دورو ڪري ڏسو، توهان کي اسڪول ڳالهائيندي ملندو ته هتي علم ۽ تدريس جو بسيرو آهي. ان اسڪول ۾ جيڪو ماحول پيو جڙي سو هڪ شهر جو نه پوري سنڌ جو ماحول پيو جهلڪي پر اڄ اهو ڪٿي به نظر نه ٿو اچي. اڄ گلي گلي ۾ نجي اسڪول آهن جتي اسان جا نوجوان ڇوڪرا ڇوڪريون تعليم ڏيئي رهيا آهن پر افسوس سان ٿو چوڻو پوي انهن کي پڙهائڻ ٿي نه ٿو اچي. انهن کي ٽيچنگ ميٿڊس جي خبر ئي ناهي انهن کي تعليمي پاليسين جي خبر ناهي. اڳي استاد تعليمي پاليسي تي نظر رکندو هو ان کي اها به خبر هوندي ئي ته فلاڻي فلاڻي ڪتاب جا ليڪ ڪير آهن. اڳي هيو تعليم جو مرڪز استاد، وري ٿيو تعليم جو مرڪز ڪتاب ۽ هاڻي تعليم جو مرڪز ٻار آهي پوءِ اسان ٻار تي ٿا الزام هڻو ته ٻار نٿو پڙهي. ۽ استاد کي بري الذمه ڪيو ويو. مان چوان ٿو ته استاد پاڻ کي بري الذمه نه سمجهي...! استاد کي اهو چئلينج آ ته جيڪڏهن تعليم جو مرڪز ٻار آ ته هو پنهنجي ٻار (شاگرد) کي ڪيئن ٿو سنواري. اهو اسان سيني کي چئلنج آ ۽ تمام وڏي ڳالهه آهي ان ڳالهه کي گهٽ نه سمجهيو وڃي اسان کي ان کي سمجهڻ ۽ توجهه ڏيڻ گهرجي.

**سجاڳ سٿ: توهان جي دور جي استادن جن وٽان توهان پڙهيو جن جي ڪري ايترا پلا ذهن اڀري نروار ٿيا ۽ اهڙا اسڪول به هئا جن بهتر معاشرو جوڙيو. اهو استاد هينئر ڇو نه ٿو نظر اچي جيڪو ساڳي طرح ذهنن کي اڀاري معاشري لاءِ بهتري ۽ واڌاري ۾ اڳتي وڌي؟**

مان پاڻ استاد آهيان منهنجو انتهائي ناقص مطالعو ۽ مشاهدو آهي جي توهان سبب ٿا پڇو ته اسان جو معاشرو ڇو بگڙندو پيو وڃي ته واقعي به مان ان حوالي سان ڳالهائڻ گهران ٿو ۽ رهنمائي جي بنيادن تي ڳالهه ڪندس ته سچ پڇو ته اسان جي سوسائٽي جي ڊانوان ڊول ٿيڻ جو اصل سبب سياسي افراتفري آهي. سياست هڪڙي اهڙي فيلڊ آهي جنهن جو ڪلاڙي اول نمبر جو رهبر آ ۽ ان تي ذميواري عائد ٿئي ٿي پنهنجي شخصيت کان وٺي سوسائٽي جي هر قسم جي فرد جي سڌاري واڌاري ۽ سُک جي جيڪڏهن هو پنهنجي سوسائٽي کي چين ۽ سڪون ۽ سُک نه ٿو فراهم ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن هو پنهنجي سوسائٽي جي ڪنهن فرد کي تعليم سان آراسته ڪرڻ لاءِ هن جي طبيعت ۾ لاڙو ڪونهي ۽ هو جيڪڏهن سوسائٽي جي هر فرد جي صحت برقرار رکڻ جي ڪوشش فراهم نه ٿو ڪري ته سچ پڇو ته مون کي اها سوسائٽي تيزي سان تباهي طرف وڌندي نظر ايندي آهي ۽ اوهان ڏسو ته اسان جي معاشري جو ڇاحال ٿيو آهي ۽ رهبري ۽ رهنمائي معاشري کي سياستدانن، مفڪرن، اديبن، دانشورن، صحافين ۽ استادن کان ملندي آهي پر بنيادي طور تي استاد کان ملندي آهي.

> سڀ کان پهرين هو self_discipline اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. اهو منهنجو ذاتي تجربو آهي جيڪڏهن هو پاڻ کي صحيح استاد سمجهي ٿو ته هو پاڻ کي جوابدار محسوس ڪري... پڙهائڻ جو ڪم منهنجوئي آهي ۽ مون کي ڪي ڪرڻو آهي. جيڪڏهن ان جي اندر ۾ استاد ويٺو آهي ۽ استاد زنده آهي ته پوءِ اسان جا سڀ لاهيا سجايا آهن. جيڪڏهن ان جي اندر ۾ استاد ناهي ته ان کي استادي پيشي مان نڪري وڃڻ کپي يا اچڻ ئي نه کپيس. هو رضاڪارانه طور تي اهو پيشو ڇڏي وڃي.

جڏهن فرد جي واڌ ويجهه ٿئي ٿي ۽ هو جڏهن انهن ميدانن ۾ ڪڏي ٿو ته هن کان پنهنجو پسمنظر ڪڏهن به نه ٿو وسري، ۽ سياستدان، اديب، شاعر، صحافي کان وڏيڪ قلم ۽ ڪتاب جو ڏٽي ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن هو ڪتاب نه پڙهندو، ڏسندو نه ٻڌندو نه ته سچ پچ ان کي اسين ڇا سڏينداسين. اسان ميونسپل جا اهڙا عهديدار ڏٺاسين جيڪي اسان جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڊوڙندا ايندا هئا مون کي ائين لڳندو هو ته جيڪي اسان جا مسئلا آهن هو انهن کي اسان کان وڌيڪ سمجهن ٿا اهي لکيل پڙهيل ماڻهو هئا، پر جيڪڏهن غير تعليم يافته ماڻهو به هئا سياست ذريعي آيا بلڪل آيا پر انهن ماڻهن به پنهنجو اخلاقي ۽ تمدن نه ڇڏيو هيو. پنهنجي سهپ نه ڇڏي هئي انهن ٻين کي نقصان پهچائڻ عظيم گناهه سمجهيو ۽ اڄ جي دور ۾ سچ پچ ڇا نه ٿو ٿئي پنهنجي ذات ۽ انا جي خاطر معاشري کي هاڃيڪار نقصان پهچايو پيو وڃي.

اسان جي سنڌ جو هڪ تشخص آ، اسان جي سنڌ جي تعليم جو، علم جو ادب جو هڪڙو نظريو آ (جنهن کي تصوف جو نظريو چئون ٿا) ان جي بنياد تي اڳ ۾ توهان جو حق پوءِ منهنجو حق يعني اڳ ۾ توهان ڪائو پوءِ مان ڪائيندس. هاڻي مون کي ٻڌايو ته اها ڪيڏي وڏي ڳالهه آهي ڪيڏو وڏو نظريو آهي سچل سائين جي هڪ سِٽ ياد پئي اچي ته ”اهڄا ڪم ڪريجي جنهن وچ الله آپ بٽيجي“ هاڻي اوهان پاڻ ٻڌايو ته اهو خلقيندڙ پنهنجو خيال ڪيترو اٿس ۽ اوهان جو خيال ڪيترو اٿس.

سائين ڪيئلداس فاني صاحب مون کي هڪ خط ۾ شعر لکي موڪليو هو ته:

”ماڻهو کي جانور کان بدتر برو ڏسي،  
خالق کي خلق پنهنجيءَ تي روئندو ڏٺو اٿم“

سو انسان انسان لاءِ جيڪر موٽ ڪائي ........ته الائي ڇا ٿي پئي.

**سجاڳ سٿ: توهان پرائمري جا استاد هئا شڪار پور ۾ اوهان جي پڙهائڻ جو طريقيڪار ڇا هو؟**

مان پنهنجي سينيئر استادن کان سکندو هوس ۽ جيڪڏهن مون کي نه ايندو هو ته مان انهن کان پڇندو هوس ۽ مان ڪوشش ڪندو هوس ته ڪيئن پڙهائجي. جنهن ۾ شاگرد کي انفرادي طور تي ۽ اجتماعي طور تي پڙهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين. هڪڙا پراڻا طريقيڪار به هيا تدريس جا. مثال طور اڄ جي دور ۾ استاد هٿ ۾ پٽي ڪٽي ته عيب سمجهيو ويندو آهي يا ان کي احساس ڪمتري محسوس ٿيندي آهي پر مون پاڻ پٽي تي پنهنجي هٿن سان ٻارن کي لکڻ سيکاريو آهي مون پٽي پنهنجي هٿن ۾ ڪنئي آهي بنا ان سوچ جي ته ماڻهو مون کي ڇا چوندا ته هي هينئر به پٽي پيو ٿو پڙهائي. ان سان شاگردن جا اکر سٺا ٿيندا هئا. ان ڪانسواءِ اسان پينسل سان لکڻ جي ڪوشش ڪنداهئاسين ته جيئن اسان جا پنهنجا اکر بهتر ٿين ان سان نه فقط شاگردن کي پر مون کي به فائدو پهتو منهنجا به اکر سٺا ٿيا جيڪي اڳ خراب هئا. ان ڪانسواءِ رياضي پڙهائڻ مهل اسين مختلف طريقيڪار استعمال ڪندا هئاسين جنهن ۾ چارٽ ٺاهڻ ۽ ٻيون مشقون ڪندا هئاسين. ان ڪانسواءِ اسان ٻارن جي يادداشت وڌائڻ لاءِ چارٽ پڻ تيار ڪندا هئاسين، جنهن ۾ شاعرن، محققن، اديبن جا ڪم آويزان ڪندو هئس جيڪي شاگرد ياد ڪري ڇڏيندا هئا انهن ۾ هڪ وڏو نظم پروفيسر لطف الله بدوي جو پڻ ڪلاس ۾ لڳايو. هڪ ڀيري هڪ آفيسر آيو جنهن چارٽ ڏسي چيو ته اهڙو ڏکيو نظم ٻارن کي سمجهه ۾ ايندو؟ مون چيو ته سائين اوهان ٻارن کان پڇي ڏسو ته هڪ شاگرد هڪدم اٿي بيٺو ۽ سڄو نظم ياد ٻڌايائينس آفيسر خوش ٿيو ۽ چيائين ته اهو ڪيئن ياد ڪيائين ته چيو مانس سائين شاگردن ۾ لاڙا آهن پر انهن تي محنت جي ضرورت آهي هي نظم وڏي ڪلاسن جا شاگرد ترنم سا پڙهندا آهن سو ان ترنم وسيلي ننڍي ڪلاس جي شاگردن به اهو وڏو نظم ياد ڪري ورتو.

**سجاڳ سٿ: مطلب ته ترنم سکڻ ياد ڪرڻ ۽ پڙهڻ جي حوالي سان اثر ڇڏي ٿو؟**

ترنم جو وڏو اثر آهي، اسان کي ياد آهي ته جڏهن اسان کي استاد ڪوڙا پڙهائيندا هئا ته ترنم سان پڙهائيندا هئا جيڪي اڄ به اسان کي ياد آهن. ترنم انسان جي جبلت ۾ شمار ٿئي ٿو، رنگن جو ميلاپ آهي... شاگرد جو رنگ جيڪڏهن توهان سان ميل کائي ته اهو شاگرد گهر ۾ به راند روند ۾ طوطي وانگر لنوندو پيو پڙهندو پيو. ٻار کي توهان هِجي سيکاريو ته ٻار ڊوڙندو وتندو ته هن جي زبان پئي هلندي ۽ اهو ئي سکيا جو عمل آهي جنهن ۾ اوهان ٻار کي ٽپي ٿا ڏياريو.

**سجاڳ سٿ: توهان جو جملو ته استاد ۾ هڪ آرٽسٽ هوندو آهي تمام گهرو جملو آهي ۽ پڙهائڻ به هڪ آرٽ آهي پروفيشن ناهي. توهان هيئنر يونيورسٽي ۾ پيا پڙهايو پر ٻئي پاسي پوري سنڌ ۾ پرائمري ۽ سيڪنڊري سطح جي جيڪا صورتحال آهي ته ان جي ڪا تشريح نه ٿا ڪري سگهو ته آيا اها تعليم به آهي يا نه ان حوالي سان اوهان ڇا چوندئو؟**

افسوسناڪ صورتحال آهي، پر مان اهو چوندس ته اسان وٽ جيڪو شاگرد اچي ٿو اهو مون کي پيارو آهي، منهنجو ٻچو آهي ۽ اسان جو پرائمري جو جيڪو رويو آهي ان جي اهو شاگرد لوڙهه لوڙهي ٿو، ان کي پرائمري استاد نه مليو، ان کي سيڪنڊري ۾ استاد نه مليو، جيڪڏهن ان کي ڪاليج ۾ استاد نه ملي ته شاگرد ويچارو ڪيڏانهن ويندو؟ هاڻي ڏوهه ڪنهن جو ٿيو ان شاگرد جو ته نه ٿيو... ته مان پنهنجي ايندڙ شاگرد کي ڳلي لڳائيندو آهيان مان پنهنجي شاگردن کي چوندو آهيان ته بابا مون کي شاگرد ٿو کپي شودو نٿو کپي ۽ منهنجو شاگرد پڙهي ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي ماءُ پيءُ جو ۽ پنهنجو وقت سيڙائي، پيسا سيڙائي اچي ٿو پڙهڻ ته هن کي ايترو ته سوچڻ کپي ته هو جڏهن واپس معاشري ۾ وڃي ته ان قابل هجي ته هو روزي ڪمائي سگهي، پيٽ پالي سگهي. سو شاگرد ڳالهه سمجهندا آهن منهنجي سنڌي ڊپارٽمينٽ جي شاگردن ۾ تمام گهڻو ٽيلنٽ موجود آهي.



سڀ کان پهرين هو self_discipline اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. اهو منهنجو ذاتي تجربو آهي جيڪڏهن هو پاڻ کي صحيح استاد سمجهي ٿو تہ هو پاڻ کي جوابدار محسوس ڪري... پڙهائڻ جو ڪم منهنجو ئي آهي ۽ مون کي ڪرڻو آهي. جيڪڏهن ان جي اندر ۾ استاد وينو آهي ۽ استاد زندهہ آهي تہ پوءِ اسان جا سڀ لايا سجايا آهن. جيڪڏهن ان جي اندر ۾ استاد ناهي تہ ان کي استادي پيشي مان نڪري وڃڻ کپي يا اچڻ ئي نہ کپيس. هو رضاڪارانہ طور تي اهو پيشو ڇڏي وڃي.

اسان شاگردن سان پنهنجي ڪم ، achievement پنهنجو مطالعو وغيره شيئر ڪندا آهيون تہ انهن تي ايترو تہ اثر ٿيندو آهي جو اوهان يقين ڪريو بئي ڏينهن هو اجان وڌيڪ پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي موڊ ۾ هوندا آهن. ۽ استاد جي ڪاميابي تڏهن آهي جڏهن ان جو شاگرد ان کان اڳتي وڌي وڃي. ڪيئلداس فاني صاحب کان شيخ اياز اڳتي وڌي ويو، فاني صاحب مون کي لکيو تہ خوشنصيب آهن اهي هٿ جيڪي اياز تائين پهچن ٿا

**سجاڳ سٽ: تہ پوءِ شاگرد جيڪو پوئين سطح تي نہ پڙهي سگهيا سي اڳتي جي تدريس يعني يونيورسٽي کي پورو پئجي سگهن ٿا؟**

بلڪل پورو پون ٿا اسان انهن سان پنهنجي تجربن جو نچور، محبت ۽ پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهيون تہ پوءِ ديوانہ وار پڙهائي طرف ڊوڙ ڪائين ٿا. مون کي ٽائيم بلڪل نہ ٿو ملي پر مان ڪلاس روز وٺندو آهيان جو تہ اهو منهنجو اولين فرض آهي. مان جيڪڏهن نہ پڙهايا تہ مان بيمار ٿي پوندو آهيان. ۽ جنهن ڏينهن مون محسوس ڪيو تہ هاڻي مان نہ ٿو پڙهائي سگهان تہ ان ڏينهن کان پڙهائڻ ڇڏي ڏيندس. اسان شاگردن سان پنهنجي ڪم ، achievement پنهنجو مطالعو وغيره شيئر ڪندا آهيون تہ انهن تي ايترو تہ اثر ٿيندو آهي جو اوهان يقين ڪريو بئي ڏينهن هو اجان وڌيڪ پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي موڊ ۾ هوندا آهن. ۽ استاد جي ڪاميابي تڏهن آهي جڏهن ان جو شاگرد ان کان اڳتي وڌي وڃي. ڪيئلداس فاني صاحب کان شيخ اياز اڳتي وڌي ويو، فاني صاحب مون کي لکيو تہ خوشنصيب آهن اهي هٿ جيڪي اياز تائين پهچن ٿا يعني هڪ استاد پنهنجي شاگرد لاءِ اهي لفظ لکي ٿو ۽ مون کي لکيائين تہ جيڪڏهن توهان کي صحيح استاد ٿيڻو آهي تہ ٻار سان ٻار ٿيڻو پوندو.

۽ اڄ جو شاگرد جنهن بي راهہ روي تي لهي ويو آهي، ان لاءِ معاشري جي هر فرد تي لازم آهي تہ هو ان کي پنهنجي دڳ تي واپس آڻڻ ۾ ڪوششون وٺي ۽ ان ۾ سڀ کان اول ذميواري استاد جي آهي.

**سجاڳ سٽ: بحيثيت محقق، ليکڪ ۽ شاعر جي اوهان وٽ معياري تعليم جي تشريح ڪهڙي آهي؟**

تعليم جي معيار کي پرکڻو آهي تہ فاني صاحب ۽ اياز کي پرکيو. ڪيئلداس فاني ۽ نورالدين سرڪي کي پرکيو. مرڻ کان قبر تائين تعليم جو سلسلو هلندو ۽ معيار جيئن پوءِ تيئن اڳتي وڌندو پوئتي نہ ٿيندو ان لاءِ تہ چيو ويو آهي تہ ستارون سي آگي جهان اور بهي هين. اياز صاحب پنهنجي زندگي جي آخر تائي پڙهندو رهيو منهنجو اياز سان گهرو لاڳاپو هو. اياز ڪچهرين ۾ چوندو هو تہ ٽئگور گيتانجلي ۾ هيئن لکيو آهي ۽ اسان کي استادن هي ڳالهہ ٻڌائي ۽ هاڻي مان هن نتيجي تي پهتو آهيان. هاڻي توهان ڏسو تہ اهو آهي نہ تعليمي معيار. هاڻي معيار اها ڪسوٽي جيڪا شاگرد ۾ پيدا ٿئي تہ هو پنهنجي پاڻ کي اڳتي وڌائي، ۽ جيڪڏهن هو ڪٿي رڪجي وڃي تہ ڪٿي نہ ڪٿي رهنمائي ۾ ڪا ڪسر رهجي ويل آهي.

**سجاڳ سٽ: پرائمري استاد ڇا ڪري جو هو شاگرد کي ٽنڊ وارو پڙڪو ڏياري آسمان تي اڏاري سگهي؟**

سڀ کان پهرين هو self_discipline اختيار ڪري، اهو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. اهو منهنجو ذاتي تجربو آهي جيڪڏهن هو پاڻ کي صحيح استاد سمجهي ٿو تہ هو پاڻ کي جوابدار محسوس ڪري. پڙهائڻ جو ڪم منهنجو ئي آهي ۽ مون کي ڪرڻو آهي. جيڪڏهن ان جي اندر ۾ استاد وينو آهي ۽ استاد زندهہ آهي تہ پوءِ اسان جا سڀ لايا سجايا آهن. جيڪڏهن ان جي اندر ۾ استاد ناهي تہ ان کي استادي پيشي مان نڪري وڃڻ کپي يا اچڻ ئي نہ کپيس. هو رضاڪارانہ طور تي اهو پيشو ڇڏي وڃي. ان ڪري جو استاد کي صرف نوڪري ناهي ڪرڻي پر فرض نڀائڻو آهي ڇاڪاڻ تہ جي فرض نڀايو تہ اسان ان منصب جي لائق آهيون ان لاءِ جو استادي وڏو منصب آهي پيغمبري منصب آهي ۽ هاڻي جي اسان ان تي اچون ٿا تہ اهو اسان لاءِ اعزاز آهي.

**سجاڳ سٽ: معياري تعليم جي حاصلات لاءِ رياست جي ڪيتري ذميواري آهي؟**

رياست جي اولين ذميواري آهي تہ اها تعليم طرف توجهہ ڏيئي. جيڪڏهن رياست تعليم تي توجهہ نہ ٿي ڏيئي تہ رياست جي ترقي ختم ٿي ويندي ڪنهن بہ فيلڊ ۾ رياست پوءِ achieve نہ ڪري سگهندي. تعليم نہ هوندي تہ فرد ڪٿان ڪامل ڪم ڪري سگهندا پوءِ رياستي ادارا تباهہ ٿيندا جيڪڏهن انهن ادارن کي پڙهيل لکيل ماڻهو نہ ملندا تہ رياست تباهي طرف وڌندي ۽ رياست کي معياري تعليم جي حاصلات کي ممڪن بنائڻ لاءِ هر قرباني ڏيڻي پوندي.



# غربت باوجود علم حاصل ڪرڻ جي جستجو

حليم باغي

حليم باغي جو اصل نالو عبدالحليم آهي سندس تخلص باغي آهي تنهن ڪري پاڻ حليم باغي جي نالي سان مشهور آهي. پاڻ سنڌ جو نالي وارو مذاحمتي شاعر آهي، شاعري جي صنف ۾ منفرد انداز ۾ ڪم ڪيو آهي ۽ سندس ڪيترائي شاعري جا مجموعا ڇپجي پڌرا ٿيا آهن ڪيترن ئي مشهور گلوڪارن سندس شاعري کي ڳايو آهي جنهن ۾ عابده پروين پڻ شامل آهي . حليم باغي سنڌ يونيورسٽي ۾ بي فارميسي جي ڊگري مڪمل ڪرڻ ڪان وٺي هيل تائين شاعري جي منفرد انداز سبب اڄ ٻه مشهور آهي.

**سجاڳ سٿ: اوهان جنهن دور ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ اڄوڪي دور ۾ جڏهن ٻارن کي اسڪول ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي تہ اوهان جي نظر ۾ انهن ٻنهي دورن جي پڙهائي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟**

اسان جي دور جي تعليم بهتر هئي. شاگرد پاڻ ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي جستجو ۾ هوندو هو. جڏهن شاگرد اسڪول يا تعليمي اداري ۾ ويندو هو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي ارادي سان ويندو هو ۽ موجوده دور جو جيڪو شاگرد آهي اهو ڪلاس ۾ ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ وڃي ئي ڪونہ ٿو. ان جو سبب ڪاپي ڪلچر آهي جنهن اسان جي سڄي تعليمي نظام جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي. چون ٿا تہ ڪاپي ڪرائڻ جو ذميوار ٻہ استاد آهي، اسان(استاد) مڃون ٿا تہ استاد ٻہ جوابدار آهي جي اهو نہ چاهي تہ ڪاپي ٿي نہ سگهي، پر گهڻا استاد پڙهائن ئي ڪونہ ٿا ۽ جيڪي پڙهائڻ گهرن ٿا ان سان وري شاگرد پڙهڻ لاءِ تيار ڪونهن. ڪاپي ڪلچر ۽ تعليم جي ميدان ۾ موجود ٻين غلط ريتن رسمن جي پاڙ تڏهن ئي پٽجي سگهي ٿي جڏهن شاگرد ۾ اهو شعور بيدار ٿئي تہ ان کي ڪجهہ حاصل ڪرڻو آهي.

**سجاڳ سٿ: اوهان جڏهن پرائمري پڙهندا هئا تہ پڙهائي جو طريقيڪار ڇا هو ڪجهہ ساروٽيون اوريو؟**

اسان وٽ غربت هئي اسڪول ٻہ ڪونہ هو، ڏڳيون چارينديءَ هڪ ڏينهن خبر پئي تہ ڳوٺ ڪان 2 ڪلوميٽر ڪن پري اسڪول کليو آهي. مون ڏڳيون اتي ڇڏيون ۽ ٻئي دوست سان گڏ اسين ان اسڪول کي ڏسڻ وياسين ۽ پوءِ روزانو وڃي اسڪول ويهندا هئاسين. هفتي ڪان پوءِ منهنجي چاچي ان اسڪول ۾ مون کي داخل ڪرايو. غربت تمام گهٽي هئي ان ڪري لٽا ڪپڙا تہ پري جي ڳالهہ آ جُتي ٻہ ڪونہ وٺي سگهنداهئاسين تہ ڪتاب وري ڪٿان وٺون ها. ان دور ۾ شهر مان هڪ نيڪ مرد ايندو هو جيڪو مون کي هر سال امتحان کانپوءِ ڪپڙا ۽ ڪتاب خريد ڪري ڏيندو هو. ان وقت ۾ ڪتاب هڪ يا ٻہ هوندا هئا اڄوڪي دور وانگر ڪتابن جو سٿو ڪٺي اسڪول نہ پڙهندا هئاسين. اسان کي پنهنجي دور جا تقريبا بيت، پروليون، وايون اڃا تائين ياد آهن.

**سجاڳ سٿ: والدين پاران وڌيڪ پڙهائڻ لاءِ ڇا سوچ هئي؟**

والد صاحب منهنجي ننڍپڻ ۾ گذاري ويو ۽ منهنجي والده چاهيندي هئي تہ حليم پڙهي باقي مون کي پڙهائي واري دور ۾ ڪا اهڙي مدد جنهن ۾ ڪتاب، لٽو وغيره مائٽن وٽان ڪونہ مليو نہ ڪا ٻي مدد ملي،جو اسان وٽ غربت تمام گهٽي هئي. ها منهنجي پڙهڻ واري روش کي ڪڏهن ٻہ روڪيو ٽوڪيو نہ ويو. باقي پنهنجي محنتن سان پرائمري، ايليمنٽري، هائر پوءِ يونيورسٽي پڙهي.

**سجاڳ سٿ: اڄ ڪان پنجويهہ يا 30 سال پهرين هڪ يا ٻہ ڪتاب پڙهائيندا هئا پر پوءِ ٻہ ان مان حليم باغي سامهون آيو پر اڄ جي جديد دور ۾ جتي ٻارن کي سٿن جا سٿا ڪتاب پڙهائجن ٿا پر اڄ ڪو اسان کي حليم باغي ڪونہ ٿو ملي؟ ٻارن جو اهو وزن ڪونهي جيڪو اوهان جو هو يا اهي ڪهڙيون شيون هيون جو اوهان اڄ ان سطح تي آهيو؟ توهان جي سوچ توهان جي پهچ ان سطح تي آهي؟ اڄ جي تعليم ۾ اها ڪهڙي ڪمي يا ڪوٽ آهي، جنهن جي ڪري ٻار اهو وزن يا وسعت حاصل ڪري نہ ٿا سگهن؟**

ٻار مان نواڻ/جدت ختم ٿي وئي آهي. اسان جڏهن پنهنجي دور ۾ ڪو ٻہ سبق پڙهندا هئاسين تہ اسان ان کي self_adopt ڪندا هئاسين معنيٰ پنهنجو پاڻ تي لاڳو implement ڪنداهئاسين پنهنجي حالتن پنهنجي ماحول، پنهنجي سماج، پنهنجي روزاني زندگيءَ تي لاڳو ڪنداهئاسين. اڄ جو ٻار پڙهي تہ ٿو پر ان کي سمجهي ئي ڪونہ ٿو تنهن ڪانپوءِ self adaptation ڪري نہ ٿو سگهي. جيڪي ڪجهہ سکي ٿو ان کي پنهنجي ڪم ۾ آڻڻ جو ڏانءُ ڪونہ اٿس ۽ جيڪو پڙهي ٿو ان مان فائدو حاصل ڪري نہ ٿو سگهي. تنهنڪري مان پنهنجي دور جي پڙهائي ۽ اڄوڪي دور جي پڙهائي ۾ اهو ئي فرق محسوس ڪريان ٿو.

**سجاڳ سٿ: حليم ڏڳيون ڇڏي اسڪول پئي پڙهڻ ويو تہ ان وقت والده ۽ مائٽن جو ارادو ڪهڙو هو؟**

مان ننڍي هوندي منڊڪائي هلندو هوس ۽ ڳالهائڻ ٻہ صحيح ڪونہ هو. منهنجي ماءُ ۽ مائٽن يعني چاچن ۽ مامن جو خيال هو تہ هي معذور مولائي آهي سو هي جيڪڏهن قرآن پاڪ ۽ اهڙي قسم جي تعليم حاصل ڪري وٺي تہ پاٿاري ڪجهہ ڪائي پي سگهندو. معنيٰ قرآن پاڪ پڙهندو تہ اهو پڙهائڻ يا اهڙي ڪنهن ڪرت سان لڳندو تہ هن جا مسئلا حل ٿيندا ۽ مائٽن جي ذهن ۾ هو تہ هن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ پڙهايو وڃي پر انهن جي خيال ۽ گمان ۾ ٻہ اهو ڪونہ هو تہ حليم باغي انگريزي پڙهندو ۽ يونيورسٽي تائين پهچندو. اهي ڳالهيون انهن جي ذهن ۾ ڪونہ هيون اهي بس اهو پيا چاهين تہ بنيادي تعليم حاصل ڪيان.



# سنڌ جي استادن کي سلام

**سجاد گهلو**

سجاد گهلو: (ايم اي ـ سوشل ورڪ، ايم ايس سي ـ رورل ڊويلپمينٽ، ايل ايل بي، ايم فل ـ ڊويلپمينٽ اسٽڊيز "جاري") گذريل ۵ سالن کان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان سلهاڙيل آهي. فائونڊيشن جي مختلف يونٽن ۾ پروگرامن ۾ ڪم ڪرڻ جوتجربو رکندڙ آهي. لکڻ، پڙهڻ، ترييتون ڪرائڻ، راڳ، ڪچهريون، ادب، تاريخ ۽ فلسفو سندس پسنديده مضمون، ڪم ۽ شوق اٿس. ڪهاڻي ۽ ناول نويس آهي، ملڪي حالتن کان علاوه عالمي حالتن ۽ ٻين گهڻ طرفن سماجي ۽ معاشي مسئلن تي سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ مضمون پڻ لکندو رهندو آهي.

اڄ هتي انهن استادن جو ذڪر نہ ٿيندو جن کي پنهنجن پنهنجن ملڪن جون حڪومتون سماج ۾ تمام گهڻو مٿاهون درجو ڏئي هڪ عظيم انسان جهڙي عزت ڏينديون آهن. نہ ئي هتي انهن استادن تي ڳالهائبو جيڪي اعليٰ تعليم حاصل ڪري اعليٰ تعليمي ادارن ۾ وڏي شان وشوڪت سان پڙهائيندا آهن ۽ پاڻ کي سماج جو هڪ منفرد فرد سمجهندا آهن. نہ ئي هتي انهن استادن جو ذڪر ٿيندو جيڪي وڏيون پگهارون کڻي پنهنجو فرض احسن طريقي سان ناهن نڀائيندا ۽ سنگت جي چونڪڙي ۾ ويهي منهن ۾ گهنج آڻي اهو چوندا آهن تہ: "يار اسان تہ ٽڪي جا ماستر آهيون...". نہ ئي وري مان هتي اهڙن اسڪولن ۽ استادن جو پٽڙو پٽيندم جن جا اسڪول ڀوت خانا (Ghost Schools) آهن ۽ جن اسڪولن ۾ ٻارن بجاءِ جِن پڙهندا آهن ۽ جِنَن کي پڙهائيندڙ اهڙا استاد پنهنجي اسڪول واري وقت ۾ سياسي ۽ سماجي ٿاڪ سجائيندا آهن ۽ پنهنجي قوم جي ڪوتاهين تي ڳالهائيندي قوم ۽ فردن کي گاريون ڏيندي ٿڪبا نہ آهن ۽ هر روز سماج کي بدلائڻ جون ڳالهيون ڪندا آهن. اڄ هتي اهڙن استادن جو ذڪر بہ نہ ٿيندو جيڪي شاگردن کان پنهنجن گهرن جا ذاتي ڪم ڪرائيندا آهن ۽ پاڻ اسڪول ۾ آهلجي اسڪول کي وقت ٽارڻ جي بهترين جڳهہ سمجهندا آهن. نہ ئي اڄ مان هتي انهن استادن جي شخصيتن تي روشني وجهندم جن جي مهربانين سان اسڪول اوطاق خانا ۽ اوتارا بڻيل آهن ۽ جتي ٻارن بجاءِ ڏنڊي ڪونڊي جي رڳڙ جو مڌر آواز موالين جو هنيانءُ ٺاريندو آهي. نہ ئي اڄ هتي اهڙن استادن جو ذڪر ٿيندو جيڪي ڪنهن چڱي مڙس جي مهرباني يا اليڪشني ياري جي نتيجي ۾ ماستر بڻجي پيا ۽ اهي اڄ بہ اسڪولن بجاءِ انهن چڱن مڙسن جي اوطاقن تي نوڪريون ڏئي رهيا آهن. نہ ئي اڄ مان هتي اهڙن استادن جو ذڪر ڇيڙيندم جيڪي ڪنهن سرڪاري نوڪري جي آسري ۾ ويٺي ماسترن جي ڀرتين لاءِ آيل اشتهار کي ڏسي فارم ڀرائي امتحان ڏئي پاس ٿيا ۽ ماستر بڻجي پيا، پوءِ چاهي انهن جي ڪيمسٽري پڙهڻ پڙهائڻ واري اُتم ڪم سان مطابقت رکندي هجي يا نہ ۽ نہ ئي اڄ هتي مان انهن استادن جو ذڪر ڪندم جيڪي استاد تہ بڻجي



سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اھا ڀرپور ڪوشش ھوندي آھي تہ پنھنجي ڇپر ڇانءَ ھيٺ ھلندڙ اسڪولن کي اھڙن تعليمي ادارن ۾ تبديل ڪجي جتي سنڌ جو مستقبل ھڪ دوستاڻي ماحول اندر ان انداز سان تربيت وٺي ۽ پرورش حاصل ڪري جو اھي ٻار اڳتي ھلي پنھنجي زندگي نہ صرف آسانيءَ سان گذاري سگھن پر مستقبل ۾ ھو ھن سماج جا بھترين ۽ انوکا فرد پڻ بڻجن ۽ جن کي ڏسندي ھڪدم ڀٽائيءَ جون ھي سٽون زبان تي اچي وڃن:

ھِي جَي آيَا ھَيَرَ، مُون اَڳَ نَہ ڏِٺَا ڪَڏَھَن،
آءُ تَرسَان، ھُوتَڪڙا، پَٽَ نَہ لاَئِن پَيرَ.

"لطيف"

پيا ۽ جنھن ڏينھن کان ھو استاد بڻيا تنھن ڏينھن کان ھن محل تائين نہ تہ حڪومت ۽ نہ ئي تعليم تي ڪم ڪندڙ سماج جي ڪن متحرڪ ادارن سندن سار سنڀال لڌي ۽ نہ ئي پڙھڻ پڙھائڻ سان متعلق انھن جي ڪا تربيت وغيره ڪري تعليم جھڙي عظيم شعبي جي حوالي سان سندن ذھني، جسماني ۽ روحاني پالنا ڪئي وئي.

بلڪ اڄ ھتي ذڪر ڪبو انھن استادن جو جيڪي سنڌ حڪومت ۽ عالمي ادارن جي سھڪار سان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان سنڌ جي ڏورانھن علائقن ۾ کوليل اسڪولن ۾ پڙھائن ٿا ۽ انھن اسڪولن جي کلڻ جو پھريون شرط اھو ھو تہ اسڪول اھڙن علائقن ۽ ڳوٺن ۾ کولبا جتي 2 ڪلوميٽرن جي دائري ۾ ڪو بہ سرڪاري اسڪول نہ ھجي ۽ ڪافي اسڪول تہ اھڙين جاين تي کليل آھن جتي ڪوھن تائين ڪنھن بہ اسڪول جو نالو نشان نہ آھي. اھي اسڪول پرائيويٽ اسڪولن طور ڪميونٽي جي متحرڪ فردن "انٽرپرينيوئر" جي سھڪار سان کوليا ويا آھن ۽ انھن اسڪولن ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سموري ٽيم پنھنجن مڪمل ۽ گھڻ طرفين صلاحيتن سان "معياري تعليم" جي مشن کي ساڀيان بڻائڻ لاءِ ڏينھن رات ڪوشان آھي. ھونءَ تہ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جا ڪوڙ سارا پراجيڪٽ ھلي رھيا آھن پر مان ھتي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت Promoting Private Schooling in Rural Sindh يعني PPRS پروگرام جي اسڪولن سان وابسط ڪجھ انھن استادن جي ئي ڳالھ ڪندم، جيڪي يا جن جا اسڪول منھنجي مشاھدي ھيٺ آيا. ھن وقت ھن پروگرام تحت سنڌ جي 10 ضلعن: ٺٽو، بدين، ٽنڊو، عمرڪوٽ، سانگھڙ، بينظيرآباد (نوابشاھ)، خيرپور، لاڙڪاڻو، قمبر شھدادڪوٽ ۽ دادو ضلعن ۾ 392 اسڪول کليل آھن ۽ انھن اسڪولن ۾ 60 ھزار ٻار Oxford University Press يعني OUP جي انگريزي نصاب تحت تعليم حاصل ڪري رھيا آھن.

ھن پروگرام تحت ھن وقت تائين سنڌ جي مٿي بيان ڪيل 10 ضلعن ۾ 3 فيزز تحت 392 اسڪول کوليا ويا آھن. انھن سڪولن ۾ انھن ئي ڳوٺن ۽ علائقن سان وابسط گھٽ ۾ گھٽ مئٽرڪ پاس ڇوڪرن ۽ نياڻين کي پڙھڻ ۽ پڙھائڻ جي فرض ۾ شامل ڪندي نوڪري ڏني وئي آھي. انھن اسڪولن ۾ پڙھائيندڙ 1000 استادن جون 18 مختلف تربيتون ٿي چڪيون آھن جن ۾ (Early Childhood Education ECE) يعني "ٻارن جي شروعاتي دور جي تعليم" جي تربيت کان وٺي Oxford University Press جي پرائمري جي ڪتابن تي مشتمل پھرين ڪلاس کان پنجين ڪلاس تائين جون نصابي تربيتون شامل آھن. انھن تربيتن ۾ استادن کي پڙھڻ ۽ پڙھائڻ جي مختلف طريقن Pedagogies سان نہ صرف روشناس ڪيو ويو آھي پر تمام وڏي محنت سان استادن کي تربيتن دوران پڙھڻ ۽ پڙھائڻ جي جديد طريقن سان اھڙي طرح ليس ڪيو ويو آھي جو ان استاد کي سنڌ جي ڏورانھن علائقن ۾ کليل اسڪولن اندر انگريزي، سائنس، رياضي، سماجي اڀياس، اسلاميات (اھي سڀئي ڪتاب انگريزي ۾ آھن)، سنڌي ۽ اردو پڙھائڻ ۾ آساني ٿئي ۽ تربيت دوران ان ڳالھ جو پڻ تمام وڏي پيماني تي خيال رکيو ويندو آھي تہ استاد جڏھن تربيت حاصل ڪري اسڪول وڃي تہ ان جي روين ۽ مزاجن ۾ پڙھڻ ۽ پڙھائڻ جي حوالي سان ھڪ نمايان تبديلي نظر اچي ۽ عملي طور تي ھو پنھنجي اسڪول اندر ھڪ ماڊل ۽ بھترين استاد ثابت ٿئي ۽ پنھنجي اسڪول اندر ايندڙ ٻارن جي ذھنن جي پرورش ۽ پالنا ان انداز سان ڪري جو اھي ٻار مسقبل ۾ ھن سماج جا متحرڪ ۽ ڪارآمد فرد بڻجن.

انھن پرائيويٽ اسڪولن جي انٽرپرينيوئرز کي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان سبسڊي جي مد ۾ ھر ٻار جي ماھوار فيس (3 مھينن جي ايڊوانس جي صورت ۾) مھيا ڪئي ويندي آھي جنھن مان ھو اسڪول جا خرچ پورا ڪندو آھي. ان کان علاوه شاگردن کي Oxford University Press جا ڪتاب ۽ ٿيلھا فراھم ڪيا ويندا آھن. اسڪولن کي اعليٰ ۽ معياري سکيا جو تمام گھڻو مواد مھيا ڪيو ويندو آھي. استادن ۽ انٽرپرينيوئرز کي ھڪ بھترين اسڪول ھلائڻ لاءِ ٽيڪنيڪل ۽ اڪيڊمڪ تربيتون فراھم ڪيون وينديون آھن. ان کان علاوه صحتمند زندگي گذارڻ جي مھارتن کان وٺي سماجي طور تي زندگيءَ جي مختلف پھلوئن جي حوالي سان پڻ انٽرپرينيوئرز ۽ استادن جون تربيتون ڪيون وينديون آھن. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اھا ڀرپور ڪوشش ھوندي آھي تہ پنھنجي ڇپر ڇانءَ ھيٺ ھلندڙ اسڪولن کي اھڙن تعليمي ادارن ۾ تبديل ڪجي جتي سنڌ جو مستقبل ھڪ دوستاڻي ماحول اندر ان انداز سان تربيت وٺي ۽ پرورش حاصل ڪري جو اھي ٻار اڳتي ھلي پنھنجي زندگي نہ صرف آسانيءَ سان گذاري سگھن پر مستقبل ۾ ھو ھن سماج جا بھترين ۽ انوکا فرد پڻ بڻجن ۽ جن کي ڏسندي ھڪدم ڀٽائيءَ جون ھي سٽون زبان تي اچي وڃن:

ھِي جَي آيَا ھَيَرَ، مُون اَڳَ نَہ ڏِٺَا ڪَڏَھَن،
آءُ تَرسَان، ھُوتَڪڙا، پَٽَ نَہ لاَئِن پَيرَ.

"لطيف"

انهن اسڪولن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي حوالي سان مئي ۽ جُون جي آرهڙ وارن مهينن ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي لرننگ سپورٽ يونٽ جي ماسٽر ٽرينرز جي ٽيم فيز 2 جي 70 اسڪولن جو دورو ڪيو جنهن کي Field Support Visit يعني FSV چيو ويندو آهي. انهيءَ دوري دوران لرننگ سپورٽ يونٽ جي ٻن ماهرن تي مشتمل ٽيم فيز 2 جي هر هڪ اسڪول ۾ سڄو ڏينهن گذاريو ۽ 2 حصن ۾ اسڪول اندر هيٺيون سرگرميون انجام ڏنيون:

## پهريون حصو:

- اسڪول جو جائزو وٺڻ ته اهو ڪيتري حد تائين پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي ماحول لاءِ سازگار آهي
- ڪلاس اندر محفوظ/حفاظتي انتظامن سان گڏ ٻارن لاءِ مناسب روشني ۽ هوا جي نظام جو جائزو وٺڻ
- استاد طرفان ڪلاس اندر سکڻ لاءِ فراهم ڪيل تدريسي مواد جي استعمال جو جائزو وٺڻ
- تربيت يافته استادن کان ڪلاس اندر ڪنهن به هڪ مضمون جي سبق کي پڙهائڻ جو ڊيمو وٺڻ ته جيئن ان ڳالهه جو جائزو وٺي سگهجي ته استاد تربيت دوران سکيل مهارتن ۽ پڙهائڻ جي نون طريقن کي ڪلاس اندر بهتر نموني استعمال ڪري ٿو يا نه

## ٻيون حصو:

- انٽرپرينيوئر ۽ اسڪول جي سمورن استادن آڏو استادن جي ڏنل ڊيمو کي بنياد بڻائيندي اصلاحي طور تي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ٻنهي ماهرن طرفان پاڻ ڪلاس ۾ ڊيمو ڏيڻ ته جيئن استادن طرفان رهجي ويل ڪوتاهين ۽ خامين کي ختم ڪري سگهجي
- انهن سرگرمين کانپوءِ هڪ گڏجاڻي ڪرڻ جنهن ۾ انٽرپرينيوئر ۽ اسڪول جي سمورن استادن کي پڙهائيءَ وارن طريقن کي اڃان وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ڪارائتيون صلاحون ڏيڻ ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ ۽ ان سوچ کي پختو ڪرڻ ته ڪيئن هڪ اسڪول ان سموري علائقي ۾ تبديليءَ جو هڪ اهم مرڪز بڻجي سگهي ٿو ۽ ڪيئن هڪ بهترين انٽرپرينيوئر ۽ هڪ بهترين استاد ٻارن جي مستقبل کي روشن بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

انهن اسڪولن جي دوري دوران سنڌ جي هر قسم جي جاگرافيءَ کي پسڻ جو موقعو مليو. ٿتل ڏينهن ۾ ٿر، ٻر، رڻ ڪڇ جا ميدان، سامونڊي پٽي، اڇڙو ٿر، ڪچو، ڪاڇو، لاڙ، اتر ۾ موجود سنڌ جي ڪيترن ئي واهڻ ۽ وستين ۾ موجود اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻارن ۽ استادن سان مُلاقاتيون ٿيون ۽ منهنجي بصارتن جيڪي به منظر پسيا اهي منظر هميشه لاءِ منهنجي ذهن جو طواف ڪندا رهندا. سنڌ جي انهن ڏورانهن علائقن ۾ موجود اسڪولن اندر جاکوڙي استادن جي بدولت رُڃ ۾ به جڏهن ٻارن جي پڙهڻ جو آواز ڪنن ۾ پئي گونجيو ته ان ويلي شيخ اياز پئي ياد آيو:

اَڇَي پٿَي، اڇَي پٿَي، اڃان رڃ مان رڙ اڇَي پٿِي،

مٿان ائين سمجهين، مُئا مور سارا.

”شيخ اياز“

سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي مستقبل لاءِ ڪيترن ئي حوالن سان من مندر منجهه مايوسيون گهر ڪري ويٺيون هيون پر فيلڊ سپورٽ وزٽ دوران تمام گهڻا اهڙا تجربا ٿيا جن سان مايوسي ڪفر بڻجي پئي ۽ مستقبل ۾ هڪ خوشحال سنڌ جو عڪس جڏهن ذهن ۾ طواف ڪرڻ لڳو ته چپن تي مسڪراهٽون به رقص ڪرڻ لڳيون ۽ جڏهن انهن اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻارن ۽ پڙهائيندڙ استادن سان ملاقاتون ٿيون ته ان ڳالهه ۾ ايمان اڃان وڌيڪ پختو ٿيو ته سنڌ جي زمين اڃان ٻُڙُ ناهي بڻي، هن سرزمين جي ڪُک هميشه کان سڀاڳي رهي آهي ۽ هميشه سڀاڳي رهندي ۽ جي سنڌ جي زمين کي معياري علم جو اهو ريج ملندو رهيو ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن هن زمين تي اهڙيون ڪليون ڦٽنديون جن جي وڏي وڻ ٿيڻ سان هيءَ ڌرتي جنت جو ڏيک ڏيڻ لڳندي ۽ سنڌ جي هر کنڊ ڪڙڇ منجهان اهڙا ذهن جنم وٺندا جن جا مثال دنيا ڏيندي.

جن علائقن ۽ اسڪولن جو اسان دورو ڪيو اتي عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ تجربا رهيا جن مان چند هتي ونڊڻ ضروري ٿو سمجهان. جڏهن ٺٽي جي ڳوٺ يار محمد چانڊيو جي هڪ نياڻي Living Things ۽ Non Living Things جي تصور تي بحث ڪندي اهو چيو ته: ”سر توهان کي خبر ئي ناهي مان ٿي توهان کي ٻڌايان ته Living Things ۽ Non Livings ۾ ڪهڙو فرق آهي. دراصل Living Things اهي ٿينديون آهن جيڪي Nature Made هجن ۽ Non Living Things اهي آهن جيڪي Human Made هجن....“ ان سَمي اهو جملو ٻڌي منهنجي مٿان سڪتو طاري ٿي ويو ۽ مان حيرت منجهان ڪنڌ ورائي استاد ڏانهن ڏٺو، جنهن جي اکين جي چمڪ سندس چهري تي فخر جو سبب بڻي هئي ۽ چو نه اهو استاد پنهنجي شاگردن تي فخر ڪري جڏهن اهي شاگرد اسانجن سوالن جا اهڙا جواب ڏين جيڪي جواب OUP جي ڪتابن ۾ پڻ موجود نه آهن.

خيرپور ۾ پي پي آر ايس پروگرام جي فيز 1 جو هڪ اسڪول پير ڳوٺ کان 8 ڪلوميٽر جي فاصلي تي واقع هڪ ڳوٺ ٽنڊو (جيڪو ڦُلائي ميتلا جي نالي



سان پڻ مشهور آهي) ۾ آهي. ان اسڪول جي انٽرپرينيوئر جو نالو خوش محمد راهوجو آهي. ڳوٺ ڦُلائي ميتلا يونين ڪائونسل منگهنواري تعلقي ڪنگري ۾ آهي. ان اسڪول ۾ 400 ٻار داخل آهن پر اسڪول ايندڙ ٻارن جو تعداد روزاني جي حاضري جي حساب سان 400 کان مٿي آهي. انهيءَ ڳوٺ ۾ اسڪول کلڻ کان اڳ صرف ٻه ماڻهو پڙهيل هئا ۽ اهي به مئٽرڪ پاس جنهن مان هڪ کي سرڪاري پٽيوالي جي نوڪري مليل آهي. انهيءَ اسڪول جي انٽرپرينيوئر ۽ ليڊي ٽيچرز دلشاد ۽ آسيه مونکي ٻڌايو ته: ”جڏهن 5 سال اڳ اسان اسڪول کوليو سين ته اسان ڏاڍين ڏکين حالتن کي منهن ڏنوسي ۽ هن ڪميونٽي جي صورتحال ايتري خراب هوندي هئي جو 7 کان 8 سالن جي عمرين جا ٻار به اڳهاڙا اسڪول ۾ پڙهڻ ايندا هئا. اسان کي ڳالهه صفا سمجهه ۾ نه ايندي هئي ته هنن ماڻهن کي اسان ڪيئن سنڀاليندا سين. آخرڪار اسان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ورتل تربيتن جي روشني ۾ جڏهن ECE جو ڪلاس شروع ڪيو ته اسانجي اسڪول اندر اهڙا مسئلا آهستي آهستي پاڻ ئي حل ٿيندا ويا، ڇو ته اسان تعليم ڏيڻ سان گڏ اسڪول اندر ٻارن جي تربيت پڻ ڪئي ۽ ان جو نتيجو اهو نڪتو ته ڪجهه وقت کان پوءِ نه صرف انهن ٻارن ۾ تبديلي بظاهر نظر آئي پر ڪميونٽي جي عورتن ۽ مردن جي روين ۾ پڻ چڱي خاصي تبديلي نظر آئي.“

اسڪول جي هيڊ ٽيچر دلشاد مونکي وڌيڪ ٻڌايو ته: ”اسان جي هن پوري علائقي ۾ اهو مشهور هيو ته اوهان جيڪڏهن ڪنهن جانور کي ٻڌي اسڪول ۾ پڙهائيندئو ته اهو به پڙهي ويندو پر ڦُلائين جا ٻار پڙهن اهو ممڪن ئي ناهي،

پر اڄ اسان انهن ماڻهن کي چوندا آهيون تہ نہ صرف ڦُلائين جا ٻار پڙهيا آهن پر انهن جي ڳوٺ جي بہ صورتحال اڳ کان ڪافي بهتر آهي ۽ جيڪڏهن توهان کي يقين نہ اچي تہ پوءِ ڦُلائي ميتلا ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ڪوليل الخير پبلڪ اسڪول ۾ اچو ۽ اچي پنهنجي اکين سان ڏسو تہ ڪيئن علم جي اجالي سان نہ صرف انهن جا دماغ روشن ٿيا آهن پر انهن جي زندگيءَ ۾ پڻ بهتري آئي آهي. “

اهڙي طرح ضلع خيرپور ۾ ڪوٽڏجي تعلقي جي هڪ ڳوٺ جيو خان شنباٽي ۾ پي پي آر ايس فيز 1 جو هڪ ٻيو اسڪول آهي جنهن ۾ پڻ لڳ ڀڳ 400 ٻار علم جي روشني سان فيضياب ٿي رهيا آهن. اسڪول جو نالو آهي شمس ماڊل اسڪول ۽ اسڪول جي انٽرپرينيوئر جو نالو آهي شڪيل چانڊيو. ان اسڪول جي انٽرپرينيوئر ۽ ليڊي ٽيچرز نازيہ ۽ منيره مونکي ٻڌايو تہ: ”ڳوٺ جيو خان شنباٽي جي ماڻهن ۾ هڪ عجيب عادت هئي، جڏهن انهن جو ڪو ٻار بيمار ٿي پوندو هو تہ ان ٻار کي ڪنهن ڊاڪٽر يا طبيب کي ڏيکارڻ بجاءِ ان ٻار جي ڪفن جو بندوبست ڪري انتظار ڪندا هئا تہ اهو ٻار ڪڏهن مرندو ۽ پوءِ هو ڪيس دفنائي ايندا. “



اها ڳالهہ ٻڌي منهنجي تہ پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. انهن ٽيچرز وڌيڪ ٻڌايو تہ: ”انهن جي اهڙي حالت ڏسي اسان پاڻ پريشان ٿي وياسي پر پوءِ آهستي آهستي جڏهن اسڪول ۾ پڙهائيءَ ۽ ٻين ڪيترين سرگرمين ذريعي خاص ڪري Health Sessions جي ڪري نہ صرف ٻارن ۾ پر ان ڪميونٽي جي ماڻهن ۾ پڻ وڏي تبديلي آئي آهي ۽ هن وقت اهو ڳوٺ اهڙين ڪيترين ئي جاهلاڻين سرگرمين مان پنهنجي جان ڇڏائي چڪو آهي. “

مٿي جي هڪ ٻئي ڳوٺ خميسو پيل ۾ قائم اسڪول تہ اهڙي علائقي ۾ هو جتي زندگي سِسڪي سِسڪي گذري رهي هئي ۽ ان ڳوٺ جي 12 ڪلوميٽر ايراضي ۾ ڪٿي بہ مٺو پاڻي موجود نہ هو ۽ ماڻهو پري کان پيئڻ جي مٺي پاڻيءَ جو بندوبست ڪن پيا ۽ ان اسڪول ۾ ڪافي ٻار 10 ڪلوميٽر پري کان بہ پڙهڻ لاءِ آيا پئي جن جي هڪڙي ڪلهي تي پاڻيءَ جي بوتل تہ ٻئي ڪلهي تي ڪتابن جو ٿيلهو هو ۽ جن جا پير گرم واريءَ جي پٽن کي لتاڙيندي علم جي اُڃ اجهائڻ لاءِ ان اسڪول ۾ اچي رهيا هئا. اتي دودو نالي پڻ هڪ استاد هو جيڪو 6 ڪلوميٽر پري کان روز اسڪول اچي رهيو هو دودو ڏسڻ ۾ ڪنهن بہ حوالي سان استاد نہ پئي لڳو پر جڏهن سندس اسڪول جي شاگردن سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ منهنجي حيرت جي انتها نہ رهي تہ اهي ٻار نہ صرف سنڌي ۽ اردو بلڪہ انگريزي بہ وڏي رواني سان پڙهي رهيا هئا ۽ سائنس کان وٺي انگريزي ۽ سماجي اڀياس جي مضمونن ۾ موجود مختلف تصورن کي سهڻي انداز سان پڻ بيان ڪري رهيا هئا ۽ ان جهوپڙيءَ نما اسڪول ۾ پڙهائيءَ جي اها مَهَڪ استاد دودي جي محنتن جي بدولت ئي آئي پئي.

مٿي جي ئي هڪ ٻئي ڳوٺ ڏَوڙ ترائي جو منظر بہ ڪجهہ اهڙو ئي هو. ان ڳوٺ وٽان هندستان جو بارڊر سڏ پنڌ تي هو ۽ ان ڳوٺ تائين پهچڻ لاءِ رڻ ڪڇ جي وشال ميدان کي لتاڙڻو پئي پيو، جتي گرم ۽ ٿڌي هوا جي ميلاپ سان قدرت انساني دماغ کي ڌوکو ڏئي رهي هئي ۽ پري جو منظر ائين پئي لڳو ڄڻ سامهون پاڻي هجي پر اصل ۾ اهو نيري آسمان جو عڪس هو جيڪو ڏرتي تي پاڻي جي صورت ۾ نظر اچي رهيو هو. ڏَوڙ ترائي پهچڻ ڪانپوءِ منهنجو دوست محمد علي اسڪول ۾ هليو ويو ۽ ٻارن جي پڙهڻ جا مڌر آواز منهنجي ڪنن تي پئجي رهيا هئا تہ ان وقت مان اتي ئي موجود هڪ چني ۾ ويم جتي ڳوٺ جا ڪجهہ پوڙها ويٺل هئا. مان انهن سان حال احوال ڪندي پڇو: ”چاچا اوهان جي ڳوٺ ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن اسڪول ڪوليو آهي، توهان جو ان اسڪول بابت ڇا خيال آهي؟ پڙهائي بہ هلي ٿي يا ٺلهو ماستر وقت گذارو ٿا ڪن..!!؟؟“ تنهن تي هڪ جهُور پوڙهي جواب ڏيندي چيو: ”سائين اسان جي هن علائقي ۾ هڪ فوجي ٽڪيو ويٺا آهن ۽ ٻيو توهان جو ادارو ٿن سالن کان اسڪول ڪوڙي ويٺو آهي، سو هاڻ اها پڪ آهي تہ توهان بہ هن رُڃ ۾ فوجين وانگر اسانکي اڪيلو ڇڏي ڪو نہ ڀڄي ويندئو ۽ اهي ٻارن جا آواز ان ڳالهہ جي شاهدي آهن تہ اسڪول ٺاپون ٺاپ ٿو هلي..... “

منهنجي ڇهري تي مُرڪ ڏسي پوڙهي مڙس بہ مرڪي ڏنو. واپسي تي هڪ انتهائي خوبصورت هرڻ اسانجي گاڏي آڏو تمام تيز رفتاري سان وڏا ٽپ ڏئي رڻ ڪڇ جي ميدان ڏانهن ڀڄي نڪتو ۽ نظر جي ڌوکي سبب دور ويندڙ ان هرڻ جو وجود رڻ ڪڇ جي ميدان ۾ پري کان ڪنهن وشال هاٿيءَ جيڏو پئي لڳو. ان مهل مونکي مِرگهہ تَرشنا جو تصور چٽو پٽو سمجهہ ۾ اچي ويو تہ جڏهن هرڻ رُڃ ۾ اُڃ کان بيحال ٿي پڇندو آهي تہ سندس هڪ ٽِپُ 8 کان 10 ميٽرن جو هوندو آهي ۽ ان ويلي جڏهن هرڻ جي بدن مان ڪجهہ پگهر ڦُڙا سندس دُن تي پهچندا آهن تہ مُشڪ جي خوشبو چوڌس پکڙجي ويندي آهي جيڪا جنهن جنهن جِيوَ تائين پهچندي آهي اهو مدهوش ٿي ويندو آهي. ڪاش جيڪڏهن اسان ماڻهن لاءِ هن دور ۾ علم جي اڄ بہ هرڻ جي مِرگهہ تَرشنا بڻجي پئي تہ هوند ڇَمَ ۽ هَڏَ جو جڙيل هي وجود انسانيت جي عظمت جو پيڪر بڻجي پئي.

سنڌ وڏي آهي، سنڌي پنهنجي سرزمين تي تمام گهڻا ڦهليل ۽ پکڙيل آهن، سازشن ۽ پنهنجن جي ويساهہ گهاتين جا ماريل آهن پر جي علم جو رستو انهن تائين پهچي ويو تہ پوءِ سموري دنيا جا رستا انهن لاءِ پاڻ ئي کُلي پوندا. جڏهن سنڌ وٽ علم، عقل، مذهب، فلسفي، وڻج، واپار، راڳ، رقص ۽ نت نون فلسفن، تصورن ۽ جذبن سان گڏ ڀانت ڀانت جون جدتون هيون تہ ان وقت سنڌ جي ڇاپ هڪ تهذيب يافتہ قوم جي صورت ۾ پوري دنيا تي اڪريل هئي. مونکي خبر ناهي تہ سنڌ جي تهذيب ڪيئن زمين بوس ٿي وئي پر مونکي ان ڳالهہ جي پڪ آهي تہ هن قوم ۾ وري ڪَرُ ڪڍي پنهنجن پيرن تي اٿي بيهڻ جون سموريون صلاحيتون موجود آهن ۽ سموري دنيا کي پنهنجي وجود جي اهميت تسليم ڪرائڻ جي جرئت پڻ موجود آهي بس صرف ضرورت آهي ان جذبي سان پنهنجي پاڻ کي سلهاڙي ڪري اڳتي وڌڻ ۽ سخت محنت جي جنهن جذبي جو اشارو سسئي جي واتان ڀٽائي 300 سال اڳ ئي ڪري چڪو هو:

مَـتَـان ڪَـا مُـونسِـين هَـلَـي، اَڳِـيَـان رَائـَو ٻُـجهَـــي رُڃَ،

مَتَان مَــرَي ڪَـا اُڃَ، تَـ ڏِئَـي پَـارَاتَـو مُـنهِـنجَـي پِـرِيـن ڪَـي.

”لطيف“

اجان تہ پنڌ گهڻو آهي ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو اهو ازم آهي تہ انهن اسڪولن کي سنڌ جي سرزمين جا اهڙا اسڪول بڻائبا جو قدرت جو جوڙيل جڳ انهن جا مثال ڏيندو ۽ هتي مان صرف چند اسڪولن ۽ استادن جو ذڪر ڪيو آهي اهڙا تہ سوين ٻيا بہ آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي پَـرَ ۾ الڳ الڳ داستانن رقم ڪرڻ جهڙا آهن. مٿي ذڪر ڪيل ۽ ذڪر کان رهجي ويل اهڙين ٻين اسڪولن جي انهن سمورن جاکوڙي استادن کي سلام جن کي لُڪ رُڪ بڻائي ٿي ۽ جيڪي سنڌ جي ڪنور جاگرافيائي علائقن ۾ هڪ نئين سنڌ جو بنياد وجهڻ ۾ پنهنجون ذميداريون احسن طريقي سان نڀائن پيا. شال اهو ساٿ هميشہ ائين ئي هميشہ سگهارو ۽ سلامت ۽ اڳ کان اڳرو رهي.



# آراضي کان آمريڪا تائين ......

عذرا خاصخيلي

اهي هلڪا هلڪا سرديءَ جا ڏهاڙا هئا. فيبروري جو مهينو پنهنجي پڄاڻي تي هو. مان گهر جي ڪنهن ڪم سانگي آفيس مان اڌ ڏينهن جي موڪل ڪري گهر آئي هيم. لڳ ڀڳ شام جا 4 پئي وڳا هيڊ آفيس کان منهنجي هڪ دوست غزالا جوڻيجو جي ڪال آئي ۽ هن مون کي ٻڌايو ته:”اسان جي سينيئر مينيجر منهنجو نالو آمريڪا ۾ ٿيندڙ هڪ ٽريننگ لاءِ تجويز ڪيو آهي؛ انهيءَ حواليءَ سان ڀرپور تون پنهنجي گهر وارن کان اجازت وٺ ته انهن کي تنهنجي آمريڪا وڃڻ تي ڪو اعتراض ته نه آهي. مان اڌ ڪلاڪ کانپوءِ توکي ٻيهر ڪال ڪري پڇان ٿي.“ جڏهن اها ڳالهه مون پنهنجي پياري امڙ سان ڪئي ته هوءَ ڏاڍي خوش ٿي ۽ چيائين ته ان کان وڌيڪ بهتر ٻئي ڪهڙي ڳالهه ٿي سگهي ٿي. مان سنڌ ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ته واقف هيس پر سنڌ کان علاوه اڳ ڪڏهن ٻئي صوبي ۾ وڃڻ جو به اتفاق نه ٿيو هو سو اوچتو ئي اوچتو گهر کان ايڏو پري وڃڻ منهنجي لاءِ هڪ پريشان ڪندڙ ۽ خوشيءَ جهڙو لمحو هو. ٻئي طرف منهنجي امڙ دل جي مريض هئي ۽ ان جي طبعيت اڪثر خراب رهندي هئي ۽ مونکي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪيان..!!؟؟ آخر ماما سائين سان صلاح کانپوءِ مون ان ٽريننگ لاءِ ها ڪئي. آخر مان آهستي آهستي پاڻ کي ذهني طور آمريڪا وڃڻ لاءِ تيار ڪيو. انٽرنيٽ تي پلاءِ مٿ يونيورسٽي (جتي اسان کي تربيت لاءِ وڃڻو هو) متعلق ڄاڻ حاصل ڪيم. پاڪستان ۽ آمريڪا جي موسمي تبديلين کي مدِنظر رکندي مان ڪپڙن وغيره جي حوالي سان پڻ تياري شروع ڪري ڏني.

ان بعد مونکي مختلف وقتن تي ڪراچي ITA وارن جي آفيس ۾ مختلف ٽيسٽن ۽ انٽرويوز لاءِ وڃڻو پيو هو. اهو هڪ ڏکوَ ۽ ٿڪائيندڙ مرحلو هو، جنهن ۾ 3 مهينا لڳي ويا. ان دوران مان جلديءَ ۾ پاسپورٽ ٺهرائي ورتو. آخر جون 2011 جي آخري هفتي ۾ اسلام آباد ۾ انهيءَ تربيت لاءِ 40 اميدوارن جي تعارفي گڏجاڻي رکي وئي. اتي Hotel Hill View تي منهنجي ملاقات پاڪستان جي سمورن صوبن ۽ علائقن (سنڌ، پنجاب، بلوچستان، خيبر پختونخواه، گلگت بلتستان ۽ آزاد جمون ڪشمير) مان آيل سيني ساٿين سان ٿي. اتي موجود لڳ ڀڳ سمورن ساٿين جو واسطو سڌي يا اڻ سڌي طرح درس و تدريس سان هو. اسان اتي ٽي ڏينهن گذاريا ۽ اتي اسان کي آمريڪا ۾ تربيت دوران گذاريل وقت ۽ اتي رهڻ وغيره جي حوالي سان ڄاڻ ڏني وئي. ان کان علاوه اتي موجود سمورن ساٿين پنهنجن پنهنجن تجربن ۽ ڪم ڪار بابت هڪٻئي کي آگاهه ڪيو.

اسلام آباد ۾ اسان کي اهو پڻ معلوم ٿيو ته هر سال جولاءِ مهيني ۾ ITA جي پليٽ فارم تان پوري پاڪستان ۾ سراسري طور 40 ماڻهن جي چونڊ ڪئي ويندي آهي ۽ ان گروپ کي USAID جي فنڊنگ جي مدد سان آمريڪا ۾ 3 کان 4 هفتن جي تربيت ڪرائي ويندي آهي. تربيت خاطر ITA وارا مختلف ٽيسٽن ذريعي اميدوارن جي چونڊ ڪندا آهن. آمريڪا ويندڙ اسان واري گروپ ۾ 11 مرد ۽ 29 عورتون شامل هيون، جن ۾ سنڌ مان 6 ڇوڪرين جي چونڊ ٿي هئي. اسلام آباد ۾ 3 ڏينهن جي تربيت کانپوءِ اسان کي پهرين جولاءِ تي آمريڪا وڃڻ لاءِ گرين سگنل ملي ويو.

آخرڪار اسان جو قافلو 1 جولاءِ 2011 تي اسلام آباد ايئرپورٽ تان آمريڪا وڃڻ لاءِ روانو ٿيو. اسان PIA جي جهاز ۾ چڙهياسين ۽ 8 ڪلاڪن جي سفر کانپوءِ لنڊن جي ”هيٿرو ايئرپورٽ“ تي لٿاسين، جيئن ته اسان جي ٽرانزٽ فلائيٽ هئي ۽ اسان جي فلائيٽ ليٽ هئي ان ڪري اسان کي “هيٿرو ايئرپورٽ لنڊن” تي 8 ڪلاڪ انتظار ڪرڻو پيو. ان ٿڪائيندڙ انتظار کانپوءِ نيٺ اسان آمريڪن ايئرلائن جي جهاز تي

مانجهاندي واري وقت تي يونيورسٽي جا پروفيسر ۽ ڪجهه پي ايڇ ڊي ڪندڙ المنائيز ويهندا هئا ۽ انهن جي اسان سان پاڪستان ۽ ان جي ثقافت، رهڻي ڪهڻي، مذهب، سماج، ريتن رسمن، اخلاقي قدرن ۽ تهذيب تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي. وري اسان انهن کان آمريڪا متعلق پڻ ڪوڙ سارا سوال ڪندا هئاسين. انهن ڪچهرين دوران اسان کي معلوم ٿيو ته مسئلا فقط اسان وٽ ئي ناهن پر آمريڪا جهڙو سپر پاور ملڪ پڻ ڪيترن ئي مسئلن ۾ گهيريل آهي. هتي قتل، غربت، بيروزگاري، چوري، جسماني طور حراسان ڪرڻ، ننڍي عمر ۾ ٻارن جو نشو واپرائڻ ۽ وڏي تعداد ۾ ماڻهن جو بي گهر هئڻ جهڙا مسئلا پڻ موجود هئا.

چڙهي آمريڪا جي شهر "بوسٽن" جي ايئرپورٽ تي لٿاسين، جتي پلاءِ مٿ يونيورسٽي جي ٽيم پهريان ئي اسان جو انتظار ڪري رهي هئي ۽ انهن اسان جو ڏاڍي سٺي نموني آڌرڀاءُ ڪيو. اسان ڪوچ ۾ ويناسين ۽ اتان نيوهيمپشائر ۾ پلاءِ مٿ اسٽيٽ يونيورسٽي جي هاسٽل پهتاسين جتي اسان جي رهائش جو انتظام ڪيو ويو هو. اسان مان هر هڪ ماڻهو کي الڳ الڳ ڪمرو ڏنو ويو هو. پهريان 3 ڏينهن يونيورسٽي جي ٽيم طرفان تعارفي ويهڪون هلنديون رهيون ته آمريڪا ۾ اسان کي ڪيئن رهڻو آهي ۽ ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين جو خيال ۽ احتياط ڪرڻو آهي. ان کان علاوه اسان کي آمريڪا جي ضروري قانونن کان پڻ آگاهي ڏني وئي.

اسان کي صبح جو 7 وڳي ناشتو ملندو هو ۽ رات جو 10 وڳي تائين مختلف تربيتي سيشنز هلندا هئا، جن ۾ اڪثر ڪري پڙهائي جي نون طريقن ۽ ٽرينر جي معياري ليڊرشپ واري ڪردار تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي. اسان جي تربيت جو طريقيڪار فقط هڪ ڪمري تائين محدود نه هو، اسان کي اڪثر



اسان کي صبح جو 7 وڳي ناشتو ملندو هو ۽ رات جو 10 وڳي تائين مختلف تربيتي سيشنز هلندا هئا، جن ۾ اڪثر ڪري پڙهائي جي نون طريقن ۽ ٽرينر جي معياري ليڊرشپ واري ڪردار تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي. اسان جي تربيت جو طريقيڪار فقط هڪ ڪمري تائين محدود نه هو اسان کي اڪثر ڪري مختلف دورن ذريعي تعليم ۽ تدريس جي جديد طريقن جي حوالي سان ڄاڻ ڏني ويندي هئي. اسان اتي موجود 2 ڪميونٽي اسڪول پڻ وزٽ ڪيا.

ڪري مختلف دورن ذريعي تعليم ۽ تدريس جي جديد طريقن جي حوالي سان ڄاڻ ڏني ويندي هئي. اسان اتي موجود 2 ڪميونٽي اسڪول پڻ وزٽ ڪيا. اسان جيڪي اسڪول گهميا انهن جون خاص ڳالهيون هي هيون جن مونکي تمام گهڻو موهيو:

- ❊ اسڪول وڏا هئا جن ۾ ڪشادا راندين جا ميدان پڻ هئا
- ❊ ڪلاس روم وڏا ۽ خلاصا هئڻ سان گڏ هر سهولت سان آراسته هئا
- ❊ هر مضمون لاءِ الڳ ڪمرو هيو جنهن ۾ ان مضمون سان واابسطه پهرين ڪلاس کان اٺين تائين جو مڪمل Learning Material موجود هو.
- ❊ شاگردن جي ڪيل ڪم کي پڻ وڏي اهميت حاصل هئي ۽ انهن جي ڪم کي ڊسپلي ڪرڻ لاءِ ڪاريڊورز ۾ وڏا وڏا بورڊ لڳل هئا جن تي شاگردن جو ڪيل ڪم سينگاريل هو.
- ❊ هر مضمون جا ماهر استاد اسڪول ۾ پڙهائي رهيا هئا ۽ اهي عمر ۾ پڻ ننڍا هئا.
- ❊ نصابي، غيرنصابي ۽ هم نصابي سرگرمين جي حوالي سان پڻ جوڳو بندوبست ٿيل هو.
- ❊ گرمين جي موڪلن ۾ شاگردن کي سکيا جا اسپيشل پيڪيجز ميسر هئا جن ۾ اسڪائوٽنگ، اسڪيٽنگ، سئمنگ، بوٽنگ، هائيڪنگ ۽ ٻيون ڪوڙ ساريون رانديون شامل هيون.
- ❊ شاگردن جا والدين ۽ ڪميونٽي جا متحرڪ فرد پنهنجن اسڪولن ۽ شاگردن جي حوالي سان ڏاڍا متحرڪ ۽ پرجوش هئا ۽ اسڪول انتظاميه ۽ استادن سان هر وقت لهه وچڙ ۾ رهندا هئا ۽ شاگردن سان

ٿيندڙ مسئلن بابت نه صرف آگاهه رهن پيا پر انهن مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن ڪوشش پڻ ڪن پيا ته جيئن هڪ شاگرد کي ڪنهن به حوالي سان پڙهائيءَ دوران ڪن به پريشانين ۽ مونجهارن کي منهن نه ڏيڻو پوي.

اسان جي تربيت گهڻ طرفي ۽ ڏاڍي مزيدار هئي. ٻين ڪوڙ سارين سرگرمين سان گڏ اسان کي آمريڪا جي قدرتي وسيلن جهڙوڪ ٻيلن، ڍنڍن، ندين ۽ جبلن وغيره جو سير ڪرايو ويو. مونکي اها ڳالهه ان وقت ڏاڍي سٺي لڳي ته قدرتي وسيلا چاهي جيترا به هجن پر جي انهن جو صحيح استعمال ڪجي ته هڪ ملڪ غربت جي کاهين مان نڪري آرام سان هڪ شاندار ۽ ترقي يافته ملڪ بڻجي سگهي ٿو. ڪاش اهڙي همت ۽ جرئت اسان جا حڪمران به ڪن.

اتي اسان کي ڪجهه اهڙا ٻيلا پڻ ڏيکاريا ويا جيڪي هٿرادو طور پوکيا ويا هئا ۽ انهن ٻيلن ۾ پکي پکڻ ۽ جيت يا جانور نه هئڻ جي برابر هئا. ائين پيو لڳي ڄڻ ڪو پلاسٽڪ جو ٻيلو هجي. مينهن جو پاڻي بچائڻ لاءِ هڪ هٿرادو ڍنڍ ٺاهي وئي هئي جنهن ۾ ماڻهن جي وندر لاءِ ٻيڙين ۽ لانچن جو پڻ بندوبست ٿيل هو. اها ڳالهه منهنجي لاءِ حيران ڪندڙ هئي ته اڪثر ندين ۽ واهن ۾ نه وهڪرو ۽ نه ئي پاڻي ۾ ايتري گهرائي هئي. هڪ سرگرميءَ دوران جڏهن اسان هڪ ندي ۾ لٿاسين ته ان نديءَ جي گهرائي فقط هڪ فوٽ ۽ ويڪر 17 ميٽر هئي. پر هتي پاڻي جو قدر تمام گهڻو هو ۽ هر هڪ ماڻهو پاڻيءَ جي استعمال ۾ ڏاڍو محتاط هو. هتي پاڻي ريسائيڪل ڪرڻ جا به پروجيڪٽ هئا ۽ وڏي پئماني تي پاڻي کي بار بار ريسائيڪل ڪيو پئي ويو. پاڻي جي ريسائيڪل جو هڪڙو پلانٽ اسان به ڏٺو ۽ مان اهو ڏسي ڏاڍو اچرج ۾ پئجي ويس ته ڪيئن گٽر جي پاڻي کي مختلف مرحلن مان گذاري ۽ ڪيميڪلز سان صاف ڪري ٻيهر استعمال لائق پئي بڻايو ويو.

هر روز اڪثر ڪري مانجهاندي واري وقت تي يونيورسٽي جا پروفيسر ۽ ڪجهه پي ايچ ڊي ڪندڙ المنائيز ويهندا هئا ۽ انهن جي اسان سان پاڪستان ۽ ان جي ثقافت، رهڻي ڪهڻي، مذهب، سماج، ريتن رسمن، اخلاقي قدرن ۽ تهذيب تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي. وري اسان انهن کان آمريڪا متعلق پڻ ڪوڙ سارا سوال ڪندا هئاسين. انهن ڪچهرين دوران اسان کي معلوم ٿيو ته مسئلا فقط اسان وٽ ئي ناهن پر آمريڪا جهڙو سپر پاور ملڪ پڻ ڪيترن ئي مسئلن ۾ گهيريل آهي. هتي قتل، غربت، بيروزگاري، چوري، جسماني طور حراسان ڪرڻ، ننڍي عمر ۾ ٻارن جو نشو واپرائڻ ۽ وڏي تعداد ۾ ماڻهن جو بي گهر هئڻ جهڙا مسئلا پڻ موجود هئا.

تربيت دوران ڪوچز اسان کي اسڪول ۾ پڙهائڻ جي مختلف طريقن بابت پڻ آگاهه ڪيو ۽ اهي ڪم عملي طور پڻ اسان کان ڪرايا ويا جن ۾ هيٺيون سرگرميون شامل هيون:

- ❊ مختلف نظمن تي ڏنيون ناهڻ ۽ شاگردن کي ياد ڪرائڻ
- ❊ ٺاهيل نغمن ۽ مشهور گانن تي شاگردن کي رقص ڪرائڻ








- ڪنهن بہ عنوان ڪي سولو ڪري نظم ۽ نثر جي بهترين انداز ۾ پڙهائڻ
- ڊرائنگ ۽ آرٽ ورڪ جي ذريعي متعلقہ مضمون بابت معلومات ڏيڻ
- رول پلي، پپٽ شو ۽ ننڍا ڊراما ڪرائڻ
- ميمري گيم، لوڊو گيم ۽ بيون انڊور گيمز ڪلاس ۾ ڪرائڻ وغيره وغيره

سنڌن چوڻ هو انهن طريقن ذريعي ٻارن جي پڙهائي واري عمل کي دلچسپ بڻائي سگهجي ٿو پر اسان انهن سان اهو شيئر ڪيو تہ مٿيان سڀ طريقا پاڪستان جي اسڪولن ۾ استعمال ٿي رهيا آهن، سواءِ 2 طريقن جي جيڪي ميوزڪ ۽ ڊانس سان وابستہ هئا انهن جو استعمال گهٽ پيو ٿئي.

هن تربيت ۾ اسان جون ڪمپيوٽر جون صلاحيتون بهتر ڪرڻ لاءِ پڻ آءِ ٽي جو سيشن هلندو هو جنهن ڪري اسان کي ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي استعمال سان گڏ يونيورسٽي طرفان انٽرنيٽ تي اسان جن نهيل اي-ميل اڪائونٽس جو پڻ بهتر استعمال سيکاريو ويو. مان اڪثر ڪري اسڪائپ تي پنهنجي گهر وارن سان ڳالهائيندي رهندي هيس ۽ اهو وقت اڪثر ڪري شام جو هوندو هو. جڏهن بہ شام جو اسڪائپ تي گهر وارن سان ڳالهائيندي هيس تہ پاڪستان ۾ صبح جو وقت هوندو هو ۽ گهر وارا اڪثر ڪري ناشتو ڪندا هئا ۽ مان کين چوندي هيس تہ اسان هاڻ رات جي ماني کائڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون. ان کان علاوه اسڪائپ تي آن لائن ٽيڻ وقت اڪثر ڪري اسان جو ڊائريڪٽر عزيز ڪاباني پڻ آن لائن هوندو هو ۽ اهي مون کان تربيت ۽ گذرندڙ وقت جي حوالي سان ڪافي حال احوال وٺندا رهندا هئا.

هن تربيت ۾ شامل سمورن دوستن کان سنڌن اسڪولن لاءِ مختلف موضوعن تي هڪ پلان تيار ڪرايو ويو ان ۾ منهنجو عنوان "اسڪول ۾ صحتمند ماحول" هو، مان ان موضوع تي پلان تيار ڪيو. (آمريڪا کان واپسي تي مان پنهنجي اداري جي سينيئر مينيجمينٽ سان صلاح مشوري ڪرڻ ڪانپوءِ ان پلان کي عملي جامو پهرايو. ان ڏس ۾ مان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي IELP پروگرام سان وابسطہ استادن جي 3 روزه تربيت ڪرائي. ان تربيت ۾ سهڪاري اين جي او CDC جي ٽيم، اسڪولن جي استادن ۽ شاگردن طرفان بهترين موٽ ملي. انهن اسڪولن ۾ ا ڳ صحتمند ماحول جي حوالي سان ڪو خاص ڪم ڪو نہ ڪيو ويو هو. ان سموري تربيت کي سرانجام ڏيڻ کان اڳ ITA طرفان "صحتمند اسڪول جو ماحول" جي نهيل تربيتي ڪتابچي کي استعمال ڪرڻ جي اجازت ورتي ۽ ان سموري تربيت ڪانپوءِ اسڪولن ۾ پوئيواري وارو جائزو پڻ ورتو ويو. انهيءَ سموري تربيت سان وابسطہ سرگرمين جون تصويرون، استادن ۽ شاگردن طرفان ٽيل ڪم، تربيت کان اڳ ۽ بعد وارا مشاهدا ۽ هڪ تفصيلي رپورٽ وغيره اي-ميل ۽ فيس بڪ ذريعي پاڪستاني ۽ آمريڪي ساٿين سان شيئر ڪئي وئي، جن ان سموري ڪم کي تمام گهڻو سارايو.

انگريزن سان گڏجي ڪم ڪندي ڏاڍو مزو آيو پر اها ڳالهہ بہ اسان جي سامهون آئي تہ اسان بہ ڪنهن کان گهٽ ناهيون. اسان وٽ عقل ۽ ڏاهپ جي گهٽتائي نہ آهي بس وسيلن جي اڻاٺ ۽ صحيح انتظام ڪاري نہ هئڻ ڪري اسان پنتي رهجي ويا آهيون. جيڪڏهن اسان جن ماڻهن کي وسيلا فراهم ڪيا وڃن، معياري تعليم ڏني وڃي ۽ جائز همٿ افزائي ڪئي وڃي تہ اسان جهڙن پنتي پيل ملڪن جي چانئٽ تي ترقي ۽ خوشحالي پاڻ ٿي سِر نِگون ٿيندي. ڪنهن صحيح چيو آهي تہ "ديسان ديس گهمڻ سان دماغ جا بند دروازا کلن ٿا". آمريڪا ۾ تربيت وٺڻ ۽ اتان جي ماڻهن سان گڏ ڪم ڪرڻ ۽ سکڻ ڪانپوءِ مان اتان جي ماڻهن ۾ هيٺيون خوبيون ڏٺيون:

- انگريز وقت جا وڏا قدردان ۽ پابند آهن، هو پنهنجي زندگيءَ جي هر هڪ پل جو ڀرپور استعمال ڪندا آهن ۽ پنهنجي وقت جي هڪ پل کي بہ ضايع ناهن ڪندا
- انگريز رات جو سوير سمهن ۽ صبح جو سوير اٿن ٿا. لڳ ڀڳ هر ماڻهو صبح جو فجر کان جوگنگ، واڪنگ، ورزش ۽ ٻيا ڪم ڪاريون ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا هئا.
- انگريز ڏاڍو منظم آهن ۽ هو پنهنجي سموري ڏينهن جي رٿابندي



ڪن ٿا ۽ ان تي سختي سان عمل ڪن ٿا.

- قانون هر عام ۽ خاص ماڻهوءَ لاءِ هڪجهڙو ۽ هڪجيترو ئي اهم آهي ۽ اهو بنا ڪنهن تفريق جي سڀني تي لاڳو ٿئي ٿو ۽ هر شهري پنهنجي ملڪ جي قانون جي نہ صرف پابندي ڪري ٿو پر قانون جو احترام پڻ ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کان ڪا غلطي ٿي وڃي ٿي تہ هو پنهنجي غلطي مڃڻ ۾ دير نہ ڪندو آهي.
- انگريز ڏاڍا بهادر، پُرتجسس ۽ ملنسار آهن.
- مهمان نوازي ۾ بہ گهٽ ڪو نہ آهن ۽ تن انگريز گهراڻن تہ اسان جي سموري گروپ جون دعوتون بہ ڪيون.
- پاڪستاني آمريڪن بہ ڏاڍا مهمان نواز هئا ۽ اهي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي گهران اسان لاءِ پاڪستاني ڊشز تيار ڪري هاسٽل تي کڻي ايندا هئا ۽ ان ڏينهن تہ ڄڻ اسان جي عيد هوندي هئي. پاڪستاني آمريڪن گهراڻا هر سال اينڊڙ ڊيليگيشن سان ايترو ئي ملنسار ۽ مهمان نوازي سان پيش ايندا هئا.
- هتان جا گهر اڪثر ڪاٺ جا ٺهيل هئا، ڇو تہ ڪاٺ جا گهر زلزلن ۾ ماڻهن کي محفوظ رکن ٿا. اسان تہ ڪجهہ اهڙا گهر بہ ڏٺا جيڪي هڪ جڳهہ تان کڻي ٻئي جڳهہ تائين آساني سان رکي پئي سگهيا.
- هتان جا ماڻهو پنهنجي زندگي جي هر گهڙي جو استعمال ڪندا آهن، جيڪڏهن ڪين ڪجهہ ڪم ڪار نہ هوندو اٿن تہ بہ ڪنهن راند روند، ميوزڪ ڪانسرٽ، ڊانس وغيره ۾ پاڻ کي مصروف رکي پنهنجي روح کي ريجهائيندا آهن. انگريزن وٽ هڪ چوڻي ڏاڍي مشهور آهي تہ: Time is the money .
- هتي جي پاڃين ۽ ميون ۾ اهڙو مزو نہ هو جهڙو اسان جي ملڪ جي شين ۾ هوندو آهي. انگريز کائڻ پيئڻ ۾ لوڻ ، مرچ، مصالحا ۽ تيل نہ هئڻ جي برابر استعمال ڪن ٿا.
- سندن لباس سادو هوندو آهي.
- اتي لڳ ڀڳ هر ماڻهو جي هٿ ۾ هڪ ڪتاب نظر آيو ۽ ان کي جتي بہ موقعو مليو پئي تہ هو ان ڪتاب منجهان ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور پڙهي رهيو هو.
- ماڻهن جو جانورن سان بہ ڏاڍو پيار هو ۽ سراسري طور تي هر پنجين ماڻهوءَ سان پالتو ڪتو يا ٻلي گڏ نظر پئي آئي.

هتي اسان جي گروپ جي هڪ گڏجاڻي USA Embassy سان پڻ ٿي جيڪا ڏاڍي ڪارائتي رهي، انهن هن تربيت ۽ اسٽڊي ٽوئر بابت اسان کان پنهنجا رايا معلوم ڪيا ۽ ان کان علاوه هنن اسان کي پنهنجي رٿابندي کان پڻ آگاهہ ڪيو تہ هو پاڪستان ۾ تعليم لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن ۽ حڪومت سان مختلف تعليمي سرگرميون ڪري معياري تعليم جي ڦهلاءَ لاءِ مدد فراهم ڪندا. گهمڻ ڦرڻ لاءِ آمريڪا ۾ بهترين جڳهون آهن پر اسان جي گروپ کي فقط بوسٽن ۽ واشنگٽن ڊي سي جو سير سپاٽو ڪرايو ويو. بوسٽن ڏاڍو خوبصورت شهر هو هتي عمارتون ڏاڍيون خوبصورت هيون. واشنگٽن ۾ هر جڳهہ تي ماڻهن جي رش هئي، ڪن پل لاءِ ائين پئي لڳو ڄڻ مان ڪراچي ۾ هجان. واشنگٽن ۾ هر جڳهہ ۽ خاص ڪري هر چوواٽي تي آمريڪا جي مختلف فلاسافرن، سائنسدان ۽ مفڪرن جا مجسما لڳل هئا.

اسان جي واپسي ساڳئي انداز سان ٿي آمريڪا کان لنڊن ۽ لنڊن جو "هيٿرو ائيرپورٽ" دنيا جو وڏي ۾ وڏو ايئرپورٽ آهي جتان هر گهڙي ڪو نہ ڪو جهاز اڏاميو پئي يا لٿو پئي. اسان جي نظر جڏهن PIA جي جهاز تي پئي تہ خوشيءَ جو ٺڪاڻو نہ هو ۽ جڏهن اسان جهاز ۾ ويٺاسين تہ ايئرهوسٽس اسان کي کائڻ ۾ پاڪستاني برياني ڏني. هڪ مهيني کانپوءِ پاڪستاني کاڌو ۽ سا بہ برياني واه واه اسان جي تہ ڄڻ عيد ٿي وئي. سڀ برياني کائڻ ۾ ائين مگن ٿي ويا ڄڻ رمضان جو پهريون روزو افطار ٿيندو هجي. اسان صبح جو 1:30 بجي ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿاسين، مون سميت منهنجي سڀني ساٿين جا گهر وارا اتي اسان کي خوش آمديد چوڻ آيا هئا، سڀني سان ملي جيڪا خوشي ٿي ان جو اظهار اکين مان نڪتل لڙڪن جي صورت ۾ ٿيو. پنهنجو وطن پنهنجو هوندو آهي پوءِ چاهي کهڙو بہ هجي، ان جو احساس مون کي آمريڪا مان واپسيءَ تي شدت سان ٿيو ۽ شاهہ صاحب جو شعر ياد اچي ويو تہ:

وَاجَهائَي وَطَن کَي آءُ جَي هِتِ مُيَاسِ

تَہ گَورَ مُنهِنجِي سُومرا کَج پَنهوَارَن پاس

ڏِجُ ڏَاڏَاڻَي ڏَيهَ جِي مَنجهَان وِلڙِيُن وَاس

مُئَا ئِي جِيَاسِ جَي وَڃَي مَڙُهہ مَلِيرَ ڏي

عذرا خاصخيلي گذريل 12 سالن کان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان وابسطہ آهن، پاڻ ايم اي ڪئي اٿن سوشيالاجي _سنڌ يونيورسٽي مان ۽ بي ايڊ _علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي مان. ان کانسواءِ انٽرنيشنل ڪلچرل ايجوڪيشن اينڊ ليڊر شپ ۾ سرٽيفڪيٽ ڪورس پلي مائوٿ اسٽيٽ يونيورسٽي_ آمريڪا مان ڪيو آهي. هن وقت پاڻ ريجنل ڪورآڊينيٽر طور لرننگ سپورٽ يونٽ ايس اِي ايف ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيون آهن.



# ڪينجهر ڍنڍ جو الميو

محمد عدنان مستقيم

انسان کي ڌرتيءَ تي موڪلڻ کان پهرين ڪائنات جي حقيقي مصور جڏهن ڌرتيءَ کي ساهه وارن جي رهائش لاءِ هڪ خوبصورت ۽ پرآسائش گرهه پئي ٺاهيو ته ان تي خوبصورت ڍنڍن جو هڪ نظام به ٺاهيو، جيڪي انسان ۽ ٻين ساهه وارن جي ضرورت کان سواءِ قدرت واري جو انمول تحفو به آهن. ڍنڍون مٺي پاڻيءَ جون هجن يا کاري پاڻيءَ جون، پر اهي پنهنجي جاءِ تي هڪ مڪمل حياتياتي، ماحولياتي نظام آهن. حضرت انسان جي منفي سرگرمين دنيا جي ڪيترين ئي ڍنڍن جي ماحولياتي نظام کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. اهڙين ڍنڍن مان ٺٽي ضلعي ۾ موجود ڍنڍ نوري ۽ ڄام تماچيءَ جي پيار جي ساکي ڪينجهر به هڪ آهي، جيڪا ڪجهه سال اڳ دنيا ۾ نيري پاڻيءَ جي خوبصورت ڍنڍ سمجهي ويندي هئي. بدقسمتيءَ سان هن وقت سخت ماحولياتي مسئلن جي ور چڙهيل آهي.

ڪجهه وقت اڳ ماحوليات تي ڪم ڪندڙ هڪ تنظيم ”گرين انوائرمينٽ“ هڪ سروي ڪرائي هئي، ته توهان کي جيڪڏهن ٻيهر زندگي ملي ته توهان ڪٿي پيدا ٿيڻ پسند ڪندو ته ماڻهن جي اڪثريت اهڙن هنڌن تي ٻيهر رهڻ پسند ڪيو، جتي مٺي پاڻيءَ جا ذخيرا، خاص ڪري خوبصورت ڍنڍون آهن. پر اهي سڀ اهڙن علائقن جا رهواسي هئا، جتي خوبصورت واديون، سائي چادر اوڍيل جبلن جون قطارون ۽ ڍنڍون موجود آهن. اهڙيون ڍنڍون جيڪي ڪنهن به گدلاڻ جو شڪار ناهن، نه ئي انهن ۾ گٽرن، اسپتالن، مال جي واڙن، زرعي زمينن جو خارج ڪيل پاڻي يا فيڪٽرين جو بنا ٽريٽمينٽ ٿيل مادو پوي ٿو. ان ڪري اهڙين ڍنڍن جي ڪناري هر قسم جي زندگي روان دوان آهي، ڪوڙ ساري مڇي، اڏامندڙ پکي ۽ خوبصورت انساني آباديون، ڇا اسان اهي سڀ خوبيون سنڌ جي ڍنڍن، خاص ڪري ڪينجهر لاءِ ڳڻائي سگهون ٿا؟ جواب ٿيندو قطعي نه.

پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي شهر ڪراچيءَ جي ستر سيڪڙو آبادي ۽ ٺٽي ضلعي جي ساڄي هٿ واري آباديءَ کي پيئڻ توڙي زراعت لاءِ پاڻي مهيا ڪندڙ

سنڌ جي مشهور لوڪ داستان ”نوري ڄام تماچي“ ۽ شاهه لطيف جي ”سُر ڪاموڏ“ جي حوالي سان مُلڪان ملڪ مشهور ڪينجهر ڍنڍ ڪراچيءَ کان 120 ڪلوميٽر اُتر-اوڀر، حيدرآباد کان 80 ڪلوميٽر ڏکڻ، ٺٽي شهر کان 20 ڪلوميٽر اُتر-اولهه جهمپير ريلوي اسٽيشن کان هڪ ڪلوميٽر اوڀر نيشنل هاءِ وي ضلعي ٺٽي ۾ موجود آهي. هن ڍنڍ جي ڊيگهه 32 ڪلوميٽر ۽ ويڪر 6 ڪلوميٽر آهي. ان حساب سان هيءَ ڍنڍ 192 هم چورس ڪلوميٽرن جو تاڃي پيٽو رکي ٿي. هن آب گاهه کي 1932ع ۾ ڍنڍ جو درجو ڏنو ويو. هن ڍنڍ کي پاڻي سنڌو درياءَ مان ڪوٽڙي بئراج وٽان نڪرندڙ دائمي واهه، ڪلري بگهاڙ واهه (ڪي بي فيڊر) ذريعي منتقل ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته برسات جي موسم ۾ اولهه کان نئين لوياچ ۽ اتر اولهه کان نئين سوڙهه جو به برساتي پاڻي سڄي ڪوهستان مان ڪٺي اچي ڪينجهر ۾ وجهن ٿيون. هيءَ ڍنڍ پيئڻ جي پاڻيءَ کان سواءِ هزارين ملاحن جي گذر سفر جو ذريعو به آهي، جن جو گذر ڍنڍ مان مرندڙ مڇيءَ مان ٿئي ٿو. ان سان گڏوگڏ ڪينجهر ڍنڍ سياري جي موسم ۾ سائيبيريا ۽ ٻين ٿڌن ملڪن مان ايندڙ پکين جو مَسڪن پڻ آهي. جيڪي هتي اچي آنا ڏين ٿا ۽ انهن مان ٻچا پيدا ڪري ڪينجهر جي فضائن ۾ ٻچن کي اڏارڻ سيکاري ولرن جي صورت ۾ پنهنجي ملڪن ڏانهن وني وڃن ٿا. يعني هيءَ ڍنڍ انهن پکين جي افزائش ۽ نرسريءَ جو اهم هنڌ آهي. ماهرن جي تحقيق مطابق هن ڍنڍ تي مختلف ٿڌن ملڪن کان هر سال پکين جا تقريباً 65 قسم اچن ٿا. جن مان هڪ قسم سائيبيرين ڪونج جو به آهي، جنهن جي نسل جي ختم ٿي وڃڻ جو انديشو آهي.

جيئن ته هيءَ ڍنڍ پيئڻ جي پاڻيءَ کان سواءِ، زراعت، ماهيگيري، ٻاهران ايندڙ پکين ۽ مختلف جانورن جو مَسڪن (Habitat) هئڻ سميت مختلف رُخن کان انتهائي اهميت واري آهي. ان ڪري هن ڍنڍ مان فائدو وٺڻ. مختلف رُخن کان ڍنڍ کي استعمال ڪرڻ، مڇي مارڻ، ڍنڍ مان مختلف قسم جون ٻوٽيون ڪڍڻ، غير ضروري پاڻي وٺڻ يا رهائش اختيار ڪرڻ ۽ غير قانوني شڪار ڪرڻ، خاص ڪري ناياب جنسن کي نقصان وغيره پهچائڻ کان بچائڻ لاءِ مختلف قومي

۽ بين الاقوامي قانون لاڳو ڪيا ويا آهن. 1971ع ۾ پاڪستان ”وائلڊ لائيف پروٽيڪشن آرڊيننس“ جي شق نمبر 15 تحت ڪينجهر ڍنڍ کي ”محفوظ گيم سينچري“ جو درجو ڏنو ويو. ان ئي آرڊيننس جي توثيق ڪندي 1977ع ڌاري ”سنڌ وائلڊ لائيف پروٽيڪشن آرڊيننس“ تحت هن ڍنڍ کي ”وائلڊ لائيف سينچري“ جو درجو ڏنو ويو. ان ڪان هڪ سال اڳ يعني 1976ع ڌاري هن ڍنڍ کي عالمي مڃتا ڏيندي عالمي معاهدي ”رامسر ڪنوينشن“ تحت ”رامسر سائيٽ“ جو درجو ڏنو ويو. واضح رهي تہ رامسر سائيٽ اهڙين آبگاهن، پاڻيءَ جي ذخيرن، پارڪن ۽ علائقن کي قرار ڏنو ويندو آهي، جنهن ۾ هيٺيون خاصيتون هجن:

الف: اهڙو پاڻي جو ذخيرو، پارڪ يا هنڌ جيڪو ڪنهن خاص جاگرافيائي خطي جي ناياب جانورن، ٻوٽن ۽ پکين جو مسڪن هجي.

ب: اهڙو پاڻي جو ذخيرو جتي پکين، مڇين يا ٻين جانورن جي افزائش يا ٻچا/آنا ڏيڻ لاءِ مناسب حياتياتي ماحول مهيا ٿيندو هجي.

ت: اهڙو پاڻيءَ جو ذخيرو، پارڪ يا هنڌ جتي ٻوٽن جي ڪا اهڙي جنس ٿيندي هجي، جيڪا ان خطي جي ڪنهن خاص قسم جي حياتيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ اهم هجي.

ث: اهڙو پاڻيءَ جو ذخيرو جتي سڄو حياتياتي ماحولياتي نظام موجود هجي.

هن ڪنوينشن مطابق سڄي دنيا ۾ موجود آبگاهن جي هڪ لسٽ ترتيب ڏني وئي آهي، جنهن ۾ مٿيون خاصيتون هجن تہ جيئن اهڙين آبگاهن جي حفاظت ۽ اهميت لاءِ ترجيحي بنيادن تي منصوبا ٺاهيا وڃن. هن ڪنوينشن (جيڪو ايران جي شهر رامسر ۾ ٿيو هو، جنهن جي نالي جي پويان هن کي رامسر ڪنوينشن جو نالو ڏنو ويو) ۾ 138 ملڪن جا نمائندا شريڪ ٿيا هئا. پاڪستان بہ هن ڪنوينشن ۾ آبگاهن جي حفاظت جي لاءِ لاڳو ڪيل مول متن تي نہ صرف صحيح ڪئي پر ان تي Rectify بہ ڪيو. پهرين ويهڪ ۾ پاڪستان جي اٺن آبگاهن کي رامسر سائيٽ قرار ڏنو ويو، جن ۾ ڪينجهر ڍنڍ پهرين نمبر تي هئي. واضح رهي تہ هن وقت سڄي دنيا جون هزارين ڍنڍون ۽ ٻيون ماحولياتي سائيٽون ”رامسر سائيٽس“ جي حيثيت حاصل ڪري چڪيون آهن، پر اهميت جي لحاظ کان رينڪنگ ۾ ڪينجهر ڍنڍ جو شمار شروعاتي سئو رامسر سائيٽس ۾ ڪيو وڃي ٿو. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ سنڌ جيڪا اڳ ئي پاڻيءَ جي کوٽ، ڊيلٽا جي تباهي، ٻيلن جي واڍ ۽ جهنگلي جيوت جي تباهيءَ سميت ڪيترن ئي ماحولياتي مسئلن ۾ گهيريل آهي. ان جي عالمي حيثيت رکندڙ هيءَ ڍنڍ ڪينجهر سنگين گدلاڻ جو شڪار ٿي چڪي آهي، جنهن جو سبب هوندئن تہ پاڻيءَ جي کوٽ، غير قانوني شڪار، آسٽريلين ٻيپاڙي ول، ٻيجاري جي چوري وغيره بہ آهن، پر ان جو اهم سبب اهو صنعتي گند ڪچرو ۽ ڪيميائي مادو آهي. جيڪو ڪوٽڙي جي صنعتي علائقن، مال جي وٿاڻن توڙي فارمن مان خارج ڪري ڪينجهر ڍنڍ کي پاڻي مهيا ڪندڙ واهہ، ڪلري بگهاڙ واهہ (ڪي بي فيڊر) ۾ ڦٽو ڪيو وڃي ٿو. برساتن ۾ نوري آباد صنعتي علائقي جو گندو مادو بہ موسمي ندي لوياچ ذريعي ڍنڍ ۾ داخل ٿيندو رهي ٿو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو هڪ طرف مڇيءَ جي پيداوار گهٽجي وئي آهي تہ ٻئي طرف انساني صحت تي بہ انتهائي هاڃيڪار اثر پيا آهن، جن ۾ پيٽ جون بيماريون، چمڙيءَ جون بيماريون، ٽي-بي، هيپاٽائٽس اچي وڃن ٿيون. ماهرن جي چوڻ مطابق تہ انساني گند ڪچري، نالين جي گندگي ۽ مال جي واڙن مان ايندڙ گوبر وارو ڪِن ڪچرو ماڻهن سان گڏوگڏ آبي حيات خاص ڪري مڇين لاءِ تمام خطرناڪ آهي، جيڪو جيڪڏهن انساني جسم يا مڇين جي پيٽ ۾ داخل ٿي وڃي تہ ڪينسر جو سبب بڻجي ٿو. ڪجهہ سال اڳ ڪينجهر ڍنڍ ۾ اوچتو وڏي تعداد ۾ جيڪي مڇيون مئل لڌيون ويون انهن جي جسم تي ڌَڪن جا نشان ۽ ڦلڪٽا ڏٺا ويا. اسان وٽ تہ هميشہ جيان لاپرواهي ڪندي اهڙن حادثن ڏانهن ڌيان نہ ڏنو ويندو آهي يا ان جا پيرا نہ کنيا ويندا آهن تہ آخر ائين ٿيو ڇو. پر ڪجهہ ئي عرصي کان پوءِ آمريڪا جي بہ هڪ ڍنڍ ۾ مڇين ۾ اها ساڳي بيماري ڏٺي وئي تہ انهن هنگامي بنيادن تي ماهرن جي هڪ ٽيم ويهاري، جنهن ٿن ڏينهن اندر ان بيماري جو سبب ڳولي ورتو، تحقيقي رپورٽ مطابق مڇين ۾ ان قسم جي ڪينسر جو سبب

> ڪجهہ وقت اڳ ماحوليات تي ڪم ڪندڙ هڪ تنظيم ”گرين انوائرمينٽ“ هڪ سروي ڪرائي هئي، تہ توهان کي جيڪڏهن ٻيهر زندگي ملي تہ توهان ڪٿي پيدا ٿيڻ پسند ڪندو تہ ماڻهن جي اڪثريت اهڙن هنڌن تي ٻيهر رهڻ پسند ڪيو جتي مٺي پاڻيءَ جا ذخيرا، خاص ڪري خوبصورت ڍنڍون آهن.

هڪ جراثيم فيسٽريا پسيسڊا ڳڌايو جيڪو انسان جو بہ تنتي سرشتو تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي. هن جراثيم جي جڏهن پيدا ٿيڻ جا سبب ڳوليا ويا تہ خبر پئي تہ اهو جراثيم انساني ۽ حيواني گند ڪچري (ڪرفتي ۽ گوبر) جي ڍنڍ ۾ داخل ٿيڻ سان پيدا ٿئي ٿو. ماهرن جي چوڻ مطابق تہ هن جراثيم لڳڻ سان پهرين مڇين جي جسم تي ڦلوڪٽا نڪرن ٿا، پوءِ اهي ڦلوڪٽا ڦِسيو زخم ٿيو پون ۽ مڇين مٿان چلر لهڻ لڳندا آهن، نيٺ مريو وڃن، مرڻ کان پوءِ بہ هي جراثيم مڇين جي گوشت کي کائيندو رهي ٿو. ان ڪري آمريڪا ۾ هن جراثيم کي سڏين ئي دوزخي جراثيم. ڪينجهر ڍنڍ جي مڇيءَ ۾ بہ ڪافي دفعا اهي علامتون ڏٺيون ويون آهن، پر هن طرف ڪو بہ ڌيان نہ ٿو ڏنو وڃي. ان حيواني ۽ انساني مادي کان سواءِ نوري آباد، حيدرآباد، ڪوٽڙي ۽ ڄامشوري سميت ڪافي علائقن ۾ موجود فيڪٽرين، ملين ۽ آبادين جا خارج ٿيندڙ زهريلين گئس وارا ڪيميائي مادا ۽ زرعي زمينن مان نيڪال ڪيل زهريلن پاڻن ۽ Pesticides وارو مادو بہ ڪينجهر ڍنڍ ۾ داخل ٿيندو رهي ٿو، جن ۾ نائٽريٽ، ڪاربان، ميٿين، ڪلورين، سينٿيٽڪ ايسٽروجينڪ ڪيميڪل ۽ ٻيون گيسون هجن ٿيون. جن جي ڪينجهر ۾ داخل ٿيڻ سان پاڻيءَ جي ڪيمسٽري، خاص ڪري آڪسيجن جو گهربل مقدار تبديل ٿي رهيو آهي، جيڪو انسانن ۾ مختلف بيمارين کان سواءِ آبي جانورن جي موت جو سبب بڻجي رهيو آهي. ڪلورين گيس ايبنارمل ٻارن جي پيدائش ۽ ڪينسر جو سبب بڻجي رهي آهي. ڪلورين گيس سان پيدا ٿيندڙ بيمارين جو گهٽي پاڳي شڪار عورتون ٿين ٿيون. نائٽريٽ مليل پاڻي پيئڻ سان انسان جي گردن تي انتهائي هاڃيڪار اثر پون ٿا. هيءَ گيس ٻارن ۾ هڪ خاص قسم جي بيماري بليو بي بي سينڊ روم جو سبب بڻجي ٿي، جيڪا ٻارن لاءِ موت ثابت ٿئي ٿي. هيءَ جيڪڏهن ڪنهن عورت جي جسم ۾ شامل ٿي وڃي تہ ان کي اولاد جهڙي نعمت کان محروم ڪريو سُنڍ بڻايو ڇڏي. اها صورتحال ڪينجهر ۾ موجود مڇين ۾ بہ ڏٺي وئي آهي تہ بجاءِ پاڻي ۾ ٻيجارو ٿيڻ جي اهو مڇيءَ جي پيٽ ۾ ئي مري وڃي ٿو، هن وقت هتان مرندڙ اسي سيڪڙو مڇين جي پيٽ ۾ اهڙي قسم جو مئل ٻيجارو ملي رهيو آهي. هن ڍنڍ ۾ پوندڙ زرعي ڪِن ڪچرو ٻٽو نقصان پهچائي رهيو آهي. زرعي مادو هڪ طرف مڇي ۽ ٻي آبي مخلوق جي موت جو سبب بڻجي رهيو آهي. تہ ٻئي طرف ڍنڍ ۾ موجود غير ضروري وڻن ۽ گاهن کي طاقت ڏئي رهيو آهي. ڪينجهر کي اهڙن ڪيترن ئي غير ضروري گاهن پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو آهي. ماهرن جي چوڻ مطابق تہ ان گاهہ جي ڪري سج جا ڪرڻا هيٺ تائين نہ ٿا پهچن، جنهن جي ڪري اهي گاهہ ۽ ٻوٽيون جيڪي آبي جيوت کائي ٿي اهي اُسري ۽ نِسري نہ ٿيون سگهن.

تازو گڏيل قومن جي ماحولياتي اداري ”ڪلين واٽر ايڪٽ“ تحت هڪ رپورٽ جاري ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ هن وقت تائين 40 سيڪڙو مٺي پاڻي جون ڍنڍون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ جنهن نموني پاڻيءَ کي آلوده ڪري ان جي ڪيمسٽري تبديل ڪئي پئي وڃي، انهيءَ مان اهو اندازو لڳائڻ ڪو ڏکيو ناهي تہ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ وڌيڪ 20 سيڪڙو ڍنڍون بلڪل ختم ٿي وينديون، اهڙين ڍنڍن ۾ هيءَ بدنصيب ڪينجهر ڍنڍ بہ شامل آهي.

محمد عدنان مستقيم سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان گڏريل 12 سالن سان لاڳاپيل آهن. تعليمي لحاظ کان بي ايس سي ۽ ايم اي اڪنامڪس آهن ۽ گڏوگڏ بيٽيڪ اليڪٽرانڪس پڻ ڪري چڪا آهن. ڪيس ايڊمسٽريشن جي حوالي سان وسيع تجربو آهي. هينئر پاڻ بطور ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن ڪيس لکڻ ۽ پڙهڻ سان گڏ ڪرڪيٽ راند جو شوق آهي.



ذڪيہ مختيار

# اسان وٽ تعليم جي اهميت

اسان جي معاشري ۾ تعليم ڪي طبقاتي نظام وانگر ورهايو ويو آهي. وڏا وڏا نجي اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون اپر ڪلاس لاءِ، وچولي درجي وارا اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون ، وچين طبقي لاءِ ۽ سرڪاري اسڪول ۽ ڪاليج هيٺين طبقي لاءِ آهن. باقي اهي ماڻهو جيڪي هيٺين طبقي کان بہ هيٺ آهن انهن کي تہ ڪير ڪنهن ڳڻپ ۾ ئي ناهن آڻيندا.

مٿيون طبقو/ اپر ڪلاس تہ وڏا مهانگا اسڪول ڳولي ڏسي اتي پنهنجا ٻار پڙهائيندا آهن جنهن علائقي ۾ جيڪو ماڻهو جيترو امير هوندو آهي اهو ان حساب سان پنهنجي ٻار کي سٺي تعليم ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. وچين طبقي جا ماڻهو بہ پڇي ڏڪي قرض ڪڍي پنهنجي وس آهر ٻارن کي تعليم ڏياريندا آهن، بس سٺي تعليم ڪان رهجي ويندو تہ اهو آهي هيٺيون طبقو. هيٺين طبقي جي ماڻهن لاءِ صرف سرڪاري اسڪول ئي بچن ٿا جتي انهن جي معصوم ٻارن جي مستقبل جو فيصلو ٿيڻو هوندو آهي. اسان سڀني کي چڱي ريت خبر آهي تہ سرڪاري اسڪول ۾ تعليم جو معيار ڇا آهي. مان هرگز ايئن نہ ٿي چوان تہ سڀني سرڪاري اسڪولن جو حال هڪجهڙو آ پر تقريباً اسڪول نهايت بري حالت ۾ آهن جنهن جا ذميوار ڪافي ماڻهو آهن.

سرڪاري اسڪولن ۾ استاد يا تہ ايندا ئي ناهن جي ايندا آهن تہ ويهي ڪچهريون ڪري هليا ويندا آهن وڏ ڪان وڏ ايترو ڪندا آهن جو ٻارن ڪان سولي سنڌي ۾ سبق ٻڌندا آهن.

1999ع ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان سنڌ جي ٽن ضلعن جي پنج تعلقن ملير، سيوهڻ، ميهڙ، لاڙڪاڻو ۽ وارهہ ۾ ”ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪول پروگرام CSSP “ تحت انهن ڳوٺن ۾ اسڪول کوليا ويا جتي يا تہ اسڪول نہ هيا جي هيا سي بي بند پيل هئا. انهن علائقن ۾ سروي ڪري ڳوٺن جي چڱن اثر رسوخ ۽ تعليم ڏانهن چاه رکندڙ وڏڙن سان ملي اتي اسڪول کوليا ويا ڪجهہ علائقن ۾ ڪي ڏکيائون پيش آيون جيڪي بئي ڪنهن آرٽيڪل ۾ بيان ڪبيون پر ڪافي جڳهن تي مثبت موٽ ملي. ڳوناٺا پنهنجي ٻارن کي اسڪول ۾ موڪلي ڏاڍو خوش ٿيا هر مهيني مختلف ڳوٺن ۾ ماڻهن سان گڏجاڻيون ڪيون ويندون هيون، سيمينار منعقد ڪيا ويندا هئا جن ۾ نياڻين جي تعليم جي اهميت تي بحث مباحثہ ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا ويندا هئا وقت گذرڻ سان اسڪولن ۾ ٻارن جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو ويو. استادن وڏيڪ محنت ۽ دلچسپي سان پڙهائڻ شروع ڪيو. سي ايس ايس پي ۾ ڪم جي دوران ڪافي سيمينار ڪيا، سروي ڪيا، گڏجاڻيون ڪيون سوين ماڻهن سان ملڻ جو موقعو مليو انهن مان ڪجهہ ماڻهن سان ڪيل ڳالهہ ٻولهہ ذهن تي نقش ٿيل آهي جنهن کي پني تي لفظن جي صورت ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

2002ع ۾ سي ايس ايس پي جو مڊٽرم سروي ڪيو ويو جنهن ۾ پروگرام جي حوالي سان تقريباً 40 کان 45 سوال هيا اهو سوالنامو اسڪول ۾ پڙهندڙن شاگردن جي والدين سان ويهي ڀريو ويو. هن سوالنامي ۾ تعليم جي اهميت ۽ ان جي قدر جي حوالي سان سوال هيا، ڳوٺ ۾ موجود اسڪول جي ڪارڪردگي جي مناسبت سان سوال هيا تہ توهان ان سان ڪيترو مطمئن آهيو. ان سروي دوران وارهہ ڪلسٽر جي ڳوٺ دڙي ڪولاچي جي ساجن علي سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي جنهن جون بہ ڌيئرون اسان جي اسڪول ۾ پڙهي رهيون هيون. ان پاڻ سان پيش آيل هڪ واقعو اسان کي ٻڌايو تہ هڪ دفعي مان ڪراچي ويس اتي جنهن جاءِ تي مون کي پهچڻو هيو اها منهنجي ڏٺل نہ هئي ۽ اڻ پڙهيل هئڻ ڪري رستن توڙي دڪانن تي لڳل بورڊ بہ نہ پئي پڙهي سگهيس. پڇائيندي پڇائيندي هڪ هنڌ پهتس، اتي هڪ ماڻهو کان پڇيم تہ فلاڻو دڪان ڪٿي آهي تہ ان چيو پيڇي جاؤ، مان پوئتي هليو ويم پر ڪجهہ سمجهہ ۾ ئي نہ آيو. وري ٻئي ماڻهو کان پڇيم ان چيو آگي جاؤ، ايئن مان اڇ وڃ ۾ پورو ٿي ويم. نيٺ هڪ ماڻهو چيو تہ جيڪا جاءِ توهان ڳولهيو ٿا اتي توهان کي وٺي ٿو هلان. پوءِ ان مون کي آڻي هڪ دڪان تي بيهاريو ڏسان

جو ته هي ته اهائي جڳهه آهي جتي مون کي پهرين ماڻهو چيو ته پيچي جاءِ، جيڪڏهن پڙهيل هجان هان ته ايترو پريشان نه ٿيان ها. سو ان واقعي مون تي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ مان پنهنجي اولاد نياڻين توڙي پٽن کي پڙهائڻ جو سوچيو.

انهي سروي دوران سيوهڻ ڪلسٽر جي هڪ بروهي ڪميونٽي ۾ هڪ شاگردياڻي جي ماءُ جو انٽرويو ڪرڻو هيو پر ان کي سنڌي ڳالهائڻ نه پئي آئي ۽ نه ئي اردو پئي ڳالهائي سگهي ڇو ته هو مسقط ۾ رهندا هيا ۽ هن جي شادي ان ڳوٺ ۾ ٿي هئي پوءِ ان جي گهرواري (مڙس) منهنجي سوال کي بروهڪيءَ ۾ پنهنجي گهرواري کان پڇي مون کي جواب ٻڌائي پيو. جڏهن سوالنامي ۾ موجود سڀني سوالن تي ڳالهه ٻولهه ٿي وئي ته پوءِ آخر ۾ ان چيو ته منهنجون نياڻيون ته توهان جي اسڪول ۾ پڙهي رهيون آهن پر منهنجا پٽ ڪٿي پڙهن؟ سرڪاري اسڪول ۾ پڙهندا هئا اتان جي استاد چيو ته ٻارن کي يونيفارم وٺي ڏيو نه ته اسڪول نه اچن. سو اسان غريب ماڻهو ڪٿان پئسا آڻيون جو ٻارن کي يونيفارم وٺي ڏيون. هاڻي منهنجا ٻئي پٽ سڄو ڏينهن گهٽين ۾ رلندا ٿا وتن. منهنجي ٻه دل چئي ٿي ته پنهنجي پٽن کي ئي اسڪول ۾ پڙهايان سنو يونيفارم وٺي ڏيان پر غربت سڀني خواهشن تي بندش هڻي ڇڏي آهي. انهن لفظن دوران ان جي اکين مان جيڪي لڙڪ وهي رهيا هئا سي مون کي اڄ به ياد آهن.

هاڻي مان ڪجهه وي اي سيز ۽ ڪجهه انهن استادن جو ذڪر ڪنديس جن اسڪولن جي بهتري لاءِ پاڻ پتوڙيو. وارهه ڪلسٽر جي هڪ ڳوٺ بهار ملاڻو ۾ هڪ بزرگ شخصيت محمد ٻڍل ملاڻو (جنهن کي اسان عزت ۽ پيار وچان چاچو ٻڍل چوندا هياسين) اسڪول کي ڪاميابي سان هلڻ ۾ ڏاڍي مدد ڪئي. چاچي جي پنهنجي ويجهي مائٽن اسڪول جي ڏاڍي مخالفت ڪئي، هو نه پيا چاهين ته نياڻيون تعليم حاصل ڪن، ان عرصي دوران چاچي سان پنهنجن ڏاڍا جهيڙا ڪيا، ان کي ڌمڪيون ڏنيون پر چاچو ٻڍل پنهنجي ارادي تي هڪ مضبوط ۽ اڏول پهاڙ جيان رهيو ان تي ڪنهن به جهيڙي ۽ ڌمڪي جو اثر نه ٿيو ۽ اسڪول ڪاميابي سان هلندو رهيو ۽ اڄ ڏينهن تائين هلي رهيو آهي. روز صبح جو چاچو ڳوٺ جي گهر گهر ۾ وڃي نياڻين کي وٺي اچي اسڪول ڇڏيندو هيو. پنهنجي ڳوٺ ۾ تعليم تي سيمينار ڪرايائين ايتري تائين جو سي ايس پي بهار ملاڻو جي شاگردياڻين ٻين تعلقن جي اسڪولن ۾ تقريربازي ۽ سوالن جوابن جي مقابلن ۾ حصو ورتو ۽ پوزيشن ڪٽي آيون. رمضان مهيني ۾ ان ئي اسڪول جي ٻارن کي ٿي اين ٿي وڃي نعتون پڙهيون. انهن سڀني ڪاميابين پٺيان چاچي ٻڍل جي محنت ۽ هٿ هيو. هر هنڌ ٻارن سان پاڻ گڏجي ويندو هو.

سي ايس پي عبدالجليل چولياڻي جي ڳوٺاڻي نارو خان چوليا ٽي کي تعليم جي طرف ڏاڍو خيال هيو خاص ڪري نياڻين جي تعليم لاءِ هو وڌيڪ فڪر مند رهندو هيو. جڏهن انهن جي ڳوٺ ۾ اسان جي ٽيم پهتي ته نارو خان ڏاڍي مدد ڪئي ان جي خدمتن ۽ ڪاوشن سان ان ڳوٺ ۾ اسڪول کليو. جنهن وقت اسڪول کولڻ لاءِ سروي ڪيو ويو ۽ بعد ۾ جڏهن استاد جي چونڊ جو مرحلو آيو ته خبر پئي ان ڳوٺ ۾ ڪاڇوڪري ته پري جي ڳالهه پر انهن مان ڪو ڇوڪرو به پڙهيل ڪونه هيو. نارو خان جي صلاح سان پرواري ڳوٺ مان هڪ ڇوڪرو بشير احمد بحيثيت استاد چونڊيو ويو اسڪول جي تعليم معيار ۽ شاگردن جي حاضري کي يقيني بنائڻ لاءِ ڏاڍي محنت ڪئي، سندس محنتون، ڪاوشون خلوص اڄ ڏينهن تائين ياد آهي. بشير بحيثيت استاد جي صفِ اول رهيو تمام گهڻو محنتي ۽ ذهين استاد هيو. هن ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ هڪ نئون طريقو نئون رخ اختيار ڪيو، ڪلاس وار ۽ مضمون وار جتي به جنهن به ٽاپڪ ۾ ٻارن کي ڪو مسئلو ايندو هيو ته اهو عنوان آسان ڪرڻ لاءِ ان ٽاپڪ تي هڪ بيت ناهيندو هيو. ان ڪافي بيت ناهيا جيڪي استادن کي تربيتي ورڪشاپس ۾ سيکاريا ويندا هئا. ان جا بيت سجاڳ ۾ پڻ شايع ٿي چڪا آهن.

ڪجهه ڳوٺن ۾ اتان جي وي اِي سي يا ڳوٺاڻا اسڪول جي ڪارڪردگي جي حوالي سان سرگرم گهٽ رهيا ته اتان جي استادن پڙهائڻ سان گڏوگڏ ٻارن جي حاضري، والدين سان گڏجاڻيون ڪرڻ وارا ڪم پاڻ سنڀاليا ۽ ڏينهن رات اسڪول جي بهتري لاءِ ڪم ڪيو. تن ۾ سي ايس ايس عبدالعزيز بروهي


حاصل


مولا بخش بروهي


ٻڍل ملاڻو


امامزادي


رانجهڻ


علي حيدرجويو


صغري


صنم


ارشاد ملاڻو

جي ٽيچر امامزادي، ڪٽڻ خان مغيري مان حفيظ خاتون مغيري، قبول محمد لاشاري مان صنم گاڏهي، علي حيدر گائينچو مان صغري گائينچو ۽ مانجهي خان جويو مان علي حيدر جويو پاڻ ملهايو. انهن جي ڪوشش ۽ محنتن سان پرائمري اسڪول ايليمينٽري ٿيا، ٻارن جي داخلا جي تعداد ۾ خاطر خواهه اضافو ٿيو، نوان اسڪول نهيا، ڳوٺ ۾ سيمينار ٿيا.

سي ايس ايس جو پروگرام، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ) جي سمورن ڪامياب پروگرامن مان هڪ آهي، جنهن کي ڪامياب ڪرڻ ۾ تمام گهڻن ساٿين ساٿ ڏنو. هر هڪ شخص جو نالو نه ٿو ڪٽي سگهجي پر جن به ڀرپور ساٿ ڏنو اهي انهن ڳوٺن ۾ تعليم جي حوالي سان هميشه ياد ڪيا ويندا ۽ انهن جي محنت جي نتيجي ۾ انهن کي ڀرپور مان ۽ مرتبو هميشه ڏنو ويندو.

سي ايس ايس جي استادن وي اي سي ميمبرن ۽ ڳوٺن جي محنت تي ڳالهه هلي رهي آهي ته اتي سي ايس ايس جي سينيئر ٽيم جي ڳالهه نه ڪرڻ ان سان ناجائزي ٿيندي ڇو ته سي ايس پي جي ٽيم تمام گهڻي اڻ ٿڪ محنت ڪئي آ پروگرام کي بهتر ۽ ڪامياب بنائڻ ۾ انهن ڪم جي دوران سردي، گرمي مينهن طوفان ڏينهن رات کي نه ڏٺو، تن ۾ عبدالحميد بلو، آفتاب نظاماڻي، ذوالفقار ٻجاڻي، پرويز پيرزادو، ابراهيم مزناڻي، ناهيد عباسي، فوزيه سولنگي، شاهده ميراڻي، ثريا سومرو، ذڪيه مختيار، نوشابه باريجو، مختيار علي چانڊيو، مسرت پليجو ۽ دامن ٻوزدار شامل رهيا. سڄي ٽيم هميشه اسڪولن جي بهتري لاءِ فڪر مند رهي. استادن جون ٽريننگز هجن يا وي اِي سي جون ٽريننگ، ڪلاس روم سپورٽ، ٽيچرز ورڪشاپس سڀني سرگرمين ۾ ٽيم جي ساٿين پاڻ ملهايو.

ذڪيه مختيار ، سنڌ ايجوڪيشن فاؤنڊيشن ۾ 2001 کان ڪم ڪري رهي آهي. پهريان سي ايس ايس پروگرام ۾ ايسوسيئيٽ جي عهدي تي ڪم ڪيو پاڻ هن وقت اسيسمينٽ يونٽ ۾ بحيثيت اسيسمينٽ ايسوسيئيٽ طور تي ڪم ڪري رهيون آهن.



# لاڙڪاڻي کان لنڊن تائين

تمثيلہ سومرو

زندگي جو هر ڏينهن ۽ هر پل اسان جي طئہ ڪيل منصوبہ بنديءَ تحت ناهي گذرندو ۽ اسانجي زندگي ۾ ڪي ڪي واقعا ائين رونما ٿي پوندا آهن جو اسان انهن جي ڪڏهن ڪا ڪلپنا بہ نہ ڪئي هوندي آهي. انسان جي احساسن، خوابن ۽ تصورن جي تہ ڪا سرحد ناهي هوندي پر اسان انسانن کي سرحدن ۾ قيد ڪيو ويندو آهي، پر جڏهن قسمت مهربان ٿيندي آهي تہ انساني جوڙيل سرحدن جون اهي ديوارون بہ ڪنهن جي سوچن، سپنن ۽ ساپيائن آڏو واريءَ جي ديوار وانگر ڊهي پونديون آهن. اهڙو هڪڙو موقعو زندگيءَ ۾ مون کي بہ مليو جو آءُ لاڙڪاڻي، موئن جي دڙي، سنڌ ۽ پاڪستان جي سرحدن کان پار پئي اسان جي مٿان سئو سال حڪمراني ڪندڙ انگريزن جي ملڪ انگلينڊ گهميم. اهو لنڊن جو سفر جيڪو زندگي جي هڪ خوبصورت خواب وانگر منهنجي زندگي ۾ آيو ۽ گذري ويو پر اهو سفر ڪجهہ اهڙيون يادون منهنجي پَلَئہ ۾ وجهي ويو جيڪي منهنجي زندگيءَ جي سڪڻ واري مرحلي جو هڪ وڏو خزانو بڻجي پيون.

ان چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ دنيا گهمڻ هر ماڻهوءَ جو خواب هوندو آ ۽ لنڊن گهمڻ ان خواب جو هڪ خوبصورت حصو هوندو آ ۽ منهنجي لنڊن گهمڻ واري خواب جي ساپيان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سهڪار سان ٿي ۽ برٽش ڪائونسل ان خواب کي عملي جامو پهرايو. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان مون کي ۽ منهنجي هڪ ساٿي کي برٽش ڪائونسل جي هڪ ٽريننگ پروگرام لاءِ منتخب ڪيو ويو. ان ٽريننگ پروگرام ۾ لنڊن کان آيل ٻن ٽرينرز ڇهن ڏينهن اندر اسان جي دماغ جي بند دروازن کي کولڻ ۾ مدد ڪري اسان کي اهو سمجهايو تہ (Physical Education PE) يعني جسماني تعليم ـ (ورزش) ۽ Sports معنيٰ رانديون اسڪولن اندر شاگردن کي نہ صرف ذهني ۽ جسماني طرح تندرست ۽ چست رکن ٿيون پر شاگردن کي P.E جسماني تعليم ـ (ورزش) ۽ Sports راندين ذريعي نصابي حوالي سان پڻ مدد فراهم ڪري سگهن ٿيون. انهيءَ تربيت ڪانپوءِ مون کي لنڊن وڃڻ جو موقعو مليو تہ جيئن مان اتي ڏسي سگهان تہ انگلينڊ ۾ تعليم جي جديد طريقن سان گڏ ڪيئن اسڪولن اندر PE جسماني ورزش ۽ Sports راندين ذريعي شاگردن کي تعليم حاصل ڪرڻ دوران پيش ايندڙ مشڪلاتن کي دور ڪري سگهجي ٿو. لنڊن جي سفر جي شروعات 3 جولاءِ 2011 آچر ڏينهن صبح جو ڪراچي ايئرپورٽ کان ٿي. ايئر پورٽ تي مختلف اسڪولن جي ساٿين سان ملاقات ٿي ۽ انهن سان گڏ "پاڪستان ايئر لائن" تي اٺن ڪلاڪن جو سفر ڪرڻ ڪانپوءِ "هيٿرو ايئرپورٽ" تي پهتاسين جتي چار ڪلاڪ اميگريشن واري ٿڪائيندڙ مرحلي مان نڪرڻ ڪانپوءِ ٻاهر نڪتاسين تہ اتي اسان کي لنڊن جي مختلف اسڪولن مان آيل نمائندن خوش آمديد چيو. اڳ طئہ ٿيل رٿابنديءَ تحت اتي هر ٻن پاڪستاني اسڪولن جي نمائندن کي لنڊن جي هڪ پارٽنر اسڪول جو نمائندو وٺڻ لاءِ آيل هو. مان پنهنجي پاڪستاني ۽ سنڌ جي هڪ ڳوٺ جي اسڪول "ڪرم خان نظاماڻي" جي ٻن ساٿين حسن نظاماڻي ۽ ممتاز سهتو سان گڏ لنڊن جي هڪ اسڪول "ونسٽن چرچل" (ٻين جنگِ عظيم دوران انگلينڊ جو وزير اعظم) جي ائڊمنسٽريٽر "اسٽوئرٽ فلپ" سان گڏ Surrey County سَري ڪائونٽي جي هڪ ننڍي شهر Woking ووڪنگ ڏانهن روانا ٿياسين جتي اسانجي رهڻ جو بندوبست Hotel Premier Inn ۾ ڪيو ويو هو. اسان گڏ آيل فلپ چيو تہ" توهان آرام ڪيو پنهنجي ملاقات وري ڊنر تي ٿيندي." جنهن تي اسان جي گروپ اڳواڻ حسن ڪيس چيو تہ "توهان تڪليف نہ ڪيو اڄ آچر آهي توهان پنهنجي گهر وارن کي وقت ڏيو اسان ڊنر پاڻ ڪري وٺنداسين." فلپ کي حسن جي ڳالهہ ڏاڍي سٺي لڳي ۽ هن اسان ٽنهي جو شڪريو ادا ڪيو ۽ اتان هليو ويو.

ڪجهہ وقت آرام ڪرڻ ڪانپوءِ اسان ٽئي ساٿي رات جي مانيءَ کائڻ لاءِ گڏ ٿياسين ۽ ڪنهن اهڙي هوٽل جي ڳولها لاءِ ٻاهر نڪري پياسين جتي حلال

ڪاڌو ملي يا سبزي وغيره ملي. رات جي وقت هڪ اڻڄاڻ ملڪ ۾ اڻڄاڻ رستن تي هڪ اهڙو هوٽل ڳولهڻ جتي اسان کي اسان جي مرضي مطابق ڪاڌو ملي، هڪ انوکو ۽ وڻندڙ تجربو هو. آخر جي ڪري رات جو روڊن تي رش ڪجهه گهٽ هئي. پڇندي پڇندي تقريباً ڪلاڪ جي ڳولها ڪانپوءِ اسان کي هڪ هندستاني هوٽل مليو، جتي اسان ڪڙهي، پالڪ پنير ۽ ماني کاڌي. هوٽل جي مالڪ سان ڳالهائڻ ڪانپوءِ خبر پئي ته هو پاڪستان ۾ لاڙڪاڻي موئن جو دڙو ڏسڻ لاءِ اچي چڪو هو. ان ڪچهري ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ خوشيءَ جو احساس ان جي ۽ اسانجي چهرن تي ڇانيل هو. اسان ان کان موبائيل سِم لاءِ پڇيوسين ته ڪٿان ملي سگهي ٿي ته جيئن اسان پاڪستان ڳالهائي پنهنجن گهر وارن کي پنهنجي خيريت جو اطلاع ڏئي سگهون. جنهن تي ان چيو ته اڄ آچر جي ڪري سڀ دڪان بند هوندا پر ان وٽ هڪ نئين موبائيل سِم پيل هئي جيڪا ان اسان کي ڏني ۽ ان جا ڪي به پيسا اسان کان نه ورتا. اسان 5 پائونڊ جو هڪ ڪارڊ ورتو ۽ پاڪستان پنهنجن گهروارن سان ڳالهايو. واپسي تي اسان ان هوٽل مالڪ جو تمام گهڻو شڪريو ادا ڪيو ۽ واپس پنهنجي هوٽل Premier Inn اچي آرام ڪيوسي.

ٻئي ڏينهن سومر جي صبح جو ناشتي لاءِ هوٽل جي ريسٽورنٽ ڏانهن وياسين ته اسان کي اتي پنهنجي کائڻ لاءِ صرف فروٽ چاٽ ۽ جوس ئي نظر اچي رهيو هو، باقي ٻيو جيڪو ڪجهه به هو اهو اسان لاءِ صبح سان کائڻ ناممڪن هو. جيڪا چانهه اتي موجود هئي سا اسان پاڪستانين لاءِ بلڪل به مزي جي نه هئي. پوري 8 بجي اسٽوئرٽ فلپ اسان کي وٺڻ آيو. 10 منٽن جي ڊرائيو ڪانپوءِ اسان ونسٽن چرچل اسڪول Winston Churchill School پهتاسين. اسڪول ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ مک دروازي تي اسان جي نالن جي اسڪول وزٽ لاءِ داخلا ڪئي وئي ۽ اسان کي اسان جن نالن وارا بيج ڏنا ويا ۽ ان سان گڏ اسان کي ونسٽن چرچل اسڪول جي نالي وارا نوٽ بڪ ۽ پيپنون ڏنيون ويون، اسٽوئرٽ فلپ اسان کي پاڻيءَ جون بوتلون ڏنيون. اسان فلپ سان ان جي آفيس آياسين جتي فلپ اسان سان ان دوري جي پنجن ڏينهن جو ورڪ پلان شيئر ڪيو. ان بعد اسان فلپ سان ونسٽن چرچل اسڪول Winston Churchill School جي پرنسپل جي آفيس وياسين جتي پرنسپل D. Smith ۽ ٻن ٻين وائس پرنسپلز اسان کي خوش آمديد چيو ۽ تعارف ۽ ڪجهه دير ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ڪانپوءِ انهن اسان کي ٻڌايو ويو ته ونسٽن چرچل اسڪول Winston Churchill School ۾ 95 استاد ۽ 60 سپورٽ اسٽاف آهي.

**فلپ سان پنهنجي طرفان تيار ڪيل پاڪستاني ۽ خاص ڪري سنڌ اندر کيڏيون ويندڙ روايتي راندين Traditional Games وارو ڊاڪيومينٽ شيئر ڪيو جيڪو ان کي ڏاڍو پسند آيو ۽ سنڌ جي روايتي راندين جي حوالي سان اسان جي ڪافي ڳالهه ٻولهه ٿي. فلپ چيو ته هو سنڌ جي روايتي راندين Traditional Games مان ڪافي رانديون پنهنجي اسڪول ۾ ڪرائيندو.**

ان ملاقات ڪانپوءِ اسان فلپ سان گڏ راندين جي هال ڏانهن وياسين جتي اسانجي ملاقات اسپورٽ ٽيچر Emerson سان ٿي جيڪو ان وقت ٻارن کي باڪسنگ کان اڳ وارم اپ ايڪٽوٽي ڪرائي رهيو هو جنهن بعد انهن ٻارن کي باڪسنگ جي پريڪٽس ڪرائي. ان بعد فلپ اسان کي اسڪول جي هيڊ بواءِ ۽ هيڊ گرل سان ملايو جن اسان کي سمورو ونسٽن چرچل اسڪول Winston Churchill School گهمايو. اسڪول گهمڻ ڪانپوءِ اسان جي ملاقات PE جي هيڊ مارڪ Mark سان ٿي جنهن اسان سان اسڪول جا PE جا پلان شيئر ڪيا ته ڪيئن اهي PE کي نصابي حوالي سان لاڳو ڪندا آهن، مطلب اسڪول ۾ پڙهايو ويندڙ مختلف مضمونن سان Integrate يا ملائي



ڪري پڙهائيندا آهن، ائين ڪرڻ سان شاگردن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ تمام گهڻي مدد ملندي آهي ان کان علاوه PE سان شاگردن جي جذبن کي حدن اندر رکڻ ۾ مدد پڻ ملندي آهي. جولاءِ مهيني ۾ پاڪستان اندر تمام گهڻي گرمي هوندي آهي پر انگلينڊ جو موسم ڪافي ٿڌو هو، ان ڪري منهنجي طبعيت ڪجهه خراب ٿي پئي ان رات جي ماني اسان ونسٽن چرچل اسڪول Winston Churchill School جي وائس پرنسپلز سان بنگلاديش هوٽل ۾ کاڌي، جيڪا ڏاڍي مزيدار هئي.

ٻئي ڏينهن اڱاري تي صبح جو 7:40 منٽن تي مسز ايچ بروچر Mrs. H Broacher سان گڏ اسان هوٽل مان نڪري اسڪول پهتاسين ۽ سڄو ڏينهن اسڪول ۾ ٿيندڙ PE ۽ Sports راندين جي حوالي سان ٿيندڙ سرگرمين جو جائزو ورتو ۽ اسڪول ۾ ٿيندڙ مختلف راندين جهڙوڪ: Hand Ball, Dance Class, Cricket Integrate with English Language, Soft Ball, Hurdles and Net Ball وغيره ڏٺيون سي ۽ ان ڳالهه جو پڻ جائزو ورتوسين ته ڪيئن استاد راندين ذريعي نصابي سرگرمين کي جوڙي پڙهائي رهيا آهن. هڪ اهم ڳالهه جنهن منهنجو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو سا اها هئي ته اتي موجود هر استاد وٽ پنهنجو پنهنجو ورڪ پلان موجود هو جنهن تحت هو پورو ڪلاس هلائي رهيا هئا. وڏي عمر جا شاگرد ننڍي عمر جي شاگردن کي پڙهائڻ ۽ سيکارڻ ۾ مدد ڪري رهيا هئا. شاگردن کي ان ڳالهه کان مڪمل طور تي آگاهي ڏني پئي وئي ته راندين دوران انهن کي ڪهڙيون دوائون کائڻ گهرجن ۽ ڪهڙيون دوائون نه کائڻ گهرجن جيڪي قانوني طور تي عالمي سطح تي منع ٿيل آهن.

ان ڏينهن اسان فلپ سان گڏ آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ IT Department وياسين جتي اسان کي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ جي ٽيم جي ٻن اڳواڻن ٻڌايو ته اهي ڪيئن ٽيڪنالاجي جي سهاري سان اسڪول جي Website ذريعي استادن ۽ شاگردن جي والدين وچ ۾ هڪ مستقل رابطو رهندو آهي ۽ اهو رابطو اسان جي اسڪول اندر پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ شاگردن جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ انتهائي ڪارائتو ثابت ٿيندو آهي. فلپ اسان کي چيو ته هو ٽيڪنالاجي جي سهڪار سان پاڪستان ۾ موجود اسڪول ڪرم خان نظاماڻي سان مستقل رابطي ۾ رهڻ چاهن ٿا ته جيئن هو اسڪول سان وابسط نصابي ۽ غيرنصابي سرگرمين کي بهتر ڪرڻ لاءِ هڪٻئي جي مدد ڪري سگهن. اها ڳالهه اسان لاءِ ڏاڍي خوش آئند هئي ۽ ماحول کي مدِنظر رکندي حسن نظاماڻي اسڪول ڪرم خان نظاماڻي جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ته اتي ڪيئن نصابي ۽ غير نصابي سرگرميون ڪيون وينديون آهن. حال احوالن ڪانپوءِ فلپ ونسٽن چرچل اسڪول Winston Churchill School طرفان اسڪول ڪرم خان نظاماڻي لاءِ ڊجيٽل ڪئمرا جو تحفو ڏنو. مان فلپ سان پنهنجي طرفان تيار ڪيل پاڪستاني ۽ خاص ڪري سنڌ اندر کيڏيون ويندڙ روايتي راندين

فلپ سان پنهنجي طرفان تيار ڪيل پاڪستاني ۽ خاص ڪري سنڌ اندر کيڏيون ويندڙ روايتي راندين Traditional Games وارو ڊاڪيومينٽ شيئر ڪيو جيڪو ان کي ڏاڍو پسند آيو ۽ سنڌ جي روايتي راندين جي حوالي سان اسان جي ڪافي ڳالهه ٻولهه ٿي، فلپ چيو ته هو سنڌ جي روايتي راندين Traditional Games مان ڪافي رانديون پنهنجي اسڪول ۾ ڪرائيندو.

Traditional Games وارو ڊاڪيومينٽ شيئر ڪيو جيڪو ان کي ڏاڍو پسند آيو ۽ سنڌ جي روايتي راندين جي حوالي سان اسان جي ڪافي ڳالهه ٻولهه ٿي، فلپ چيو ته هو سنڌ جي روايتي راندين Traditional Games مان ڪافي رانديون پنهنجي اسڪول ۾ ڪرائيندو. آخر ۾ فلپ اسان کي ٻن سالن جي رٿابندي تي مشتمل PE جو هڪ فارميٽ ڏنو، جنهن ۾ اسان کي پنهنجي اسڪولن جي حوالي سان رٿابندي ڪرڻي هئي ته اسان جن اسڪولن ۾ PE جي حوالي سان ڪيئن ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون سرگرميون ٿينديون.



ٽئين ڏينهن يعني اربع تي صبح جو 8:15 بجي Mrs. Halen اسان کي هوٽل مان وٺڻ آئي ۽ اسان 8:25 منٽن تي اسڪول پهتاسين. اهو سمورو ڏينهن به اسان PE جي مختلف ٿيندڙ سرگرمين جو بغور جائزو ورتو. ان بعد اسان سان اتي پڙهندڙ مسلمان شاگرد عمر ۽ ٻين ڪلاسز جي شاگردن سان گروپ ڊسڪشن ٿيو. انهيءَ ڳالهه ٻولهه دوران شاگردن اسان کان پاڪستان، پاڪستاني اسڪولن اندر پڙهائيءَ جي نظام، اسان جي ثقافت، تهذيب ۽ ٻين ڪوڙ سارن موضوعن تي سوال جواب ڪيا.

خميس جي چوٿين ڏينهن تي صبح ساڍ اسان Mrs. Halen سان گڏ ڦيرائين اسڪول وياسين جتي اسان سڀني کان موڪلايوسين چو ته اهو اسڪول اندر اسان جو آخري ڏينهن هو. مان پاڻ سان گڏ آندل سنڌ جي سوکڙي اجرڪ، اسڪول جي پرنسپل، وائس پرنسپلز ۽ اسان سان گڏ مستقل وقت گذاريندڙ دوستن کي تحفي طور اوڍيا. تنهن کانپوءِ اسان Mrs. Halen سان گڏ سينٽرل لنڊن گهمڻ وياسين. سڀ کان پهرين اسان ريلوي اسٽيشن وياسين جتان Mrs. Halen اسان سين لاءِ ٽڪيٽون خريد ڪيون ۽ اسان زيرزمين ريل جي سفر ذريعي سينٽرل لنڊن پهتاسين. اسان سڄو ڏينهن لنڊن گهميوسين جتي اسان لنڊن جون مشهور جايون ڏٺيون سين جن ۾ لنڊن آءِ، ويسٽ منسٽر برج، پارليامينٽ هائوس، بگ بين ۽ لنڊن جون ٻيون ڪافي مشهور جڳهون ڏٺيون ۽ گهميون. چوندا آهن ته انسان جي سوچ جي خوبصورتي ان جي ڳالهائڻ جي انداز ۽ لفظن مان جهلڪندي آهي ۽ سندس چهرو سندس من جي سچائيءَ جي حُسن کي نروار ڪندو آهي. بلڪل اهڙي طرح هر هڪ ملڪ ۾ هر هڪ شهر جي خوبصورتي به اتان جي ماڻهن جي خوبصورت سوچ جي عڪاسي ڪندي آهي. لنڊن جيئن ٻڌو ۽ پڙهيو هو ان کان به وڌيڪ خوبصورت هو ۽ لنڊن جي خوبصورتيءَ جو غرور اتان جي ماڻهن جي چهرن تي جهلڪي رهيو هو ۽ چو نه جهلڪي، جتي انسان جو قدر هجي، هر ٻار ننڍپڻ کان بهترين ماحول اندر معياري تعليم حاصل ڪري ۽ جتي هر هڪ فرد پنهنجي فرض نڀائڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪري ته اهو ملڪ جنت نه ٻڻبو ته ٻيو ڇا ٻڻبو.

اڄ اسان جو انگلينڊ ۾ آخري ڏينهن هو ۽ جمعي ڏينهن صبح ساڍ ٿي Mrs. Halen اسان کي Hotel Premier Inn مان چيڪ آئوٽ ڪرائي اسان کان ريلوي اسٽيشن تان موڪلايو ۽ چيو ته Mark توهان سان لنڊن اسٽيشن تي ملندو ۽ هو اتان توهان کي برٽش ڪائونسل لنڊن جي آفيس وٺي ويندو. اسان Mark سان برٽش ڪائونسل لنڊن جي آفيس وياسين جتي اسان جي ملاقات پنهنجن ٻين پاڪستاني ساٿين سان ٿي، انهن سان ملي اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي. ان کانپوءِ لنڊن ۾ پاڪستاني برٽش ڪائونسل جي نمائندن ۽ يوٿ اسپورٽ ٽرسٽ جي نمائندن سان اسان سڀني پاڪستانين جي گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ سڀني گذريل چئن ڏينهن تي مشتمل سرگرمين جي حوالي سان پنهنجا پنهنجا تجربا، احساس ۽ ان کان علاوه P E واري رٿابندي جو فارميٽ پڻ شيئر ڪيو. آخر ۾ لنڊن ۾ پاڪستاني برٽش ڪائونسل ۽ يوٿ اسپورٽ ٽرسٽ جي نمائندن

چوندا آهن ته انسان جي سوچ جي خوبصورتي ان جي ڳالهائڻ جي انداز ۽ لفظن مان جهلڪندي آهي ۽ سندس چهرو سندس من جي سچائيءَ جي حُسن کي نروار ڪندو آهي. بلڪل اهڙي طرح هر هڪ ملڪ ۾ هر هڪ شهر جي خوبصورتي به اتان جي ماڻهن جي خوبصورت سوچ جي عڪاسي ڪندي آهي. لنڊن جيئن ٻڌو ۽ پڙهيو هو ان کان به وڌيڪ خوبصورت هو ۽ لنڊن جي خوبصورتيءَ جو غرور اتان جي ماڻهن جي چهرن تي جهلڪي رهيو هو ۽ چو نه جهلڪي، جتي انسان جو قدر هجي، هر ٻار ننڍپڻ کان بهترين ماحول اندر معياري تعليم حاصل ڪري ۽ جتي هر هڪ فرد پنهنجي فرض نڀائڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪري ته اهو ملڪ جنت نه ٻڻبو ته ٻيو ڇا ٻڻبو.

پڻ PE جي حوالي سان پنهنجو آئنده لائحه عمل شيئر ڪيو. ان بعد اسان زير زمين ريل ذريعي "هيٿرو ايئرپورٽ" پهتاسين ۽ PIA جي اڏام ۾ ويهي پاڪستان روانا ٿياسين.

آسمان جي بلندين تي اڏامندي منهنجون سوچون زمين تي رهندڙ پنهنجن ماڻهن جي ذاتي، گهرو، سماجي زندگين کان علاوه پنهنجي ملڪي حالتن ۽ خاص ڪري تعليم جي ابتر حالتن جو طواف ڪري رهيون هيون. رات اونداهي هئي پر آسمان ۾ چمڪندڙ ستارن جي چمچماهٽ کي مان جهاز جي دري مان ڏسندي انگلينڊ ۾ گذاريل پنهنجن پنجن ڏينهن تي سوچي رهي هيم ته: "اسان به دنيا جي ٻين ملڪن جي ماڻهن وانگر ماڻهو آهيون پر فرق صرف قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪرڻ جو آهي، اسان جي ملڪ جا قانون ڪاغذن تائين محدود آهن جڏهن ته ان ملڪ جا قاعدا ۽ قانون هر هنڌ عمل ٿيندي نظر اچي رهيا هئا ۽ هر هڪ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي قانون جي دائري ۾ رهندي پنهنجي زندگي گذاري رهيو هو. اتان جا ماڻهو جيڪو به ڪم ڪن ٿا اهو مڪمل سچائي ۽ جذبي تحت ڪن ٿا ۽ ٻين کي تڪليف ڏئي پنهنجو گهر سجائڻ انهن جو مَرڪُ ئي ناهي. اهو راز آهي هڪ ڪامياب قوم جو."

تمثيله سومرو ايم اي- اڪنامڪس آهي پاڻ گذريل 8 سالن کان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مختلف پراجيڪٽس ۾ ڪيو اٿائين. خاص ڪري لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن ۾ فائونڊيشن جي اسڪولن کي متحرڪ ڪرڻ ۾ سندس جو ڪردار ساراه جوڳو آهي. هن وقت لرننگ سپورٽ يونٽ ۾ بطور ٽريننگ ۽ ڊويلپمينٽ ڪوآرڊينيٽر- لاڙڪاڻي جا فرض سرانجام ڏئي رهي آهي.



# غلامي کان اڳواڻي ۽ تعليمي جاکوڙ تائين

## بوکر_ٽي، واشنگٽن

بختاور ٽالپر

جڏهن آمريڪا جي صدر ابرهام لنڪن شيدي غلامن جي عام آزادي جو اعلان ڪيو، تڏهن ائين سمجهيو ويو تہ آزادي معنيٰ آهي واندو ويهڻ يا ڪم ڪار کان آزاد گهمڻ، پر جن خدا ترس انسانن کي خدا تعاليٰ سوچ جا سهرا بخشيا آهن اهي سمجهڻ لڳا تہ تهذيب ۽ علم کانسواءِ آزادي بيڪار آهي.

بوکر ورجينيا علائقي جي ٻنين ۾ غلام ٿي ڄائو هو. هن جي ماءُ ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ غلامن جي ماني تيار ڪندي هئي. ماءُ ۽ پٽ ٻئي بورچيخاني لڳ هڪ جهوپڙي ۾ رهندا هئا. جنهن ۾ اُس ۽ سيءَ کي ڪا بہ رنڊڪ روڪ ڪانہ هئي.

بوکر جي بدن کي ڍڪڻ لاءِ ڳوڻ جا نهيل ڪپڙا هوندا هئا ۽ سمهڻ لاءِ ڳوڻ جي گودڙي هوندي هئي. بوکر کي پڙهڻ لاءِ ڏاڍي اُتڻ پيدا ٿي پر ڪنهن کي مجال نہ هئي جو غلام کي لکڻ ۽ پڙهڻ ڪٽي سيکاري. لنڪن جي آزادي واري اعلان کانپوءِ بوکر جي ماءُ ٻي شادي ڪئي. بوکر جي نئين پيءُ پنهنجي زال ۽ بوکر کي وٺي هزارين ميلن جي پنڌ تي ورجينا جي اولهندي پاسي لوڻ واري ميدان وٽ وڃي رهيو. بوکر جي ماٽيلي پيءُ لوڻ جي ڀٺن جي وچ ۾ وڃي جهوپڙي ٺاهي جيڪا غلامي وقت واري جهوپڙي کان بہ بدتر ۽ خراب حالت ۾ هئي. بوکر کي پٽس لوڻ جي ڀٺن تي ڪم تي لڳايو، جتي هن کي فجر 4 بجي کان ڪم تي وڃڻو پوندو هو.

ڪنهن ماڻهو آس پاس ۾ هڪڙو نئون اسڪول کوليو بوکر جي لکڻ پڙهڻ لاءِ تہ اڳ ئي دل ماندي هئي ويتر جو اسڪول ڏٺائين تہ سندس سر اپرڻ لڳو. هن کي پٽس ان شرط تي اسڪول لاءِ ڇڏيو تہ هو روزانو فجر جي وقت لوڻ جي ڀٺن تي ڪم ڪري پوءِ اسڪول ويندو. بوکر اهو شرط قبول ڪيو.

بوکر کي خدا تعاليٰ بدن جي طاقت ۽ مضبوطي سان گڏوگڏ دل، دماغ جون طاقتون بہ مضبوط بخشيون هيون تنهنڪري يارنهن مهينن اندر پڙهڻ لکڻ ۾ چڱو نالو حاصل ڪيائين. سال ڪن کانپوءِ هڪدم اگر (لاو) جي کاڻ جو ڪم کليو، جتي مزدورن کي سٺي مزدوري ملندي هئي. بوکر جي ماٽيلي پيءُ بوکر کي انهيءَ کاڻ تي مزدوري تي ويهاريو. اهو ڪم بوکر لاءِ مونجهاري ۽ سخت محنت وارو ڪم هو. ٻيو تہ لکڻ ۽ پڙهڻ واري معاملي ۾ ڏکيو پئي لڳو.



بوکر انهيءَ ڪم کان جلد بيزار ٿي پيو. بوکر کي خبر پئي تہ ورجينا شهر ۾ شيدين لاءِ هڪڙو خيراتي اسڪول کوليو ويو آهي جتي بورڊنگ هائوس ۽ پورهئي جو بندوبست بہ آهي. انهيءَ خبر ٻڌڻ سان بوکر نڪا ڪئي هم نڪا تم. پنهنجي پورهئي جا ٽي چار ڊالر گڏ ڪري ڪتابن جو ٿيلهو وٺي مٿي تي رکي پيو کوڙي پيو. هئمپٽن وارو نارمل اسڪول جنرل هئمپٽن آرم اسٽرانگ

1968ع ۾ شيدين لاءِ قائم ڪيو هو جنهن ۾ هن وقت ٻه هڪ هزار شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن اتي مذهبي، اخلاقي، هنري تعليم تي خاص خيال ۽ زور آهي بوڪر ورجينا کان سوين ميل پنڌ ڪري هئمپٽن پهتو مٿس ڳوڻ جا ٿهيل ميرا ڦاٽل ڪپڙا، مٿو ۽ پير اگهاڙا ڏسي ڪيس اسڪول ۾ داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو. هڪڙي رحمدل ماسترياڻي ڪيس تمام هلڪڙي پگهار تي ٻهاريدار ڪري رکيائين. بوڪر پيرن ڪوڙڻ لاءِ اهو غنيمت سمجهي ڪم شروع ڪيو هن کي ڏهاڙي ٻه پيرا ٻهاري ڪڍڻي پوندي هئي ۽ چار دفعه فرنيچر صاف ڪرڻو پوندو هو. هن کي ڪتاب ۽ ٻيو سامان شيدي شاگردن کان آساني سان ملي ويندو هو. تنهنڪري هو رات جو باهه تي يا اسڪول جي ايوان واري شمعدان تي پڙهندو هو ۽ ڏينهن جو واندڪائي وقت شوق ۽ ذوق سان پڙهڻ ۽ لکڻ جو ڪم پيو ڪندو هو. بوڪر جي ڪم جي چالاڪي ۽ نماڻائي ۽ پڙهڻ لکڻ جي شوق ماسترن جي هنياءُ ۾ وڃي هنڌ ڪيو. تنهنڪري ٻهاريدار مان ڦيرائي اسڪول جو چوڪيدار ڪيائونس. جنهن ڪري پاڻ ٻه ٻين سان همدردي ڪرڻ لڳو. ان ڏينهن ۾ آمريڪا ۾ عام خيال هوندو هو ته جيئن هينئر سنڌ ۾ آهي ته لکڻ پڙهڻ، سکڻ جي معنيٰ آهي بدني پورهئي کان جان ڇٽي پوڻ. پر بوڪر سوچيندو هو ته لکڻ پڙهڻ سان گڏ ڪنهن هنر يا بدني پورهئي جو چاهه نه رڳو پئسو پيدا ڪري ٿو پر انسان خوددار پڻ بڻجي ٿو ۽ بدن به مضبوط ٿيندو آهي.

بوڪر پنهنجي خداد ذهن ۽ دماغ جي رسائي جي ڪري چوڪيداريءَ جي وقت ۾ ايتري علمي طاقت ۽ قابليت پرائي جو اسڪول جي عملي ڪيس نائيٽ اسڪول جي چارج ڏياري؛ جنهن ۾ پورهيت شيدي ۽ شيدڻيون رات جو ٻه ڪلاڪ تعليم وٺندا هئا. بوڪر لکي ٿو ته ماستري جي حيثيت يورپين آمريڪا جي ڳاڙهن شيدي شاگردن کي تعليم ڏني هئي. بوڪر اسرڻ جي اميد ڪڏهن نه لاٿي هئي. سن 1881ع ۾ الاباما علائقي جي تسڪَگي شهر وارن هئمپٽن اسڪول مان ڪو لائق استاد ڏياري موڪلڻ لاءِ چيو هئمپٽن اسڪول هلائيندڙ بوڪر ٽي واشنگٽن جي ٻانهن ڏياري موڪلي. الاباما ڏاکڻي رياست مان اها رياست آهي جنهن ۾ شيدين جي آدم شماري ٻين کان وڌيڪ آهي. بوڪر جڏهن تسڪَگي پهتو ۽ اتي جي چارج ورتي تڏهن اتي ڪچيون لانديون هيون. بوڪر شاگردن کي پاڻ سان گڏ وٺيو کهاڙي کنيو جهنگ ۾ ويندو هو ڪاٺيون وڍڻ ۽ چلڻ جو ڪم به پاڻ ڪندو هو. پاڻ ۽ شاگرد سرون ٺٺن ۾ وجهندا ۽ پچائيندا هئا.

بوڪر موڪلن ۾ وڃي شهرن ۾ خيراتون وٺندو هو. بوڪر 1881ع ۾ ٻن جهوپڙين ۾ اسڪول کوليو هو. جيڪو سال 1914ع ۾ پڪي بلڊنگ ۾ تبديل ٿي ويو جنهن ۾ لکڻ پڙهڻ جا ڪلاس، هارپي جا ڪلاس، واڍڪي جا ڪلاس، انجينيئرنگ جا ڪلاس، ڪير جي ڊيرين جا ڪلاس، ڪپهه ۽ سٽ ڪتڻ جا ڪلاس. چانور ڇاٽڻ ۽ پيهڻ جي چڪين جا ڪلاسز شامل هئا. شاگردن جي تعليم ۽ ٻني ٻاري لاءِ شروع ۾ اسڪول کي هڪ سو ايڪڙ زمين ڏني وئي هئي






پر هينئر 32250 ايڪڙ زمين اسڪول جي ملڪيت آهي. بوڪر 1881ع ۾ ٽيهن ڇوڪرن ۽ 10 ڇوڪرين سان اسڪول شروع ڪيو جيڪو 1914ع ۾ 800 ماستر ۽ ماسترياڻين جي انگن تائين پهتو.

ڊاڪٽر بوڪر نه رڳو نارمل انڊسٽريل انسٽيٽيوٽ تسڪَگي جي وسيلي شيدي قوم جي لاءِ ابرِ رحمت بڻيو پر هن تمدن لاءِ پڻ گهڻو ڪم ڪيو. سن 1927ع تائين يونائيٽيڊ اسٽيٽ جي جدا جدا رياستن ۾ ڪل 6 هزار اسڪول خاص شيدين لاءِ قائم ٿي چڪا هئا جن جو تعلق تسڪَگي جي فنڊن سان هو. سن 1904ع ۾ ڊاڪٽر بوڪر شيدين جي ڪانفرنس جو بنياد وڌو جا ڪانفرنس اڄ ڏينهن تائين ڪم ڪري رهي آهي. تسڪَگي جي انسٽيٽيوٽ جي هٿ هيٺ ڪل 26 جماعتون آهن جيڪي شيدي قوم لاءِ جدا جدا نموني ڪم ڪري رهيون آهن. دنيا جو حال چال ڇاٽيندڙ ماڻهون چون ٿا ته دنيا ۾ ڪنهن به قوم 50 ورهين ۾ ايتري ترقي نه ڪئي جيتري آمريڪا ۾ شيدين ڪئي آهي. اسان کي شيدي قوم مان تعليم حاصل ڪرڻ ۽ مسلسل جدوجهد جو سبق پرائڻ گهرجي.







# نم

# اسان جو وڻ

## منل جسڪاڻي

چڱيءَ طرح ياد آهي پرائمري اسڪول ۾ ڪنهن سبق ۾ پڙهيو هئم يا جڏهن ٻالڪپڻ ۾ ڳوٺ ۾ رهندا هئاسين رات ٿيندي ئي گهٽين ۾ وڏي آواز ۾ ”اڪ جي ڪاٺي نم جا پاوا“ جو هوڪو ڏئي هڪ جيڏن کي راند لاءِ گڏ ڪندا هئاسين. جنهن جو جهڙو ذهن ان کي اهڙيون يادگيريون. جيڪڏهن اهو هو ڪو سبق ته پوءِ جن جو سبق پڪو تن جو خير ۽ جن جو سبق ڪچو اهي پاڻ ٻڌائين ته ’مار ٻار جي سنوار‘ يا.

نم جو ننڍو ٻوٽو توڙي وڏو وڻ ”نمن جون چانئون ۽ سيدن جون دعائون“ ڪان وڌيڪ فائديمند ان ڪري آهي جو هن وڻ جو پاڙ ڪان چوٽيءَ تائين سندس هر حصو هڪ نه ته ٻيءَ خاصيت سبب اهميت رکي ٿو. ننڍپڻ جي ٻُڌل ڳالهه آهي، ڪنهن وڏڙي جي چيل ڳالهه يا خبر نه آهي پر جيئن ٻُڌي، تيئن ياد آهي. ڳالهه ٿا ڪن ته اڳاٽي زماني ۾ ڪو شخص بيمار ٿي پيو ڏاڍو علاج ڪرايائين پر ٺيڪ نه پئي ٿيو. ڪنهن لقمان حڪيم جو ڏس ڏنس ته ان سان وڃي حال احوال ڪيائين. حڪيم صاحب هن جي طبيعت بابت پڇا ڳاڇا ڪري چڪاسي چيس ته نم جي وڻ هيٺان راتيون گذار ٺيڪ ٿي ويندين. ٻُڌائڻ وارن ٻُڌايو ته حڪيم جو چوڻ جو ڪيائين ته مرض ويندو رهيو ۽ مريض چاڪ چڱو ڀلو ٿي ويو! اها ته ٿي پراڻي زماني جي ڳالهه پر اڄا به شهرن ۾ ملهه مهانگي عمدي قسم جي ڪريم صابڻ ۽ تيل تي خرچ ڪرڻ باوجود ماڻهو نه رڳو قدرتي سونهن ـ ورونهن ڪان وانجهيل آهن پر جنهن کي جوڻ يا خارش آهي اهو خرچ ڪرڻ باوجود به ان عارضي ۾ ڦاٿل هجي ٿو پر ٻهراڙي ۾ عورتون نم جا پن گوئنچ ٻور (گل) ۽ نموريون گهوٽي مٿي ۾ وجهن ته جوڻ ختم وار ڇهچ ڪارا ٿلها ڊگها ٿيو پون. اڃا به دير سان ٿين ۽ ڇاٽو (وار ڇٽڻ) به گهٽ ٿئي. منهنجي خيال ۾ ته:

اهو نم جو ئي ڪمال آهي، جنهن ڪري ٻهراڙي ۾، گنجي مرد ۽ مائيءَ جو ڪال آهي! جڏهن ته، شهرن جي، هاڻي حالت، ڪجهه آهي اهڙي، جو مرد ته مرد، عورتن جو به وگ تي گذران آهي!

هاڻي ته نم جا صابڻ به بازار ۾ اچي ويا آهن، تيل به ملي ٿو، نم مان ٺاهيل ڪيپسول به ملن ٿا، پر جيڪو به پاڻي ۾ نم جا پن وجهي، گرم ڪري، ان سان وهنجي ٿو، ته هر قسم جي خارش ـ ڪجلي ختم. سوير سمهڻ سوير اٿڻ جا عادي، ٻهراڙيءَ جا ماڻهوءَ، مفت وارا، نم جا ڏندڻ ڏئي، شوقين قسم جي خرچيلن ڪان وڌيڪ صاف ۽ سٺن ڏندن وارا ٿيو هلن. وات ۽ ڏندن جي ڊاڪٽرن ڪان پڇا ڪري ڏسو، وٽن ويندڙ مريض اڪثر اهي هوندا آهن، جيڪي نم جا ڏندڻ نه، مهانگا برش ۽ ڏندن وارا پائوڊر يا پيسٽ استعمال ڪندڙ آهن.

نم جي کهڙي ڪم واري ڳالهه ڳڻائجي؟ پيٽ ۾ ڪينئان ٿين، بادي يا خوني بواسير ٿئي، نم جي نمورين سان ماڻهو چاڪ چڱو ڀلو ٿيو پوي! شهرن ۾ شل نه منگهڻ ٿين، سوين رپيه خرچ ڪري، منگهڻ مارينڊڙ زهر استعمال ڪري، ٿانو ٿپا ۽ ڪاڏ پيٽ جون شيون به زهريليون ڪريو ڇڏين. جڏهن ته ٻهراڙي ۾ سُري، اڏوهي، منگهڻ لاءِ، جيئن وهنجڻ لاءِ نم جو پاڻي استعمال ڪبو آهي، تيئن بنا ڪو خرچ پئو ڪرڻ يا زهر جي امڪاني نقصان واري ڊپ ڪانسواءِ، عام قسم جي اڪثر جيت جڻي ڪان به ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺبو آهي.

هاڻي جڏهن دنيا ۾ زرعي زهر استعمال بند ڪرڻ لاءِ ڪروڙين رپيا خرچ ڪيا پيا وڃن، ۽ عام ماڻهن توڙي آبادگارن کي ٻوٽن مان تيار ٿيندڙ مختلف مرڪب استعمال ڪرڻ جي تبليغ ڪئي پئي وڃي، پاڻ وٽ ان ڪان اڳ به توڙي اڄا به، اڪثر آبادگار پنهنجي فصلن ۾ نم جو عرق استعمال ڪري فائدو ماڻيندا رهيا آهن. اناج کي جيتن جو ڪاچ ٿيڻ ڪان بچائڻ لاءِ نم جا پن استعمال ڪرڻ وارو صديون پراڻو طريقو به، هن جديد دور جي، جديد سائنسي دنيا ۾ به، مڃتا ماڻي چڪو آهي.

نم جون نموريون انبن واري موسم ۾ ٿينديون آهن. پڪل انب ۽ نموري جو رنگ هڪ جهڙو ٿئي. انبن جي ڪجهه جنسن جا انب ۽ نموريون، قد بت ۾ نه، پر شڪل شبيهه ۾ به هڪجهڙا ٿين. نم جي نموري، جنهن جي ڪڙاڻ به هڪ مخصوص قسم جي ٿئي ان جو مناڻ به پنهنجو مٿ پاڻ هوندو آهي. ننڍي هوندي جون ڳالهيون ته نهيو. اڄڪلهه به جڏهن پنجاهي ڇڏيو پيو هلان تڏهن به نم جي وڻ هيٺ هوندو آهيان ۽ نموريون پڪل هونديون آهن ته منهنجا هٿ پاڻ ڄاڻ پڪل نموري پٽي وات ۾ وجهن ٿا ۽ مون کي نمورين مان مناڻ چوسڻ تي ڪڏهن به شرمندگي ڪانه ٿي آهي.

موجوده سائنسي دنيا ۾ جتي ٻين انيڪ پهلوئن تي تحقيق ٿي آهي اتي نم تي به ڪوڙ تحقيق ڪئي وئي آهي ۽ اڃا به هلندڙ آهي. ان ڪري هاڻي نم جو استعمال به اڃا وڌيڪ جديد طور طريقن سان اڳي ڪان اڳرو ٿيڻ لڳو آهي. ڪجهه ڏينهن جي ڳالهه آهي موڪل جو وقت هو. آئون منهنجي آفيس مان گهر لاءِ روانو پئي ٿيس. ٻاهر آيس ته نم جي چانو ۾، ٽن چئن وڏي عمر جي عورتن کي ڪجهه ميڙي گڏ ڪندي جو ڏٺم شڪ پيو ته نم جي وڻ هيٺ ڇٽيل گل گڏ ڪري رهيون آهن. پڪ ڪرڻ لاءِ وٽن ويجهو وڃي ڏٺم ۽ ڪائنن پڇيم ته اوهان هي نم جا ڇٽيل گل ڇو پيون گڏ ڪريو ان تي ٻڌايائون ته، هو اهي گل وڪڻي به ٿي رپيا حاصل ڪري پنهنجو گذر سفر ڪنديون. نم جا ڇٽيل سڪل پن ڏانڊيون، نموريون، گل، ڪاٺ چيرڻ وارين مشينن تي نم جي ڪاٺ جو ٻورو، ننڍا ننڍا ٽوٽا ٽڪر ڏار گڏ ڪري گذر سفر ڪرڻ ۽ ٻچا پالڻ. اها ۽ اڃا به ڪجهه وڌيڪ آهي نم جي اهميت جنهن ڪان ڪيترائي ماڻهو اڻ واقف آهن.


محمد منل جسڪاڻي ايم ايس سي پيٿالوجي ، سنڌ زرعي يونيورسٽي مان ڪئي. 1984 تائين ڪُٽيين جي هٿراڌو پوک متعارف ڪرائڻ واري ٻهرين تحقيقاتي پروجيڪٽ ۾ ريسرچ آفيسر مقرر ٿيا ۽ هاڻي زرعي تحقيقاتي اداري ٽنڊي ڄام ۾ بحيثيت پروفيسر پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن ان ڪانسواءِ زرعي ۽ ادبي حوالي سان 100 کان مٿي مضمون ۽ لکڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿي چڪيون آهن ان سان گڏ پاڻ ماهوار جديد زرعي ڪوجنا جا ايڊيٽر پڻ آهن.

# شاهه لطيف بحيثيت قومي رهبر

طارق عزيز شيخ



هڪ سچي شاعر جو ڪلام پنهنجي دور جي آرسي هوندو آهي. شاعر پنهنجي دل جي گُهر ۽ پنهنجي ذاتي مشاهدي جي بنياد تي فطري طرح پنهنجي ماحول جي حالتن، حق، ناحق ۽ ريتن رسمن کان متاثر ٿي ڪلام ۾ اُهي واقعا شعوري ۽ غير شعوري طور آٽي چڙهيندو آهي جيڪي سچ پچ ان دور جي سچي تصوير هوندا آهن. جڏهن به ڪنهن ملڪ يا ڪنهن خاص دور جي صحيح صورتحال لاءِ مواد ڏسڻو پوندو آهي تہ ان وقت جي نثري مجموعن سان گڏ نظم جو ذخيرو پڻ نظر مان ڪڍڻ ضروري ٿيو پوي ٿو.

ٻارهين صديءَ ۾ سياسي طرح سنڌ وڏي ۽ ڪشمڪش ۾ گرفتار هئي، جو مٿان نادر اچي نمودار ٿيو. ان کان اجل آجو ڪيو تہ قنڌارين اچي مٿان ڪڙڪو ڪيو. هڪ دفعو نہ پر بار بار گهران رسن تہ سڏو سنڌ ۾. ان ڪري سنڌ ۾ ان چوٽي جنم ورتو تہ ”جڏهن تڏهن سنڌڙي توکي قنڌارِن جو ڪو.“

شاهه صاحب اورنگزيب جي وفات وقت سورنهن سالن جو هو. مغلن جو اثر گهٽجي ويو هو. حڪومت نور محمد ڪلهوڙي جي حوالي ٿي چڪي هئي ۽ هن سڄي سنڌ سٻي تائين پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتي هئي. مغلن جي ڪمزوريءَ مان فائدو وٺندي ميان نور محمد پاڻ کي مضبوط ڪندو رهيو. مغلن جي ڪمزوري پَرکي نادر شاهه ايرانيءَ دهليءَ تي حملو ڪيو ۽ اتان موٽندي سنڌ تي مارو ڪيائين.

1152ھہ(1739ع) ۾ ميان نور محمد کان 20 لک رپيا ساليانو ڏَنُ مقرر ڪرائي سندس ٽن پٽن مرادياب، عطر خان ۽ غلام شاهه کي ايران وٺي پوءِ اٺن سالن بعد جڏهن نادر شاهه کي ماريو ويو تڏهن شهزادن جي جند ڇٽي ۽ ملڪ موٽيا.

نادر شاهه جي مرڻ بعد احمد شاهه ابدالي خراسان ۽ ايران جي حڪومتن تي قبضو ڪيو ۽ هن ڪلهوڙن کي دستوري ڏن ڏيڻ لاءِ لکيو جو نور محمد ڪلهوڙي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. جنهن تي هو 1747ع ۾ سنڌ تي ڪاهي آيو. ميان نور محمد ٿرپارڪر ڀڄي ويو ۽ اتي ئي مري ويو. ابدالي اتي بہ اچي پهتو هئس.

انهن طوفانن ڪانسواءِ سنڌ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني پڻ ٺٽي ۾ پهريون ڀيرو 1735ع ۾ واپاري ڪوٺي کولي هئي. جا سٽت ڪانئن ڪٽائي ويئي. 1757ع ۾ وري غلام شاهه جي زماني ۾ ٻيهر ٺٽي ۾ ڪوٺي کوليائون ان وچ ۾ انگريز واپاري ڪلهوڙن جي درٻار ۾ ايندا رهيا. هوڏانهن عربي سمنڊ ۾ پورچوگيز ڌاڙيل بہ لامارا ڏيندا هئا ۽ ٻيڙا ڦريندا رهندا هئا.

شاهه لطيف غيرن جي ڏاڍاين کي بہ ڏٺو تہ نين غلامتين جا چار پکڙجندي پڻ ڏٺا ۽ پنهنجي قوم کي هن طرح خبردار ڪيائين تہ:

معلم ماڳ نہ اڳئين، ڦلنگي منجهہ ڦريا،
ملاح تنهنجي مڪڙيءَ اچي چور چڙهيا،
جتي ڍنگ ڍريا، تتي تاري تنهنجي!

سنڌ تي مغلن جي راڄ ۾ ايرانين ۽ افغانين جي ڪاهن سنڌ جي ٻولي ۽ تهذيب کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو. ٻئي پاسي يورپي تاڪو بہ ڪيس تيز نگاهن سان ڏسي رهيا هئا. سنڌ جي سرڪاري زبان ورهن کان فارسي هئي، سنڌيءَ لاءِ چيو ويندو هو تہ ”سنڌي وائي ڪم نہ آئي“ فارسيءَ لاءِ وري ”فارسي گهوڙي چاڙهسي“ جي چوٽي مروج هئي. شاهه صاحب ٻن دورن ۾ سڄيءَ سنڌ جو گشت ڪري حالتن جو اندازو لڳائي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو تہ ڌارين مان ڪابہ نيڪيءَ جي اميد رکي نہ ٿي سگهجي. اهي سنڌي زبان ۽ تهذيب لاءِ مستقل خطرو بڻيل آهن. ان ڪري ان ڳالهہ کي ڌارين پرديسي ڏيرن جي ڌوهہ واري واقعي جي رنگ ۾ هن طرح بيان ٿو ڪري:

پيم پناٽن سين، ٻولي ٻي نہ ٻجهن،
آءُ سنڌي جو سير ڪريان،
هو پارسيون پچن.

مون پڻ ملان تن، سرتيون سور پرائيو،
برو بگيرو جي ٿاڏين پارسيون پاڻ ۾،

مون لوڏان ئي لکيا، تہ هاجو ڪندا هي،
ماريندا مون کي، پنهون نيندا پاڻ سين.

شاهه صاحب جو پهريون پيغام سنڌ جي سياسي، اقتصادي ذهني آزاديءَ جي مقصد سان محبت رکڻ آهي. حب الوطنيءَ جي صحيح معنيٰ بہ اها ئي آهي.

شاهه صاحب سنڌ جي مظلوم ۽ مسڪين عوام کي غربت، جهل، بد اخلاقي، ظلم ۽ ڏاڍائي کان آزادي ڏيارڻ واسطي پنهجي هم وطنن کي گڏ ڪرڻ گهري ٿو، ڇاڪاڻ تہ کيس خبر هئي تہ ملڪ ۽ قوم جي آزاديءَ لاءِ ترقيءَ جو موڪ بہ انهن وٽان ٿيڻ وارو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ماڻهن کي هڪ پليٽ فارم تي ٿي ٻيهڻ لاءِ چوي ٿو ۽ ڪين پکين کان سبق ڏيندي چوي ٿوي تہ:

ولر ڪيو وتن پرت نہ ڇنن پاڻ ۾
پسو پکيئڙن ماڻهئان ميٺ گهٽو.

ڪنهن بہ وڏي مقصد لاءِ حقيقي انقلابي جماعت نهي نہ سگهندي جيستائين سڀ مصيبت زده ۽ درد دل وارا گڏ نہ ٿين. ان لاءِ چوي ٿو تہ:

ڏکيون جان نہ مڙن، مون جيئن ٻاروچن سين،
سيکڻ سارو ڏينهن چڙهن چاڙهيڪن تي.

شاهہ صاحب سنڌين ڪي قرباني ڏيڻ جي لاءِ فرمائي ٿو تہ ملڪ جي آزادي ۽ ترقيءَ جي رستي ۾ هر هڪ سنڌيءَ ڪي پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي مفاد ڪي قربان ڪري عوام جو ڀلو گهرڻو آهي. ڪابہ قوم يا ملڪ ترقي ڪري نہ سگهندو جنهن جي فردَ ۾ قربانيءَ جو مادو نہ هوندو. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

تون جي ڪالهہ مئي، تہ ڪالهہ ئي گڏيئن پرينءَ ڪي،
ڪڏهن ڪاسُئِي تہ ڪا سگهي گڏي سڄڻين

هڪ اعليٰ مقصد جي جدوجهد جو بيان ڪندي چوي ٿو تہ:

جيڪا ڪندي نينهن، مون جيئن ٻاروچن سين،
سڪڻ سارو ڏينهن چاڙهڻ چاڙ هيڪن سين.

شاهہ صاحب سنڌين ڪي قرباني ڏيڻ جي لاءِ فرمائي ٿو تہ ملڪ جي آزادي ۽ ترقيءَ جي رستي ۾ هر هڪ سنڌيءَ ڪي پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي مفاد ڪي قربان ڪري عوام جو ڀلو گهرڻو آهي. ڪابہ قوم يا ملڪ ترقي ڪري نہ سگهندو جنهن جي فردن ۾ قربانيءَ جو مادو نہ هوندو. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

تون جي ڪالهہ مئي، تہ ڪالهہ ئي گڏيئن پرينءَ ڪي،
ڪڏهن ڪاسسئي تہ ڪا سگهي گڏي سڄڻين.

شاهہ سائين هڪ سچو شاعر هو جنهن ڪي پنهنجي ابوجهہ قوم جو بي انتها فڪر هو. هو ديس ۾ ٿيندڙ ٻاهرين حملن ۽ ڦورن ڪي ڏسي ماٺ ڪري ويهي نہ ٿي سگهيو. سندس سيني ۾ هڪ درد مند دل هئي. پاڻ ايترو تہ حساسي ۽ جذباتي هو جو ڪوبہ واقعو، ڪوبہ ڏاڍ ۽ ڪوبہ ظلم ڏسندو هو تہ سندس دل مان بي ڏڙڪ شاعري سهڻن لفظن جو ويس ڍڪي ظاهر ٿي پوندي هئي.

قومن جي تاريخ تي نظر وجهبي تہ ڪي اهڙيون قومون ٿينديون آهن جيڪي تمام امن پسند جنگ ڪان نفرت، محنت ۽ ڀائيچاريءَ جو پرچار ڪندڙ ۽ پنهنجي ڪاروبار سان لڳا پيا هوندا. تڏهن اهڙين ماڻهين ۽ امن پسند قومن تي وري ٻاهرايان ڦورو قابض ٿي ويا. هنن انهن ڪي ڪارن قانونن ۾ سڪ ڪيو جو ڪڇي بہ ڪين سگهندا هئا، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو انهن مان ئي ردعمل ڪري اهڙا جوڌا، باغي ۽ اڙٻنگ جوان پيدا ٿيا جن پنهنجي جدوجهد ۽ ڏاهپ سان اهڙا رستا ۽ گس ٻڌا آهن جن تان هلي قوم ڇوٽڪارو حاصل ڪندي آهي. انهيءَ ڇوٽڪاري لاءِ هنن ڪي رت جي راند ڪيڏڻي پوندي آهي ۽ پوءِ انهيءَ امن ۽ ڇوٽڪاري لاءِ وقت لڳندو آهي. جان جي بازي لڳائي ٻين لاءِ سک ۽ شانتي، امن ۽ پيار سونهن ۽ سڳنڌ، وفا ۽ خلوص جي دنيا آباد ڪبي آهي. اهڙيءَ طرح اسان جي سنڌ جي تاريخ تي نظر وجهبي تہ شاهہ سائين پڻ قوم جي هڪ اهڙي ڏکئي ۽ اڙانگي دور ۾ اک پٽي جڏهن پنهنجن جون ويساهہ گهاتيون هيون تہ غيرن، لٽيرن ۽ ڦورن جو ڏاڍ ڏهڪاءُ ۽ ظلم جي هولي متل هئي. اهڙي حالت ۾ ڪو حساس شاعر ڪيئن ٿو ماٺ ڪري ويهي تڏهن رڙ ڪري ستل قوم ڪي جاڳائيندي چوي ٿو تہ:

ستا اٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نہ ملي.

آخر هن پنهنجي ڌرتيءَ تي پنهنجي قوم مان ڪي اهڙا انسان ڪردار طور ڪنيا جيڪي سِر ترِيءَ تي رکي انقلاب جو نعرو هڻندا ديس جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا. هو پنهنجي ڪلام سان ڪين واتون، گس، پيچرا ۽ راهون ڏسيندو رهيو.

ٿر ٿڪيا ٿي ٿيل ڇڙهہ ڇڪياٽي چوٽئين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي ٻَوَمڙيو ٿي پيل،
اتي رائو ربل وينلن تان واري وري.

يا وري چوي ٿو:

تتي ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو.

اي منهنجي قوم جا سپوت ۽ سرويچ اٿو اس ۽ سرديءَ جي پرواهہ نہ ڪريو، مقصد ماڻڻ لاءِ تمام ڏکيا ڏينهن پسڻا آهن. ويٺي تہ ڪجهہ بہ نہ ورندو، پنهنجي آزادي، امن ۽ پيار چاهيو ٿا تہ پوءِ هلندا هلو ٿڪي پوءِ بہ هلو. جيڪڏهن ويهي رهندو تہ پوءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو.

وري هڪ انقلابي ڪي اهو ٿو چئي تہ ٺلهو مٿي تو ڪتال ڪرڻ سان ڪابہ مراد حاصل ڪانہ ٿيندي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ ان معاملي جي گهرائيءَ ۾ وڃڻو پوندو پڪيءَ سان تشبيهہ ڏيندي چوي ٿو تہ:

وڃي نہ پيهي، پٽن لئہ پاتار ۾،
ڪنڌي ۾ ڪيهي، هاج تنهنجي هٿڙا

اهي سرويچ جن ڪي پنهنجي آزاديءَ جو فڪر آهي. سي ڪڏهن بہ بي فڪر ٿي نٿا ويهن. انهن عظيم سپوتن ڪي صرف هڪ ئي لوري لڳل آهي تہ دشمن ڪي شڪست ڏجي ڪيس خوار ۽ خراب ڪري ڏڪاري ڪڍجي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ تي پنهنجو راڄ قائم ڪجي ڪين وري ڪاهوڙي سڏيندي چوي ٿو:

ڪرڪٽا لاهي سک نہ ستا ڪڏهن،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين ڪي پنڌ جو.

شاهہ سائين دشمنن جي چالاڪين ۽ چالبازين ڪان بہ واقف آهي. پنهنجي انقلابين ڪي انهن بدمعاشن ڪان آگاهہ ٿو ڪري اي قوم جا سچا اڳواڻ تون پري دشمنن سان جنگ ڪري رهيو آهين. تون هاٿي موتي اچ ٿو ڪي پنهنجي ديس ۾ ڏاڍو ياد ٿو ڪيو وڃي. پر خيال ڪجانءِ، دشمن ڏاڍو مڪار آهي ۽ چالباز اٿئي هو تنهن جي مارڻ لاءِ تنهنجا گهٽ گهيڙ جهليو ٿو بيهي انهن جو خيال رکجانءِ:

آ اُڏامي هنجڙا، سر ۾ سارينئي
متان مارينيئن، پاڙيري پهہ ڪري.

ڪيس پنهنجي قوم جا سڀ جوڌا جوان پسند آهن. ڪوبہ هن لاءِ برو يا خراب ڪونهي ڇو تہ هو جتي بہ رهن ٿا يا جيڪا بہ فتحيابي حاصل ڪن ٿا. اتي ۽ ان جاءِ ڪي ڏاڍو پريت ۽ پيارسان ۽ ڀائيچاري سان رکن ٿا:

منجهہ مڙيوئي هنجهہ ميرو منجهن ناهہ ڪو،
جتي رهن سنجهہ، سو سرڪن سوهو.

انهن انقلابي جوڌن ۾ ڪي ڪوڙا مڪار، ڪانئر ۽ بزدل بہ آهن جن پنهنجي ڪانئرياتاجي ڪري پنهنجي ديس ڪي غلاميءَ جو ڳٽ پارايو آهي. ڇو تہ اهڙا مفاد پرست، موقعي پرست ۽ ڪميڻا انسان جن پنهنجي ٿوري مفاد لاءِ غيرن ۽ لٽيرن جو ساٿ ڏنو جنهن تي هو مڪمل قبضو ڪري ويا.

سر هو سر وڃايو ڪوڙن ڪانئيرن
رُنا روهہ وڃن، ڪنهن هٽيائيءَ ڪان هنجڙا.

پر اهي بهادر هيڻا ئي نہ ٿا قبولين پاڻ ٻڌي، اتحاد، ايڪو ۽ موقعي سان گڏجي رت جي راند ۾ ڪاهي پيا آهن. دشمن ڪيترو، طاقتور آهي وٽس هر قسم جو هٿيار بارود آهي پر تڏهن بہ ڪين اهي شيون پنهنجي مقصد ۽ جدوجهد ڪان نہ ٿيون هٽائي سگهن.

ڪٽ ڪڙهي لوھ ٻري، دودا جت ڏڪن،
مترڪن منهن ڪيپا، سانڍاٽيون سهڪن،
اچ پڻ آڳڙين ميڙو آهي مچ تي.

شاھ سائين ڪامريڊ لينن جي انهيءَ نظرئي موجب تہ توهان سان گڏ يا جن کي توهان انقلاب لاءِ تيار ڪريو. ڪين رڳو انقلاب جا فائدا ۽ سبز باغ نہ ڏيکاريو. ڪين انقلاب جي هر ڏک سک، اوجهڙ کان ٻہ واقف ڪرايو. پوءِ جيڪڏهن هو توهان جو ساٿ ڏين تہ اهو ساٿ پڪو ۽ پختو هوندو ورنہ سبز باغن تي هو توهان جو ساٿ تہ ڏيندا پر جنهن محل انقلاب جون سختيون ڏنائون تہ پڇي ويندا. شاھ سائين اهڙن انقلابين لاءِ انقلابين جي واتان هيئن ٿو چئي:

سرتيون سڄي سڄ، متان ڪا مون سين هلي،
پاٽي ناھ پنڌ گهٽو، اڳيان رائو رڳي رُڄ،
مچڻ مري ڪا اُڄ، ڪا ڏي پاراتو پرينءَ کي.

وري شاھ سائين هڪ انقلابي ۽ وطن جي سپاهيءَ کي پتنگ سان ۽ انقلاب ۽ آزادي جي جنگ کي مچ سان ڀيٽ ٿو ڏئي. ڪيس چئي ٿو تہ سر سان ڪفن ٻڌي گهڙي پئو، تڏهن تون گهوٽ ٿيندين.

پتنگ چائين پاڻ کي، پسي مچ ۾ موٽ،
سهائي سپرين جي گهڙ تہ ٿئين گهوٽ،
اجان تون اروٽ، ڪوري خبر نہ لهين.

يا وري سندن مختصر توري زندگي جي عڪاسي هنن لفظن ۾ ٿو ڪري:

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئن تورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.

شاھ صاحب دشمن ۽ سامراجين، ڦورن ۽ لٽيرن کي ڪپر نانگ سان تشبيهہ ٿو ڏئي. ڪين چئي ٿو تہ تو جنهن سان وير ۽ دشمني وڌي آهي سي توکي ايئن نہ ڇڏيندا. هي هڪ اهڙي ديس جا رهواسي آهن جيڪي توکي ماري مڃائيندا. انهن سان وير پائي تون ڏاڍو نقصان پرائيندين.

ڪپر ڪاهوڙين سين، وڏو وڏئي وير،
نانگ نہ ويندي نڪري، تو ڏر متي پير،
هي تنين جو ڏير، جن جُهونا ڳڙهہ جلائيو.

بنيادي طرح هن دنيا ۾ انسان آزاد پيدا ٿيو آهي ۽ ڪيس آزاديءَ سان زندگي گذارڻ ڏني وڃي. اهو سندس فطري حق آهي. پوءِ ڪي ظالم انسان جي انهيءَ فطري حق تي ڏاڙو هڻي ماڻهن کي غلام بنائيندا آهن. انهن جي سوچ، انهن جي ذهنيت ۽ انهن جو اٿڻ ويهڻ غلاما نہ هوندو آهي. پر جڏهن ڪي سرويچ اهڙا پيدا ٿيندا آهن جيڪي انهن ظالمن کي منهن توڙ جواب ڏيندا آهن. انهن کي آزاديءَ ۾ پڪو پروسو ۽ انقلاب جي سچائي ۾ ايمان هوندو آهي. اُهي سچائي لاءِ سر قربان ڪرڻ کان ڪين گهبرائيندا آهن. شاھ سائينءَ انهيءَ انقلاب ۽ آزاديءَ ۽ سچ لاءِ انهن سرويچن کي پتنگن سان تشبيهہ ڏيندي هيئن ٿو چئي:

پتنگن پھ ڪيو مڙيا متي مچ،
پسي لمس نہ لڇيا سڙيا متي سچ،
سدا ڪچين ڪچ، ويچارين وڃائيا.

صحيح مقصد ۽ صحيح سچائي اُهي حاصل ڪندا جيڪي جسماني طرح مضبوط، ارادي جا پڪا، قول جا سچا ۽ جن جي مقصد جي هڪجهڙائي هوندي. اهڙيون شخصيتون ۽ اهڙا نهنا جوان ئي آزاديءَ جو امل اڪڙين سان ڏسندا باقي رڳو جيڪي سڏڙيا هوندا ۽ صحيح وات، صحيح سوچ ۽ صحيح مقصد ڪٽي نہ وڌندا سي پنهنجي آزادي ۽ سُکي زندگي ڏسي نہ سگهندا ۽ محروم رهندا. شاھ سائين چئي ٿو:

وٺاجي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪيبون، پاتارا پيهي،
پسندا سي ئي، امل اڪڙين سين.

ديس ۾ چوطرف خوف و هراس ڦهليل هجي دشمن حملن متان حملا ڪري پوءِ

شاھ سائين ڪامريڊ لينن جي انهيءَ نظرئي موجب تہ توهان سان گڏ يا جن کي توهان انقلاب لاءِ تيار ڪريو. ڪين رڳو انقلاب جا فائدا ۽ سبز باغ نہ ڏيکاريو. ڪين انقلاب جي هر ڏک سک، اوجهڙ کان ٻہ واقف ڪرايو. پوءِ جيڪڏهن هو توهان جو ساٿ ڏين تہ اهو ساٿ پڪو ۽ پختو هوندو ورنہ سبز باغن تي هو توهان جو ساٿ تہ ڏيندا پر جنهن محل انقلاب جون سختيون ڏنائون تہ پڇي ويندا. شاھ سائين اهڙن انقلابين لاءِ انقلابين جي واتان هيئن ٿو چئي:

سرتيون سڄي سڄ، متان ڪا مون سين هلي،
پاٽي ناھ پنڌ گهٽو اڳيان رائو رڳي رُڄ،
مچڻ مري ڪا اڄ، ڪا ڏي پاراتو پرينءَ کي.

حملا جنگي نوعيت جا هجن يا ٻئي ڪنهن سياسي نوعيت جا، عظيم شاعر پنهنجي قوم وارن کي اهڙي نازڪ دور ۾ ڏکين حالتن ۾ بي فڪر ٿي ويهڻ ۽ ننڊون ڪرڻ کان منع ٿو ڪري. هر طرف گوڙ ۽ گهمسان آهي. اندروني توڙي ٻاهرين وڳوڙ کان آگاھ ٿو ڪري.

بندر جان پنئي تان سڪاڻا مَ سمهو،
ڪپر تو ڪُن ڪري جيئن ماڻي منجهہ مهي،
ايڏو سور سهي ننڊ نہ ڪجي ناڪئا.

هڪڙو ننڍڙو بهادرن جو ٽولو دشمن گرفتار ڪري ڪين سزائون ۽ ڀيون عذيتون ۽ عقوبتون ڏئي ماري رهيو آهي. پر تڏهن بہ سندن وات مان اها وائي ۽ پچار آهي تہ اسان کي آزادي گهرجي، سک گهرجي، امن گهرجي، انصاف گهرجي. پورو ديس آزادي ۽ انقلابي متوالو ٻڌجي پيو آهي. توهين سامراجيو ڪيترا ڪهي ڪيترا ڪهندا.

سيت پچار پرينءَ جي، سيت هوت حضور،
ملڪ مڙيوئي منصور، ڪنهن کي ڪهي ڪنهن کي ڪهندين.

مطلب تہ شاھ سائين جي ڪلام جي مطالعي مان اسان کي هي ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا سوين بيت ۽ وايون ملنديون جن ۾ شاھ سائين قوم جي سجاڳي، آزادي، امن ۽ پريم جو سبق ڏنو آهي. شاھ پنهنجي هم وطنن ۽ ڪاهوڙين سامونڊين، ناڪئن، پتنگن ۽ آڳڙين سان تشبيهہ ڏني آهي. جيڪي پنهنجي الڳ الڳ مورچن تي دشمن سان منهن مقابل آهن. ڪين هڪ جاءِ گڏ ڪرڻ، اتحاد ۽ تنظيم سان اڳتي وڌڻ، منجهن نئون روح ۽ جوش پيدا ڪرڻ، انقلاب جي صحيح راھ ۽ گس ڏسڻ جي ضرورت آهي. جيڪا شاھ سائينءَ پنهنجي ڪلام ۽ پيغام ۾ پنهنجي قوم وارن کي ڏنو آهي. ان تي عمل ڪرڻ يا نہ ڪرڻ اهو ان قوم جو ڪم آهي.

سائين جي انهيءَ مختصر ڪلام جي جائزي ڪانپوءِ اهو نتيجو نڪتو تہ شاھ سائين خود هڪ نظريو آهي. جنهن تي عمل ڪرڻ سان قوم پنهنجي تقدير بدلائي سگهي ٿي. ڪنهن انقلابي ڪامريڊ جو چوڻ آهي تہ نظريو عمل کان سواءِ ڪا اهميت نہ ٿو رکي. بلڪل صحيح چو جو رڳو نلهو نظريو ڪنهن بہ ڪم جو ناهي. جيستائين ان تي عمل ڪيو. ان ڪري شاھ سائين جي نظرئي کي چڱي طرح پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي.

عمل ۽ جدوجهد ڪرڻ، اڙانگين راهن ۽ انقلاب جي ڏکين پيچرن تان هلي قوم کي ڇوٽڪارو حاصل ٿي سگهي ٿو.





# باٿ ـ دنيا جو خوبصورت شهر

شهپارا رضوي

ملڪ جي اندر يا ملڪ کان ٻاهر سفر ڪندي قدرتي نظارن کي بنا تعريف ڪرڻ جي ڪو رهي نه ٿو سگهي توڙي جو هر ملڪ پنهنجي مخصوص خوبصورتي رکي ٿو پر يورپي ملڪن کي قدرت جيڪا سونهن ڏني آهي سا اتان جي رهڻ وارن لاءِ قدرت جو انمول تحفو آهي ۽ ان خوبصورتي کي ڏسڻ وارن لاءِ پڻ. يورپي ملڪن قدرت جي ان تحفي جي نه فقط حفاظت ڪئي آهي پر ان مان ڀرپور فائدو حاصل ڪيو آهي.

يونائيٽڊ ڪنگڊم (يو ڪي) راڻي جي سرزمين آهي. اتان جي هر شهر کي قدرت پنهنجي بي پناهه خوبصورتي عطا ڪئي آهي اتان جي منفرد فنِ تعميرات اتان جي شهرن کي ٻين شهرن کان منفرد بڻائي ڇڏيو آهي. انهن مان هڪ تاريخي شهر ”باٿ (Bath)“ آهي. اهو شهر تمثيل گهرن (ٿيئٽرز)، عجائب گهرن ۽ چرچن جو شهر آهي. هتان جي فنِ تعميرات، تمثيل گهرن، عجائب گهرن ، چرچز کي استعمال ڪندي ڪيترين ئي فلمون ۽ ڊرامه هن شهر ۾ ريڪارڊ ڪيا ويا آهن.

باٿ شهر کي اڳتي هلي ڪري يونيسڪو پاران 1987 ورلڊ هيريٽيج جي فهرست ۾ شمار ڪيو ويو آهي.

رومنز هن شهر کي گرم چشمي (thermal spa) طور تي ڳولهي لڌو جنهن ڪانپوءِ باٿ شهر ڪپهه جي انڊسٽري طور تي وچ واري عرصي ۾ اڀري نروار ٿيو. 18 صدي ۾ جيورج (George (III هن شائسته / نفيس شهر کي نيو ڪلاسيڪل پلادي (اٽلي جو ماهر تعميرات) جي عمارت طور تيار ڪرايو جيڪو رومن باٿ جو هم آهنگي سان ميلاپ آهي جيڪو پوءِ نفيس نازڪ شهر طور اڀري سامهون آيو. http://whc.unesco.org.en.list.428/

باٿ شهر ڏکڻ ـ اولهه انگلستان ۾ سومرسيٽ (Somerset) جي رسمي ڪائونٽي جو هڪ شهر آهي.

جاگرافيائي يا طبعي لحاظ کان هي شهر لنڊن جي اولهه طرف 97 ميل (156 ڪلوميٽر) آهي ۽ 13 ميل (21 ڪلوميٽر) ڏکڻ اوڀر برسٽول (Bristol) طرف آهي. 2001ع جي مردمشماري جي لحاظ کان شهر جي آبادي 83,992 هئي. هن شهر ۾ 10 سيلسئس ساليانو درجه حرارت رهندي آهي. رائيل چارٽر جي بقول 1590ع ۾ هن شهر کي راڻي ايلزبٿ 1 ـ، طرفان شهر جو درجو ڏنو ويو هو. هن شهر کي ضلعي يونين ڪائونسل جي حيثيت 1889ع ۾ ڏني وئي جنهن تحت هي ضلعي جي حيثيت ۾ آزاداڻي انتظامي حيثيت جو حامل شهر بڻيو.

هي شهر 60 اي ڊي ۾ رومين پاران انهن جي برطانيه پهچڻ کان 20 سال پهرين (43 اي ڊي) ۾ بطور چشمي طور تي ڳولهي آباد ڪيو ويو جنهن کي لاطين زبان ۾ سليس جي چشمن (ايڪوا سليس) طور ياد ڪيو ويندو هو. جيتوڻيڪ هتان جي ماڻهن جي مطابق هي 973 ۾ ايگار اينگلينڊ جي بادشاهه جو شهر باٿ ابيءِ طور مشهور هو. تنهن کان پوءِ هي جيورجيئن جي دور ۾ اسپا ٽائون (چشمن جو شهر) طور مشهور ٿيو، ان دور ۾ هن شهر جي توسيع ٿي ۽ ثقافتي طور تي سجاتو ويو، جنهن ۾ جيورجيئن عمارت سازي کي باٿ جي پٿرن ذريعي بلند عمارتن ۾ جوڙيو ويو.

هي شهر جين آسٽن (Jan Austin) جي نالي سان پڻ مشهور آهي ڇاڪاڻ جو مصنفه هن ئي شهر ۾ رهندي آهي ۽ سندس مشهور ناول (فخر ۽ تعصب ـ Pride and Prejudice) ۾ پڻ باٿ شهر جو ذڪر ٿيل آهي، تنهن ڪانسواءِ هي شهر سياحت لاءِ پڻ مشهور آهي. هتي ملڪي ملڪي ماڻهو هن شهر جي خوبصورتي ڏسڻ لاءِ پهچن ٿا ۽ هتان جي تمثيل گهر، عجائب گهر ، ثقافتي جڳهين ۽ تفريحي راندين جون جڳهيون ڏسي لطف اندوز ٿيندا آهن. هڪ اندازي موجب انهن سياحن جي تعداد سالياني 3.8 ملين آهي.



يونائيٽڊ ڪنگڊم (يو ڪي) راڻي جي سرزمين آهي، اتان جي هر شهر کي قدرت پنهنجي بي پناهہ خوبصورتي عطا ڪئي آهي. اتان جي منفرد فنِ تعميرات اتان جي شهرن کي ٻين شهرن کان منفرد بڻائي ڇڏيو آهي. انهن مان هڪ تاريخي شهر "باٿ (Bath)" آهي. اهو تمثيل گهرَن (ٿيٽرز)، عجائب گهرن ۽ چرچن جو شهر آهي. هتان جي فنِ تعميرات جهڙوڪ: تمثيل گهرن، عجائب گهرن ۽ چرچز جي خوبصورت عمارتن کي استعمال ڪندي ڪيتريون ئي فلمون ۽ ڊرامہ پڻ هن شهر ۾ ريڪارڊ ڪيا ويا آهن.

باٿ جي معياري عمارتسازي ۽ شهر جا نقش ۽ نگار تمام گهڻا خوبصورت ۽ حيرت انگيز آهن. انهن عمارتن جو نقش ۽ نگار عمارت سازي جي بهترين ڪوششون ۽ ڏاهپ ۽ سندس فن ۽ تخليقي صلاحيتن جو مظهر 18هين ۽ 19هين صدي جي نيوڪلاسيڪل کي ظاهر ڪري ٿو.

باٿ شهر ۾ ٻہ يونيورسٽيون آهن. يونيورسٽي آف باٿ 1966ع ۾ قائم ڪئي وئي ۽ ٻي باٿ اسپا يونيورسٽي جنهن کي يونيورسٽي ڪاليج جي حيثيت ۾ پهرين ڊگري ايوارڊ ورهائڻ جو اختيار 1992 ۾ ڏنو ويو. ان کي آگسٽ 2005ع ۾ گرانٽيڊ يونيورسٽي جو درجو مليو.

انهن يونيورسٽين ۾ جيڪي مضمون پڙهايا ويندا آهن تن ۾ آرٽ ۽ ڊزائن، ايجوڪيشن، انگلش اينڊ ڪريٽيو اسٽڊيز، هسٽوريڪل اينڊ ڪلچرل اسٽڊيز، ميوزڪ اينڊ پرفارمنگ آرٽس، سائنس اينڊ اينوائرمينٽ ۽ سوشل سائنسز شامل آهن.

### هن شهر جي خوبصورتي ڏسي سگهجي ٿي:

دي رومن باٿس: رومن باٿس گرم پاڻي جي چشمي تي اڏيل آهن جيڪي سڄو سال گرم رهندا آهن ڪيترائي رومنز هن کي ديوتائن جومعجزو سمجهندا آهن ۽ قيمتي شيون انهن چشمن ۾ نذراني طور اڇلائيندا آهن تہ جيئن ديوتا خوش ٿين. باٿ شهر ۾ موجود انهن چشمن ۾ اها ڳالهہ بہ آهي تہ اتي بيمارين کان نجات ملندي آهي تنهنڪري بہ هي جڳهہ سياحن لاءِ ڪشش جو مرڪز بڻيل آهي ۽ ماڻهو سڀني رومنز ايمپائر کان باٿ شهر جو رخ ڪندا آهن ۽ چشمن مان لطف اندوز ٿيندا آهن.

دي روئل ڪريسينٽ: روئل ڪريسينٽ هاڻي هوٽل ۽ عجائب گهر ۾ تبديل ٿي چڪو آهي، اصل ۾ اهو 30 گهرن تي مشتمل هڪ احاطو هو جنهن جي منصوبابندي ڪري ڪريسينٽ روئل ۾ تبديل ڪري ان کي باٿ شهر انگلينڊ جي زينت بڻايو ويو. ان جي بنياد جيورجن ماهر تعمير 1767 کان 1774 جي وچ واري عرصي دوران رکيو ويو، ان عمارت کي "گريڊ 1" جي لسٽ ۾ شمار ڪيو ويندو آهي (يوناٽيڊ ڪنگڊم ۾ اهڙي عمارتن کي جن کي باضابطہ / سرڪاري طور تي خصوصي تعميراتي فن، تاريخي يا ثقافتي اهڃاڻ طور لسٽڊ بلڊنگ سمجهيو ويندو آهي ۽ گريڊ 1 بناوت کي غير معمولي توجهہ جي حامل عمارت تصور ڪيو ويندو آهي) توڻي جو وقت جي حساب سان ڪجهہ تبديليون ٿينديون رهيون پر جيڪي پٿر پهريون ڀيرو جيورجين سي جي دور لڳايا ويا سي اڄا تائين ساڳي حالت ۾ موجود آهن.

شهپارا رضوي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۾ گذريل 5 سالن کان مختلف پروگرامز ۽ يونٽس ۾ ڪم ڪيو آهي. پاڻ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي مان ايم اي اڪنامس ۽ انگلينڊ مان پي جي ڊي اڪنامس ڪئي آهي. ڪيس ايجوڪيشن سيڪٽر ۾ ڪم ڪرڻ جو 17 سالن جو تجربو آهي. پاڻ نيشنل ايجوڪيشن فائونڊيشن ۾ بطور ڊائريڪٽر سنڌ ۽ آئي سي ايم اي ۾ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن طور تي ڪم ڪري چڪيون آهن. هن وقت پاڻ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۾ ڊائريڪٽر ٽيڪنيڪل يونٽس طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيون آهن.





# صحت ۽ سکيا

# اسان جي صحت ۽ صاف سٿري ماحول جو اثر

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن گذريل ڪيترن سالن کان پنهنجي مختلف پارٽنر اسڪولن جي دائره اختيار ۾ ايندڙ ڳوٺن جي حالتن آڌار صحت جي تعليم کي اُجاگر ڪري رهي آهي. فائونڊيشن جي اُنهن ڪميونٽي سطح جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻارن کي "ٻارن کان ٻارن تائين "جي سوچ کي استعمال ڪندي والدين ۽ سمورن ڳوٺاڻن تائين صحت بابت ڄاڻ ۾ اضافو ڪرڻ ۽ سندن صحت سان لاڳاپيل رويٰن ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ وڏي پئماني تي هڪ مقصد طور ڪم ڪري پئي ته جيئن انهن ۾ ٻارن کي سکڻ، سوچڻ ۽ بهتر فيصلي ڪرڻ لاءِ همٿ ڏجي ۽ هو زندگي گذارڻ جي هنر کي بهتر کان بهتر طور تي سمجهي سگهن. صحت جي تعليم ڏيڻ واري طريقي کي بهتر بڻائي تربيت ۽ عمل جي وچ ۾ رابطو پيدا ڪري هڪ لڳاتار سلسلو هلائڻ پڻ فائونڊيشن جي بنيادي مقصدن مان آهي. سڀ کان وڌيڪ اهو ته اسڪول ۽ گهر وچ ۾ هڪ اڻٽٽ لاڳاپي کي نمايان ڪري انهيءَ ڳانڍاپي کي سگهارو بڻائجي. صحت جي تعليم جو هينئن سطح کان ڦهلاءُ ڪرڻ جو مقصد اهو پڻ آهي ته ٻارن سان گڏ سندن هم عمر ٻيا ڳوٺ جا ٻار، استاد، والدين ۽ ڳوٺ وارن ۾ سندن صحت جو نه صرف شعور پيدا ڪجي پر صحت جي تمام اصولن جي عملي تربيت پڻ ٿئي. فائونڊيشن، صحت جي تعليم جي واڌاري لاءِ هن وقت تائين 30 کان متي صحت رهبر جوڙي انهن کي نصاب ۾ شامل ڪري اُن تي "ٻارن کان ٻارن تائين" ۽ "ٻارن کان وڏڙن تائين "واري سوچ کي اُجاگر ڪري سُٺا نتيجا ماڻيا آهن، جو ته ادارو سمجهي ٿو ته اهو بنيادي عمل ٻارن کي معياري تعليم مهيا ڪرڻ واري مقصد کي پڻ هٿي ڏئي ٿو اسان جا پروگرام صوبي سنڌ جي مڙني ضلعن جي اهڙن علائقن ۾ هلي رهيا آهن جتي ماڻهن کي صحت جي حوالي سان ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. انهن علائقن کي بهتر تعليمي سهولت ڏيڻ سان گڏو گڏ ڪنهن حد تائين سندن صحت کي بهتر رکڻ ۽ صحت جو شعور اُجاگر ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. اِن ئي سلسلي ۾ سجاڳ جي هر شماري ۾ صحت بابت تعليم جي هڪ سبق جي منصوبابندي شامل ڪئي ويندي آهي ته جيئن سڀئي استاد، ٻارَ ۽ ڪميونٽيز لاڀ ماڻي سگهن. هن شماري جو صحت جو موضوع ۽ منصوبابندي آغا خان يونيورسٽي،انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل ڊيولپمينٽ پاران تيار ڪيل هيلٿ رهبر تان ڪنيو ويو آهي جنهن لاءِ اسان سندن ٿورائتا آهيون.

(چوٿين درجي کان اٺين درجي جي ٻارن لاءِ)

## صاف سٿرا اسڪول

### صحت بابت اهم معلومات

هن موضوع جي ختم ٿيڻ تي ٻارن کي ڇا معلوم هئڻ گهرجي؟

1. هڪ صاف سٿرو اسڪول ٻارنءِ استادن کي بيمارين ۽ انفيڪشن کان محفوظ رکندو آهي.
2. اسڪول جي چوڌاري گندگي ۽ بيٺل پاڻي ۾ مکيون ۽ مڇر رهڻ پسند ڪندا آهن ۽ اهي بيماريون ڦهلائيندا آهن ۽ اسان کي بيمار ڪندا آهن.
3. ٻارن جي لاءِ حاجت پوري ڪرڻ (پيشاپ پائخانو ڪرڻ) جي هڪ جڳهه هجڻ گهرجي. سڀ گندگي صحيح طريقي سان نڪاڻي لڳائي وڃي. ليٽرن يا ٹوائلٽ جو استعمال ٻارن جي لاءِ بهترين طريقو آهي.

### ٻارن لاءِ اهم مهارتون

هن موضوع جي ختم ٿيڻ تي ٻارن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

1. گند ۽ ڪچرو اسڪول جي ڪچري واري دٻي ۾ وجهڻ گهرجي، جيڪڏهن هر ڪلاس ۾ ڪچري جو دٻو نه هجي ته نه استعمال ۾ ايندڙ ۽ بيڪار بڻيل شين سان ٺاهي دسٽ بن وڃي.
2. جيڪڏهن پيئڻ جو صاف پاڻي اسڪول ۾ نه هجي ته گهر مان پيئڻ جو اوٻاريل پاڻي آڻيو.
3. جيڪڏهن اسڪول ۾ پاڻي فراهم هجي ته ان ڳالهه جي پڪ ڪريو ته ٻارن جي هٿ ڌوئڻ لاءِ صابڻ موجود آهي.
4. انهي ڳالهه جو اطمنان ڪريو ته اسڪول جا ليٽرين ۽ ٹوائلٽ صاف سٿرا آهن ۽ جيڪڏهن ائين نه آهي ته استاد يا اسڪول جي وڏي کي ٻڌايو.
5. اسڪول جي لاءِ حفاظتي اصول ٺاهيو ته جيئن حادثن ۽ بيمارين کان بچاءُ ٿي سگهي.

### صحت جا اهم رويا

هن موضوع جي ختم ٿيڻ تي ٻارن کي ڪيئن محسوس ڪرڻ گهرجي؟

1. پنهنجي صاف سٿري ۽ محفوظ اسڪول تي فخر ڪرڻ گهرجي.
2. پنهنجي ذميواري سمجهي خيال رکو ته ٻار کي استاد ۽ اسڪول جو سربراهه صاف سٿرو ۽ محفوظ رهڻ ۾ مدد ڪري رهيا آهن.






## مان پنهنجي موضوع جي منصوبابندي ڪيئن ڪريان ۽ ڪيئن پڙهايان

**ياد رکڻ جون ڳالهيون**

صحت متعلق توهان کي جيڪو پڙهائڻو آهي ان جو " استاد ۽ صحت جي ڪارڪنن لاءِ رهبر صحت 1 پهرين ڪلاس لاءِ پاران اي ڪي يو-آئي اِي ڊي" جو مطالعو ڪريو ۽ چار قدمي طريقي تحت هڪ موضوع کي چئن کان ڇهن سبقن تائين منصوبابندي ڪرڻ ۽ پڙهائڻ آهي. هر سبق ڪمٽ ۾ ڪمٽ ٽيهن منٽن جو هجي.

**پهريون قدم:**

پهرين قدم ۾ توهان اسڪول اندر صحت جو موضوع سمجهڻ ۾ ٻارن جي مدد ڪندا. ڇا توهان کي پهرين قدم جي منصوبابندي ڪرڻ ۽ پڙهائڻ ۾ مدد جي ضرورت آهي (سمجهڻ)

1. موضوع جي تعارف ڪرائڻ لاءِ سبق ڪي" سليم ۽ سعديه" جي ڪهاڻي کان شروع ڪريو. (صحت 1 پهرين ڪلاس لاءِ)
2. صحت جي انهن اهم پيغامن تي زور ڏيڻ ياد رکو :

* اسڪول ۾ گندگي وارو ماحول ٻارن ۽ استاد جي صحت لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿو.
* گند ڪچرو اسڪول جي ڪچري جي دٻي ۾ وجهو، جيڪڏهن اسڪول ۾ ڪچري جا دٻا نه هجن ته ڪا بيڪار ۽ استعمال ۾ نه ايندڙ شين مان

## موضوع : صاف ۽ محفوظ اسڪول

### ڪهاڻي ٻڌائيندي هنن ڳالهين جو خيال رکو :

* پنهنجي آواز جي رفتار بدلائيندا رهو ۽ آواز ۾ لاهه چاڙهه پيدا ڪريو.
* هميشه ڪهاڻي ٻڌائڻ کان اڳ، ٻڌائڻ وقت ۽ ٻڌائڻ کان پوءِ سوال پڇو. سوالن کي وڏن حرفن ۾ لکڻ گهرجي. ٻارن کي جواب ڏيڻ جو وقت ڏيو.
* ڪهاڻي ٻڌائيندي بليڪ بورڊ تي تصويرون ناهيو. ٻارن جي همٿ افزائي ڪريو ته هو بورڊ تي تصويرون ناهڻ ۾ توهان جي مدد ڪن.

سليم ۽ سعديه سئوٽ هئا جيڪي جدا جدا اسڪول ويندا هئا. سليم جي اسڪول ۾ ڪچري جا دٻا نه هئا پر انهن عملي قدم کنيا ۽ بيڪار شين مان ڪچري جا دٻا (دست بن) ناهي ورتا، ان ڪري اتي فرش تي ڪڏهن به ڪچرو پيل نظر نه ايندو هو، انهن جي اسڪول ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي به نه هيو پر گهران اسڪول ۾ پيئڻ جي لاءِ صاف پاڻي بوتلن وسيلي ڪٺي ايندا هئا. اُن سان گڏ صابڻ به آڻيدا هئا جيئن اسڪول جا سڀ ٻار ڪا شيءِ کائڻ کان اڳ ۽ پائخاني استعمال ڪرڻ کان پوءِ پنهنجا هٿ ڌوئي سگهن ۽ هو انهيءَ ڳالهه جو به خيال رکندا هئا ته ڪاڪوس جي جاءِ سدائين صاف ستري رهي. (پنهنجي آواز جي رفتار بدلائيندا رهو ۽ لاهه چاڙهه پيدا ڪريو). توهان جو ڇا خيال آهي ته سليم جي اسڪول جا ٻار پنهنجي اسڪول بابت ڪيئن محسوس ڪري رهيا هئا؟ اهي ٻار ڪيترا صحتمند هئا؟ سعديه جي اسڪول ۾ ٻار ۽ استاد اسڪول کي صاف نه رکندا هئا. ٻار گند ڪچرو فرش تي اڇلائيندا هئا ڇو ته اتي ڪچري جا دٻا نه هئا ۽ ٻار پائخانو به استعمال نه ڪندا هئا اهو بي حد گندو ۽ غليظ هو. اسڪول جي چوڌاري گند ڪچرو ۽ بيٺل پاڻي ۾ مکيون ۽ مڇر هوندا هئا. ڇا توهان کي معلوم آهي ته مکيون ۽ مڇر ڪهڙيون بيماريون ڦهلائيندا آهن (جواب : مليريا ۽ وبا) اتي ٻارن جي هٿ ڌوئڻ لاءِ صابڻ به نه هيو، جنهن ڪري سعديه ۽ ٻيا ٻار ۽ استاد اڪثر بيمار ٿي پوندا هئا. توهان جو ڇا خيال آهي ته سعديه ۽ ٻار پنهنجي اسڪول بابت ڇا محسوس ڪندا هئا؟ جيڪڏهن توهان سعديه جي اسڪول ۾ هجو ته ڇا ڪريو ها؟

### استادن جي لاءِ نوٽ :

* هي ڪهاڻي ٻڌڻ کان پوءِ ٻار تصويرون ناهي ڏيکاري سگهن ٿا ته سعديه ۽ گندگيءَ جي ڍير بيٺل اسڪول جا ٻيا ٻار پنهنجي اسڪول جي صفائي ۽ ٻارن جي صحت بهتر بڻائڻ لاءِ ڪهڙا قدم کڻي سگهن ٿا.
* جيڪڏهن توهان هي ڪهاڻي نه ٻڌڻ چاهيو ته پاڻ پنهنجي ڪهاڻي هيٺ ڏنل سوالن جي مدد سان ناهي سگهو ٿا.

1. ڪهڙا ڪردار ڪهاڻي ۾ هوندا؟ انهن جي عمر، شخصيت، ظاهري شڪل ۽ صورت
2. ڪٿان جي ڪهاڻي هوندي؟ شهر يا ملڪ يا ڪا فرضي جڳهه
3. صحت جا ڪهڙا پيغام هوندا جن کي چونديو ويندو ۽ ڇا صحت جو پيغام ڏنو ويندو؟

ڪچري جا دٻا (ڊسٽبن) ناهيا وڃن.

* سڀ ٻار اسڪول کي صاف ۽ محفوظ رکڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا، حاجت جي لاءِ ڪاڳوس استعمال ڪريو، جيڪڏهن ان جو بندوبست نہ هجي تہ ان مقصد جي لاءِ ناهيل جڳهہ کي استعمال ڪريو.

3. ڪهاڻي ٻڌڻ کان پوءِ ٻار هڪ صاف سٿري ۽ محفوظ اسڪول جون تصويرون ناهي سگهن ٿا ( جتي ڪو گندو ڪچرو نہ هجي ، وغيره)

### ٻيون قدم:

گهرن ، اسڪولز يا ڪميونٽي ۾ صحت جي موضوع تي اجا گهڻي معلومات حاصل ڪندا.

ڇا توهان کي ٻئين قدم جي منصوبابندي ڪرڻ ۽ پڙهائڻ ۾ مدد جي ضرورت آهي (وڌيڪ معلومات جا حصول)؟

1. نموني طور سروي جو سوال: اسان جي اسڪول جا ڪهڙا حصا صاف سٿرا يا محفوظ نہ آهن؟
2. ٻار اسڪول جي انهن حصن جو مشاهدو ڪري سگهن ٿا جيڪي صاف سٿرا يا محفوظ ناهن ۽ انهن جون تصويرون ناهي سگهن ٿا.
3. استاد سڄي ڪلاس جي سروي نتيجن کي پڪٽو گرام ذريعي واضح ڪري سگهن ٿا ۽ اسڪول جي انهن حصن کي ڏيکاري سگهن ٿا جيڪي صاف سٿرا ۽ محفوظ ناهن.

### ٽيون قدم

هن قدم ۾ ٻار ، گهر، اسڪول يا پنهنجي ڪميونٽيز ۾ صحت کي فروغ ڏيڻ لاءِ منصوبابندي ڪندا ۽ عملي قدم کڻندا.

ڇا توهان کي ٽئين قدم جي منصوبابندي ڪرڻ ۽ پڙهائڻ ۾ مدد جي ضرورت آهي (عملي قدم کڻڻ)؟

1. هي اهي سوال آهن جن کي توهان سروي جي نتيجن مطابق منصوبابندي ڪرڻ ۽ عملي قدم کڻڻ ۾ ٻارن جي مدد لاءِ استعمال ڪري سگهو ٿا.
   * توهان کي سروي مان ڇا معلوم ٿيو ؟
   * هي نتيجا اسان کي عملي قدم جي منصوبابندي ڪرڻ ۾ ڪيئن مدد ڪندا؟
   * عملي قدم کڻڻ ڇو ضروري آهي ؟
   * صحت جا ڪهڙا پيغام ڦهلائڻ ضروري آهن؟
   * اسين صحت جا پيغام ڪهڙن ماڻهن تائين پهچائينداسين؟
   * گهر، اسڪول يا توهان جي ڪميونٽي ۾ ڪهڙو عملي قدم کڻي سگهجي ٿو؟
2. عملي قدمن جا هيٺ ڏنل مثال توهان جي ۽ ٻارن جي ٽئين قدم ۾ مدد ڪندا (عملي قدم کڻڻ)

سروي ڪرڻ کان پوءِ ٻار اسڪول کي صاف سٿرو ۽ محفوظ رکڻ بابت صحت جي پيغامن وارا پوسٽر ناهي سگهن ٿا. انهن پوسٽرن کي اسڪول ۾ هڻي سگهجي ٿو ۽ اهي اسڪول ۾ صاف سٿري ۽ محفوظ ماحول جي ضابطن جو هڪ حصو بڻجي سگهن ٿا.

صحت کي فروغ ڏيڻ واري هڪ اسڪول ۾ ان وقت تائين ڪچريدان هئا جيستائين ٻارن اسڪول ۾ صفائي جي مهم دوران انهن کي ٻڌائڻ جو فيصلو نہ ڪيو. انهن بيڪار شين جهڙوڪ ٽين جي دٻن ۽ ڪاغذ جو استعمال ڪري ڪچريدان ٻڌايا ۽ ڪچرو ان ۾ فٽو ڪرڻ بابت پيغام ڦهلايا تہ جيئن ڪلاس روم صاف رهي.

ٻارَ انهن ٻارن جي ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ تصويرون ناهي سگهن ٿا جيڪي هڪ گندي اسڪول ۾ پڙهندا هئا. هو ان ڪهاڻي کي ٻين ڪلاسن اڳيان پيش ڪري سگهن ٿا ۽ حاضرين کان پڇي سگهو ٿا تہ ڪهاڻي واري اسڪول کي هڪ صاف اسڪول ڪيئن ٻڌائي سگهجي ٿو.

ٽيون قدم: سرگرم طريقي جي تجويز : تصويرون ۽ پوسٽر

پوسٽر اثرائتو طريقو آهن جن سان ڪنهن بہ صحت جي پيغام جهڙوڪ اسڪول کي صاف، محفوظ ۽ پرڪشش رکڻ جي اهميت کي ڦهلائي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن ٻار تصويرن ذريعي عملي قدم کڻڻ چاهين تہ استاد کي هيٺين ڳالهين جي پڪ ڪرڻ گهرجي :

1. جيئن تہ هي ٻار ننڍا آهن تنهنڪري استاد کي گهرجي تہ انهن کي شروع ڪرڻ کان اڳ تصويرن بابت مشورا ڏئي. ( مثال طور ڪچريدان استعمال ڪرڻ، پائخاني کي صاف رکڻ )
2. ٻار تصويرون انفرادي طور تي يا ٻئي ٻار سان جوڙي ناهي يا وري گروپ جي شڪل ۾ ناهي سگهن ٿا.
3. پوسٽر ٺهي وڃڻ کان پوءِ هر ٻار کان پڇو تہ ان جي تصوير ڇا جي بابت آهي تہ جيئن توهان انهن طرفان تصوير هيٺيان صحت جو پيغام لکي سگهو.
4. پوسٽر ٺهي وڃن تہ ٻارن کي هميشہ ان ڳالهہ جو وقت ڏيو تہ هو هڪٻئي کي پوسٽر ۽ صحت جا پيغام ڏيکاري سگهن.
5. اسڪول جي ٻين استادن سان گڏ ان ڳالهہ جو انتظام ڪريو تہ ٻار اسڪول جي گهڻن ڪلاسن ۾ پنهنجو ڪم ڏيکاري سگهن ٻار پنهنجون ناهيل تصويرون ٻين استادن ۽ ٻارن کي اسڪول جي اسيمبلي ۾ ڏيکاري سگهن ٿا.

### چوٿون قدم

هن قدم ۾ ٻار گهرن، اسڪولن يا پنهنجي ڪميونٽي ۾ ڪنيل عملي قدم جو جائزو وٺندا آهن

ڇا توهان کي چوٿين قدم جي منصوبابندي ڪرڻ ۽ پڙهائڻ ۾ مدد جي ضرورت آهي (جائزو وٺڻ)؟

ٻار پنهنجي عملي قدمن جو جائزو وٺڻ لاءِ تحرير يا تصويرن وسيلي هيٺين




سوالن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهن ٿا:

ڇا اسان جي اسڪول کي صاف سٿرو رکڻ بابت صحت جو پيغام سمجهايو ويو هو؟ توهان کي هي ڪيئن معلوم ٿيو تہ صحت جو پيغام سمجهيو ويو هو؟ ڇا اسان جو اسڪول اڳي کان گهڻو صاف نظر اچي رهيو آهي؟

استاد لاءِ غور ڪرڻ جون ڳالهيون

ڇا ٻارن صحت جا پيغام سکي ورتا ؟

* اسڪول ۾ گندگي وارو ماحول ٻارن ۽ استادن جي صحت لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿو.
* گند ڪچرو اسڪول جي ڪچريدان ۾ وجهو جيڪڏهن اسڪول ۾ ڪچريدان نہ هجي تہ بيڪار شين مان اُن کي ناهيو وڃي.
* سڀ ٻار اسڪول کي صاف سٿرو ۽ محفوظ رکڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا.
* توهان کي هي موضوع ڪيئن محسوس ٿي رهيو آهي؟
* توهان کي ڪهڙي ڳالهہ جي خوشي محسوس ٿي رهي آهي؟
* توهان ايندڙ پيري ڪهڙي ڪم کي بهترين انداز سان ڪندا؟



# صاف سٿرا گھر

## صحت بابت اهم رويا

**ان موضوع جي ختم ٿيڻ تي ٻارن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

1. پرڪشش آس پاس جو ماحول اسان کي خوش رکندو آهي ۽ اسان جي زندگين کي بهتر بڻائيندو آهي.
2. صاف سٿرا گهر ٻارن ۽ انهن جي خاندانن کي صحتمند رکندا آهن.
3. گهر کان ٻاهر خراب پاڻي جي کڏن ۾ ڪيترا جراثيم مثال طور مڇر وغيره پرورش حاصل ڪندا آهن ۽ بيماريون ڦهلائي سگهندا آهن.
4. گهر جي آس پاس پيل انساني ۽ حيواني گند ڪچرو نقصانڪار ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن ان کي ڍڪيو يا زمين ۾ پوريو نہ وڃي.
5. مکيون پنهنجي پيرن تي گندي جڳهن تان جراثيم لڳائي گهر جي اندر اسان جي غذا ۽ بدن تائين آڻي سگهن ٿيون، جنهن جي ڪري اسين بيمار ٿي سگهون ٿا.

## صحت جون اهم مهارتون

**هن موضوع جي ختم ٿيڻ تي ٻارن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

1 پنهنجي گهر کي اندران ۽ ٻاهران صاف سٿرو، مکين کان پاڪ رکڻ ۾ مدد ڪرڻ گهرجي، اهڙين جڳهن کي صاف رکو جتي جراثيم پرورش حاصل ڪندا آهن.

2 صحت جي لاءِ خطرناڪ شين کي سڃاڻڻ گهرجي ۽ انهن بابت ذميوار ماڻهن کي اطلاع ڏيڻ گهرجي.

**صحت جا اهم رويا**

**هن موضوع جي اختتام تي ٻارن کي محسوس ڪرڻ گهرجي؟**

1. صاف سٿري ۽ پرڪشش گهرن ۾ رهڻ تي فخر محسوس ڪرڻ گهرجي.
2. پنهنجي گهر کي اندران ۽ ٻاهران صاف سٿرو رکڻ جي ذميواري محسوس ڪرڻ گهرجي.

**مان پنهنجي موضوع جي منصوبابندي ڪيئن ڪريان ۽ ڪيئن پڙهايان.**

## ياد رکڻ جون ڳالهيون:

چار قدمي طريقي تحت صحت تي هڪ موضوع کي چئن کان ڇهن سبقن تحت منصوبابندي ڪرڻ ۽ پڙهائڻ. هر سبق گهٽ ۾ گهٽ ٽيهن منٽن جو هجي.

## پهريون قدم

پهرين قدم ۾ توهان اسڪول ۾ صحت جو موضوع سمجهڻ ۾ ٻارن جي مدد ڪندا ڇا توهان کي پهرين قدم جي منصوبابندي ڪرڻ ۽ پڙهائڻ ۾ مدد جي ضرورت آهي (سمجهڻ)

1 موضوع جو تعارف ڪرائڻ لاءِ سبق کي صحت 1 ۾ ڏنل ڪهاڻي”جاويد جو گهر“سان شروع ڪريو.

2. صحت جي انهن پيغامن تي زور ڏيڻ ياد رکو:

- ٻارن کي پنهنجي گهر کي اندران ۽ ٻاهران صاف سٿرو ۽ پرڪشش رکڻ گهرجي.
- مکيون پنهنجي پيرن تي خراب جڳهن تان جراثيم لڳائي گهر جي اندر اسان جي غذا ۽ بدن تائين آڻي سگهن ٿيون.
- انساني ۽ حيواني گند ڪچري کي ڍڪي ڇڏڻ يا چڱي طرح زمين ۾ پورڻ گهرجي.

# پھرين قدم جي سرگرمي : ڪھاڻي

## ڪھاڻي ٻڌائيندي هنن ڳالهين جو خيال رکو :

موضوع : صاف سٿرا گھر

عنوان : جاويد جو گھر

ڪھاڻي ٻڌائيندي هنن ڳالهين جو خيال رکو :

- ❊ پنھنجي آواز جي رفتار بدلائيندا رھو ۽ لاھا چاڙھا پيدا ڪريو.
- ❊ هميشہ ڪھاڻي ٻڌائڻ کان اڳ ، ٻڌائڻ وقت ۽ ٻڌائڻ کان پوءِ سوال پڇو. سوالن ڪي وڏن اکرن ۾ لکڻ گھرجي. ٻارن کي جواب ڏيڻ جو وقت ڏيو.
- ❊ ڪھاڻي ٻڌائيندي بليڪ بورڊ تي تصويرون ٺاهيو. ٻارن جي همٿ افزائي ڪريو تہ هو بورڊ تي تصويرون ٺاهڻ ۾ توهان جي مدد ڪن.

جاويد پھرين ڪلاس ۾ هيو ۽ ساجد هن جو بھترين دوست هيو. ٿوري جو هو هڪٻئي جا بھترين دوست هئا پر ساجد ڪڏهن بہ جاويد جو گھر نہ ڏٺو هيو. اڪثر جاويد اسڪول مان غير حاضر رهندو هو ڇو تہ هو هميشہ بيمار رهندو هو. هڪ ڏينهن جاويد اسڪول نہ آيو تہ ساجد فيصلو ڪيو تہ هو هن جي گھر هن کي هڪ ڪتاب ڏيڻ ويندو جيڪو هو اسڪول ۾ وساري ويو هو. جڏهن هو هن جي گھر پھتو تہ حيران ٿي ويو توهان جو ڇا خيال آهي تہ هو ڇو حيران ٿيو هو؟ هو جاويد جي گھر جي ٻاهر گند جو هڪ وڏو ڍير ۽ گندي پاڻي جي هڪ وڏي ڪڏ ڏسي حيران ٿيو هو جاويد جي گھر جي ٻاهر مکيون ڇو هيون؟ ساجد جڏهن گھر ۾ داخل ٿيو تہ هن بورچيخاني ۾ بہ مکين جا انبار ڏٺا جيڪي ڪليل ڪاڌي تي ويٺيون هيون پوءِ ساجد تڪڙو وڃي جاويد جي ڪمري ۾ ڪيس ڏسڻ ويو جيڪو بستري تي ليٽيل هو، بستري جي پر سان هن هڪ ڪچڻي جي پليٽ ڏٺي جنھن تي پڻ مکيون ويٺيون هيون، اُها ڪچڻي جاويد ڪاڻ وارو هيو، جاويد، ساجد کي ٻڌايو تہ هن کي ۽ هن جي والد کي پيٽ ۾ سور، دست ۽ بخار ٿيو آهي توهان جي خيال ۾ جاويد ۽ سندس پيءُ ڇو بيمار ٿيا.؟ ساجد، جاويد کي ٻڌايو تہ هو ان ڪري اڪثر بيمار رهندا آهن جو مکيون گندين شين تان جراثيم پنھنجي پيرن ۾ کڻي اسان جي غذا ۽ جسم تائين آڻينديون آهن ۽ تنھنڪري اسين بيمار ٿيندا آهيون. ساجد، جاويد کي دري مان ڏيکاريو تہ مکيون ڪيئن ڪچري جي ڍير ، گندي پاڻي جي ڪڏ ۽ انسان ۽ جانورن جي گند تي ويٺيون هيون. هن پوءِ جاويد کي ڪچڻي تي ويٺل مکيون ڏيکاريون، جنھن کي هن کائڻ جي لاءِ رکيو هو ، توهان جي خيال ۾ جاويد ۽ هن جا گھر وارا پنھنجي گھر ۽ ان جي آس پاس صفائي رکڻ لاءِ ڇا ڪري سگھن ٿا ؟

## استاد لاءِ نوٽ :

- ❊ ان ڪھاڻي کي ٻڌڻ کان پوءِ ٻار تصويرون ٺاهي، خيالن جو اظهار ڪري يا ڪردار نگاري ذريعي ڏيکاري سگھن ٿا تہ جاويد ۽ سندس گھر وارا ڪيئن گھر کي صاف سٿرو ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي سگھن ٿا؟
- ❊ جيڪڏهن توهان هي ڪھاڻي نہ ٻڌائڻ چاهيو تہ ٻاڻ پنھنجي ڪھاڻي هيٺ ڏنل سوالن جي مدد سان ٺاهي سگھو ٿا.

1. ڪھڙا ڪردار ڪھاڻي ۾ هوندا؟ ( انهن جي عمر، شخصيت ظاهري شڪل ۽ صورت)
2. ڪٿان جي ڪھاڻي هوندي؟ ( شھر يا ملڪ يا ڪا فرضي جڳھ)
3. ڇا صحت جو پيغام ڏنو ويندو؟

- ❊ خراب پاڻي جي ڪڏن ۾ ڪيڙا پرورش حاصل ڪندا آهن ۽ بيماريون ڦهلائيندا آهن.

3. خيالن جي اظهارن کان ٻار هڪ صاف سٿري گھر جون تصويرون ٺاهين ( جتي ڪو گند ڪچرو نہ هجي، مکيون نہ هجن وغيره)

## ٻيو قدم

هئين قدم ۾ ٻار پنھنجي گھرن، اسڪولن يا ڪميونٽي ۾ صحت جي موضوع تي وڌيڪ معلومات حاصل ڪندا آهن.

ڇا توهان کي ٻئي قدم جي منصوبابندي ڪرڻ ۽ پڙهائڻ جي ضرورت آهي (وڌيڪ معلومات جو حصول)؟

نموني جي سروي جو سوال: توهان جي گھر ۾ مکيون ڪٿي ڪٿي هونديون آهن؟

3. ٻار پنھنجي گھر جي انهن حصن جو مشاهدو ڪري سگھن ٿا جتي مکيون آهن ۽ انهن جون تصويرون ٺاهي سگھن ٿا.
4. استاد سڄي ڪلاس جي سروي نتيجن کي پڪٽوگرام ذريعي واضح ڪري سگھن ٿا ۽ گھر جي انهن حصن کي ڏيکاري سگھن ٿا جتي مکيون هونديون آهن.

## ٽيون قدم

هن قدم ۾ ٻار گھرن، اسڪولن يا پنھنجي ڪميونٽي ۾ صحت کي فروغ ڏيڻ لاءِ منصوبابندي ڪندا آهن ۽ عملي قدم کڻندا آهن.

ڇا توهان کي ٽئين قدم جي منصوبابندي ڪرڻ ۽ پڙهائڻ ۾ مدد جي ضرورت آهي (عملي قدم رکڻ)؟

1. هي اهي سوال آهن جن کي توهان سروي جي نتيجن مطابق منصوبابندي ڪرڻ ۽ عملي قدم کڻڻ ۾ ٻارن جي مدد لاءِ استعمال ڪري سگھو ٿا.
   - ❊ توهان کي سروي مان ڇا معلوم ٿيو ؟
   - ❊ هي نتيجا اسان کي عملي قدم جي منصوبابندي ڪرڻ ۾ ڪيئن مدد ڪندا ؟
   - ❊ عملي قدم کڻڻ ڇو ضروري آهي ؟
   - ❊ صحت جا ڪھڙا پيغام ڦهلائڻ ضروري آهن؟
   - ❊ اسين صحت جا پيغام ڪھڙن ماڻھن تائين پھچائينداسين؟
   - ❊ گھر اسڪول يا توهان جي ڪميونٽي ۾ ڪھڙو عملي قدم کڻي سگھجي ٿو؟
2. عملي قدمن جا هيٺ ڏنل مثال توهان جي ۽ ٻارن جي ٽئين قدم موجب مدد ڪندا (عملي قدم کڻڻ

## تجويز 1 ڪھاڻيون :

- ❊ پنھنجي سروي جي نتيجن مان هي معلوم ڪرڻ کان پوءِ تہ انهن جي گھر ۾ مکيون ڪٿي هيون، صحت کي فروغ ڏيڻ واري هڪ اسڪول ۾ ٻارن پنھنجي گھرن کي صاف سٿرو، پرڪشش ۽ مکين کان خالي رکڻ بابت ڪھاڻيون ٻڌائڻ لاءِ تصويرون استعمال ڪيون.

## تجويز 2 گھر ۾ عملي قدم کڻڻ :

ٻار پنھنجي گھر کي صاف سٿرو رکڻ ۾ مدد ڏئي عملي قدم کڻي سگھن ٿا، اهو پنھنجي ننڍن ڀينرن، ڀائرن ۾ صاف سٿري گھر ۾ ، جيڪي مکين کان پاڪ



صاف سٿرين جڳهين ۽ گندين جڳهين جي نشاندهي ڪريو

هجي اُن ۾ رهڻ جي اهميت جي پيغام کي ڦهلائي سگهن ٿا.

### تجويز 3 ڊراما :

ٻار ننڍن گروپن ۾ پنهنجي گهرن کي اندريان ۽ ٻاهريان صاف سٿرو رکڻ ۽ گهر جي صفائي جي اهميت کي مختصر ڊرامي يا ڪردار نگاري ذريعي پيش ڪري سگهن ٿا.

## ٽيون قدم سرگرم طريقي جي تجويز : ڪهاڻيون

ڪهاڻيون هڪ اثرائتو ذريعو آهن جن جي ذريعي گهرن کي صاف سٿرو، پرڪشش ۽ مکين کان پاڪ رکڻ جي طريقن ۽ ان جي اهميت جي پيغام کي ڦهلائي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن ٻار ڪهاڻين ذريعي عملي قدم کڻڻ چاهين ته استاد کي هيٺين ڳالهين جي پڪ ڪرڻ کپي:

1. جيئن ته هي ٻار ننڍا آهن، هي ڪهاڻيون لکي ته نه ٿا سگهن پر ڪهاڻيون ٻڌائي سگهن ٿا. انهن لاءِ هي وڏيڪ آسان ٿيندو ته پنهنجي ناهيل هڪ يا وڌيڪ تصويرن جي مدد سان ڪهاڻيون ٻڌائين.

2. استادن کي ڪهاڻي جي بنيادي خيال بابت ٻارن جي مدد ڪرڻي هوندي. ڪهاڻي جي منصوبابندي ۾ هي سوال ٻارن جي مدد ڪري سگهن ٿا.

   * ڪهاڻي ڪنهن بابت هوندي ( ڪردارن جي عمر، شخصيت)
   * ڪهاڻي ڪهڙي جڳهه جي هوندي؟ (گهر، شهر يا اسڪول وغيره )
   * صحت جو پيغام ڇا هوندو ؟

3. استاد کي معلوم هئڻ گهرجي ته هي ٻار ڏاڍا ننڍا آهن ۽ ٿي سگهي ٿو ته پهريون ڀيرو ڪهاڻي ٻڌائي رهيا هجن، ان ڪري هو تمام ننڍڙيون ڪهاڻيون ٻڌائيندا ۽ ٻڌائڻ وقت انهن کي استاد جي مدد جي ضرورت پئجي سگهي ٿي.

4. ٻار پنهنجي ڪهاڻي جي منصوبابندي ۽ پيشڪش انفرادي طور تي، هڪ ساٿي سان، جوڙي ۾ يا گروپ جي شڪل ۾ ڪري سگهن ٿا.

5. استاد کي ڪهاڻي ٻڌائڻ واري ٻارن کي ياد ڏيارڻو پوندو ته هو وڏي آواز ۾، صاف صاف ۽ آهستي رفتار سان ڳالهائن ته جيئن هر ڪو ڳالهه ٻڌي سگهي.

6. ٻارن کي پهريون ڀيرو پنهنجي ڪلاس ۾ ڪهاڻي ٻڌائڻ جي مشق ڪرڻ گهرجي، جيڪي ٻار پُراعتماد هجن ٻين ڪلاسن جي ٻارن يا گهر ۾ ڪهاڻي ٻڌائي سگهن ٿا.

## چوٿون قدم

* هن قدم ۾ ٻار گهرن ، اسڪولن يا پنهنجي ڪميونٽي ۾ ڪنيل عملي قدم جو جائزو وٺندا آهن
* ڇا توهان کي چوٿين قدم جي منصوبابندي ڪرڻ ۽ پڙهائڻ ۾ مدد جي ضرورت آهي (جائزو وٺڻ)؟
* ٻار پنهنجي عملي قدمن جو جائزو وٺڻ لاءِ تحرير يا تصوير وسيلي هيٺين سوالن تي ڳالهه ٻولهه ڪري سگهن ٿا:
* ڇا اسان جي گهرن کي صاف سٿرو رکڻ بابت صحت جو پيغام سمجهيو ويو هو؟ توهان کي ڪيئن معلوم ٿيو ته صحت جو پيغام سمجهيو ويو هو؟ ڇا ٻار پنهنجي گهرن کي صاف سٿرو ۽ مکين کان پاڪ رکن ٿا.

## استاد لاءِ غور ڪرڻ جون ڳالهيون:

1. ڇا ٻارن صحت جا هيٺ ڏنل پيغام سکي ورتا ؟

* ٻارن کي پنهنجي گهر جي اندريان ۽ ٻاهريان صاف سٿرو ۽ پرڪشش رکڻ ۾ مدد ڏيڻ گهرجي.
* مکيون پنهنجي پيرن تي گندين جڳهن تا جراثيم لڳائي گهر جي اندر اسان جي غذا ۽ بدن تائين آڻي سگهن ٿيون.
* انساني ۽ حيواني گند ڪچرو ڍڪي ڇڏڻ يا چڱي طرح زمين ۾ پورڻ گهرجي

2. توهان کي هي موضوع پڙهائي ڪيئن محسوس ٿي رهيو آهي؟

* توهان کي ڪهڙي ڳالهه جي خوشي محسوس ٿي رهي آهي؟
* توهان ايندڙ ڀيري ڪهڙي ڪم کي بهترين انداز سان ڪندا؟



# ڪراچي منهنجو دل

عبدالحڪيم ڪليري

ڪراچي منهنجي سپنن جو شهر جيڪو سنڌ جي دل بہ سڏبو آ ۽ لکين ماڻهن کي روزگار ڏيندڙ هي شهر هن وقت سنڌين جي هَٿن مان تقريباً نڪري چڪو آ ۽ جهڙا آثار نظر اچن ٿا شايد ئي ڪراچي شهر اسان سنڌين جي دعويداري کان بہ نڪري ويندو. ڪراچي جيڪو شروع کان ئي ڌارين جي تسلط هيٺ رهيو ۽ هن شهر ڪافي لاها چاڙها ڏٺا. هن شهر کي ڪافي شاعرن سنڌ جي مارئي ڪري ڪوٺيو آ. هونءَ تہ ساري سنڌ ئي سُورن جي ور چڙهيل آ ۽ مارون درد سهي بہ دانهون نٿا ڪن، پر ڪراچي جو درد ڪجهہ وڌيڪ محسوس ٿيندو آ مونکي ڇو تہ جنهن جسم کان دل ڌار ڪجي تہ جسم جو زنده رهڻ ممڪن ڪونهي. ڪراچي کي سنڌ جو دل چيو ويندو آ ڇا سنڌ ڪراچي جي الڳ ٿيڻ کان پوءِ زنده رهي سگهندي؟ سنڌ جي تاريخ ڏسبي تہ سنڌ تي سدائين ڌارين جي يلغار رهي آ ۽ سدائين سنڌين مزاحمت ڪري پنهنجي سنڌ کي ڌارئي تسلط کان آجو ڪرايو آ، پر ڇا سبب آهي جو ڪراچي ڏانهن سنڌين جو ڌيان گهٽ ٿو وڃي تہ ڪراچي سنڌ جي مارئي ڌارين جي قبضي ۾ آهي پر سنڌي پنهنجي مارئي کي بچائڻ خاطر ڪجهہ نٿا ڪن سواءِ ڪجهہ ماڻهن جي جيڪي سنڌ جو درد رکندڙ آهن ، سنڌي ماڻهن سدائي مزاحمت ڪري پنهنجي بهادري ثابت ڪئي آ پر ڪراچي جو قرجي وڃڻ بظاهر اسان جي شڪست ئي آهي ۽ اسان ڪافي وقت کان شڪست تسليم ڪري ماٺ آهيون الاءِ ڇو؟ ڪراچي تي اڄ کان نہ شروع کان ئي ڌارين جو تسلط رهيو آ ۽ پاڪستان ٺهڻ شرط ئي 23 جولائي 1948ع کان ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪري پاڪستان جو دارلحڪومت بنايو ويو جنهن جي ان وقت جي چونڊيل سنڌ اسيمبلي بہ مخالفت ڪئي پر هڪ نہ ٻڌي وئي ۽ سنڌ جي مارئي ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو. پر مسلسل سنڌ جي سڄڻن جدوجهد جاري رکي ۽ ڪراچي کي ملڪ جي دارالحڪومت واري حيثيت کان آجو ڪري واپس سنڌ جي حوالي ڪيو ويو. ايئن ناهي تہ سڀ ڏوهہ ڌارين دشمن جو ڪم هوندو آ. مارڻ ۽ بچاءُ ڪرڻ پنهنجي وس ۾ آ. ڇا اسان واقعي ڪراچي جو بچاءُ ڪري رهيا آهيون؟ اگر ڏسجي تہ اسان جا سنڌي ڪراچي جي ڀيٽ ۾ ٻين شهرن کي وڌيڪ ترجيح ڏين ٿا ۽ ڪراچي ۾ رهڻ بہ گوارا نہ ٿا ڪن جڏهن ڪنهن شهر کي لاورث ڪري ڇڏي ڏبو تہ آخر ڪو ٻيو اٿندو جيڪو شهر جي وارثي جا دعوئ ڪندو. اسان جا سنڌي ووٽ ڪراچي ۾ درج نٿا ڪرائين ۽ ووٽ ڏيڻ خاطر ڳوٺن جو رخ ڪن ٿا، شادي خاطر بہ ڳوٺن جو رخ ڪن ٿا ، ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪراچي ۾ سنڌي فوت ٿو ٿئي تہ بہ ان جي تدفين مٽ مائٽ ڳوٺن ڏانهن ڪن ٿا. ان جي نسبت ڏسجي تہ ڌاريا ڪراچي ۾ رهڻ سان گڏ هر سرگرمي اتي ئي ڪن ٿا شادي ، ووٽ ڪاسٽ ڪن ٿا، ايتري قدر جو ڌارين جو ڪو گذاري ٿو وڃي تہ تدفين بہ اتي ئي ڪن ٿا ۽ ميت پنهنجن شهرن ڏانهن نہ ٿا ڪڻائي وڃن.

پاڪستان جي آزادي وقت 1947ع ۾ ڪراچي جي آبادي 4 لک هئي. هن وقت 2012ع ۾ 2 ڪروڙ 10 لک ٿي وئي آهي. 6 هزار ماڻهو في چورس ڪلوميٽر ۽ 15 هزار5 سئو ماڻهو في چورس ميل ۾ رهن ٿا. 90سيڪڙو آبادي ٻاهران آئي آهي. هر سال آبادي ۾ 5 سيڪڙو اضافو ٿي رهيو آهي، جڏهن تہ هر مهيني ملڪ جي مختلف حصن مان 45 هزار ماڻهو پورهئي لاءِ ڪراچي اچي آباد ٿين ٿا. 15 سال اڳ 1998ع جي آدمشماري موجب ڪراچي ۾ 48.52 سيڪڙو اردو، 13.63 سيڪڙو پنجابي، 11.96 سيڪڙو پٺاڻ، 7.34 سيڪڙو سنڌي، 4.34 سيڪڙو بلوچ، 2.11 سيڪڙو سرائيڪي، 12.9 سيڪڙو ڌاري پرڏيهي آبادي هئي. هاڻ اها 2012ع ۾ هن ريت آهي اردو آبادي 45 سيڪڙو، 25 سيڪڙو پٺاڻ، 10 سيڪڙو پنجابي، 10 سيڪڙو سنڌي، 5 سيڪڙو بلوچ آهن. هنن انگن اکرن موجب اردو آبادي ۾ 3.52 سيڪڙو، پنجابي آبادي ۾ 3.63 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي جڏهن تہ پٺاڻن جي آبادي ۾ 13 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. سنڌين جي آبادي ۾ 2.66 ۽ بلوچن جي آبادي ۾ 0.66 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. هن وقت پهريون نمبر آبادي اردو ڳالهائيندڙن جي آهي، ٻئي نمبر تي پٺاڻ ۽ ٽين نمبر تي سنڌي ۽ پنجابي آهن، جڏهن تہ 98ع ۾ اردو ڳالهائيندڙن جي آبادي پهريون نمبر ۽ پنجابي ٻيو نمبر هئا هاڻ اهي پنجابي ٽين نمبر تي ۽ پٺاڻ ٻئي نمبر تي اچي ويا آهن.

ڌاريا ڪراچي ۾ هر طريقي سان سنڌين کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن ۽ هو هر طريقي سان ڪراچي تي تسلط قائم ڪرڻ جا اپاءُ وٺن ٿا، ڪراچي ۾ ڌارين جي آبادي واري علائقن ۾ ترقياتي ڪم بہ سنڌي آبادي جي علائقن کان وڌ ٿيل آهن پر اِن تي اسان جا سنڌي پاڻ بہ خاموشي اختيار ڪيون ويٺا آهن ۽ ٻين صوبن مان ڌاريا اچي هتي آساني سان ڪراچي جو ڊوميسائيل ٺهرائي ڪراچي ۾ گورنمنٽ جاب ۽ پراپرٽي وٺي ڪري قابض ٿين ٿا پر ان جي ڀيٽ ۾ سنڌين کي نظر انداز ڪيو ٿو وڃي سنڌي شاگردن جي ڪراچي جي تعليمي ادارن ۾ داخلا تي بہ پابندي مڙهيل آ ان حوالي سان اسان سنڌين جي گورنمنٽ هجڻ جي باوجود ڪي بہ اپاءَ ناهن ورتا ويا. ان جي ڀيٽ ۾ سنڌين جي پنهنجي گورنمنٽ سنڌين کي مضبوط ڪرڻ بجاءِ ڌارين جا هٿ مضبوط پئي ڪري ، منهنجي نظر ۾ جيسين سنڌي ماڻهون پاڻ پنهنجي شهر جي مالڪي ڪون ڪندا ۽ وڏي انگ ۾ ڪراچي (مارئي) ڏانهن رخ نہ ڪندا تيسين اسان جو هي شهر ڌارين جي هٿن ۾ قابض رهندو

سنڌ جي ٻين شهرن مان جي ڪي سنڌي ڪنهن ڪم سانگي ڪراچي اچن ٿا تہ بيوث ۽ بي يارومددگار رُلندا وتن ٿا پر ڪو مدد وارو ڪون هوندو آ.

اهڙي اونداهي ، مايوسي ۽ گُهٽ ٻوسٽ واري دور ۾ اسان کي پنهنجي هَٿن ۾ هٿ ڏيئي پنهنجي شهر ڪراچي جي مالڪي ڪرڻي پوندي ۽ ڏگهي ويڙه ڪرڻي پوندي.

اسان جا سنڌي جڏهن ڪراچي شهر جي حدن ۾ داخل ٿيندا تہ ايئن محسوس ٿيندو آ ڄڻ ڪنهن ٻئي صوبي يا ملڪ ۾ اچي ويا هجن پر جڏهن سنڌ جي ٻين شهرن يعني پنهنجي ڳوٺن ۾ هوندا تہ ايڏي آڪڙ سان گهمندا ڄڻ سڄي ڳوٺ جا مالڪ هجن اهڙي بہ اڪيائي مونکي سوچڻ تي مجبور ٿي ڪري تہ ڪٿي اسين واقعي پنهنجي ذهنن ۾ هي ويهاري تہ نہ ڇڏيو آ تہ واقعي ڪراچي اسان جو ناهي.

جنهن نموني سان ڪراچي ۾ ملڪي توڙي پرڏيهي ڌارين جي آبادي وڌي رهي آهي جي اهو سلسلو جاري رهيو تہ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ سنڌي پنهنجي هن شهر تان دعوئ ڪرڻ جو حق بہ وڃائي ويهندا اسان پنهنجن لاءِ تہ شينهن آهيون پر ڌارين لاءِ هر معاملي ۾ نرم دل آهيون الائي ڇو ۽ انهيءَ روش اسان کي اڄ ڪراچي شهر کان تڙي ڪڍيو آ، پر هاڻي بہ وقت آهي سنڌين کي هر معاملي ۾ ڪراچي جي نمائندگي ڪرڻي پوندي، نوڪريون ڪراچي (مارئي) ۾ وٺڻيون پونديون، تعليم ، صحت هر لحاظ کان ڪراچي کي مرڪز ڪرڻو پوندو ۽ وڌو کان ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌين کي هڪ ٻئي جي مدد ۽ لهہ وچڙ ۾ اچڻو پوندو ۽ هر سنڌي جي مدد لاءِ گڏ بہ ٿيڻو پوندو پوءِ وڃي ڪٿي ڪراچي جي واپسي جا آثار نظر ايندا تہ واقعي سنڌي ڪراچي ۽ سنڌ جي ڏڪويل ماتري جي مالڪي ۾ سنجيده آهن.

جڏهن وڏ ڦڙو ڪو ولهارن تي وسندو،

مٿان پارڪر جي پنهوارن تي وسندو،

نہ رهندي ڪا مارئي، مارن لاءِ آتي،

تہ ماٽيندا منزل پنهنجا ڊول ڊاتي.

# انڊيا ۾ گهاريل گهڙيون

رستم سميجو

تعليم ۽ ترقي جي حوالي سان اسريل ملڪن پاران ترقي پذير ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ اين جي اوز وسيلي مختلف تربيتون، تحقيقون ۽ مشقون ڪرايون وينديون آهن جن ۾ ملڪي توڙي غير ملڪي دورا پڻ شامل هوندا آهن ته جيئن سکيا جي عمل کي مختلف سماجي اهڃاڻن وسيلي سمجهيو ۽ پرکيو وڃي پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ ان سمجهه ۽ تجربن جي لاڀ مان وڌيڪ بهتر انداز ۾ ڪم ڪري سگهجي.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پڻ ان خيال جو حامي آهي ۽ اها پنهنجي عملي کي تربيتون، تحقيقون، مشقون ۽ تجرباتي دورا ڪرائيندي رهندي آهي ته جيئن اسٽاف جي مهارتن ۾ اضافو ٿئي ۽ اهي پنهنجي مهارتن ۾ واڌارو ڪري پروجيڪٽ ۽ پروگرامن جي منصوبن کي تعليم ۽ ترقي جي حوالي سان تڪميل جي حدن تائين پهچائن. ان سلسلي ۾ آئي ٽي اي پاران سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن کي هن دوري جي دعوت ڏني وئي، فائونڊيشن پاران پنهنجي نمائندي طور مون کي هن دوري لاءِ موڪليو ويو.

بين الاقوامي معلومات، ڄاڻ، تجربن جي بنيادن تي اورجندڙ خيالات ۽ مشڪلاتن کي سمجهڻ لاءِ فائونڊيشن جي ساٿي اين جي اوز "اداره تعليم ۽ آگاهي _ آئي ٽي اي)" پاران 10 ڏينهن تي مشتمل سرحد پار دورن جو بندوبست ڪيو هو جنهن جي تفصيل هي آهي.

سکيا جي هن دوري جي شروعات "واگاهه باردر" ذريعي "امرتسر_ انڊيا" کان ٿي جنهن ۾ اسان کي 05 جولائي تي سڀ کان پهرين "پراٿم اين جي او" جو دورو ڪرايو ويو. پراٿم هڪ غير سرڪاري تنظيم (اين جي او) آهي جيڪا انڊيا جي غير مراعت يافته ٻارن لاءِ معياري تعليم تي ڪم ڪري رهي آهي. هي تنظيم 1994ع ۾ قائم ٿي ۽ ممبي شهر جي غير ترقي يافته علائقن جي ٻارن کي اسڪول کان پهرين جي تعليم تي ڪم پئي ڪري. پراٿم جو مقصد آهي "هر ٻار اسڪول ۾ داخل هجي ۽ سٺي تعليم حاصل ڪري؛" ان کان سواءِ سندس ٻين پروگرامن ۾ :

1. اسڪول ۾ دخلا وڌائڻ
2. ڪميونٽي ۽ اسڪولن ۾ سکيا جو ماحول جوڙڻ
3. انهن ٻارن تائين تعليم کي پهچائڻ جيڪي اسڪول نه ٿا وڃي سگهن وغيره

پراٿم پاران ڪانفرنس ڪال ڪئي وئي جنهن ۾ پراٿم ڪائونسل فار ولنرايبل چلڊرن (پي سي وي سي) پورهيت ٻارن جي باري ۾ ڄاڻڪاري مهيا ڪئي جنهن ۾ انهن ٻڌايو ته پي سي وي سي جو ڪهڙو ڪردار آهي. هي پروگرام 2001ع کان ممبي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ٽن سالن کان ملڪ جي مختلف حصن ۾ پورهيت ٻارن جي حوالي سان پڻ ڪم شروع ڪيو آهي. هيل تائين هي تنظيم ملڪ جي ستن اسٽيٽس (ماهراشٽرا، گجرات، راجسٿان، ٻِهار، اتر پرديش، انڌرا پرديش ۽ اوڊيشا) تقريباً 15000 شهري ۽ ٻهراڙي جي ٻارن کي فائدو رسائي رهي آهي. ان ڪانسواءِ پي وي سي جا اهم مقصد هن ريت آهن:

* سمورن غير مراعت يافته ٻارن تائين پهچ ۽ سندن مسئلن تي ڪم ڪرڻ
* ٻارن کي مارڪيٽ ۾ پورهيو ڪرڻ کان اڳ ئي روڪڻ جي ڪوشش
* پورهيت ٻارن کي سندن ڏکي حالتن مان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوششون
* ڪوشش ڪري ٻارن کي فارمل ايجوڪيشن طرف راغب ڪرڻ ۽ انهن جي سکڻ جي سطح کي جانچ ڪرڻ
* ٻارن جي مسئلن (پورهيت ٻار، ٻارن سان زيادتي، معذوري وغيره) کي اجاگر ڪرڻ
* حڪومت سان ايڊووڪيسي

ان ڪانسوءِ هي ڪائونسل اثرائتو ڪردار ادا ڪري ٿي پورهيت ٻارن جي حوالي سان جڙندڙ پاليسين تي ۽ حڪومت جي مددگار ساٿي طور ۽ ڪنهن ٻار سان ٿيندر ليبر لا جي خلاف ورضي تحت ٻارن کي قانوني حق ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

تنهن ڪانپوءِ اسان کي سينٽر فار سول سوسائٽي (سي سي ايس) جو دورو ڪرايو ويو. هي ادارو پڻ غير منافع بخش ادارو آهي، تحقيق ۽ تعليم تي ڪم آهي. هن اداري جو مقصد: انڊيا جي هر ماڻهو کي قابل عزت زندگي گذارڻ جو حق آهي، جنهن تحت انهن جي بهتر زندگي جي بحالي ۽ سول سوسائٽي کي نئين سر توقيت بخشڻ سندن اهم مقصد آهي.

سي سي ايس جي تعارفي سيشن ۾ ٻڌايو ويو ته هن اداري پاران ڪو به پرائمري سطح جو اسڪول نه هلايو ويندو آهي ۽ نه ئي ڪا صحت واري ڪلينڪ کولي وئي آهي نه ئي گند ڪچرو (garbage) گڏ ڪرڻ وارو پروگرام آهي. سندن ڪم ڪرڻ جو طريقيڪار مختلف آهي يعني تنظيم پاران تحقيق، سيمينار ۽ پبليڪشن وسيلي عام ماڻهن جي تصورن، راءِ، سوچڻ کي تبديل ڪرڻ جي



ڪوشش ڪئي ويندي آهي . مرڪز اهڙا خيالات ۽ اهڃاڻ ماڻهن تائين رسائن جي ڪوشش ڪندا آهن جنهن سان سوچ ۾ تبديلي اچي. سي سي ايس تخليقي اهڃاڻ ۽ تخيلات جي تنظيم آهي، جنهن جي ٿنڪ ٽيڪ پنهنجا خيالات پيش ڪندي آهي ته جيئن دنيا ۾ تبديلي پيدا ٿئي. سي سي ايس جي ٿنڪ ٽيڪ تحقيق ڪري جيڪو مواد تيار ڪندي آهي سو پيش ڪيو ويندو آهي. ان اميد سان ته جيڪي ڳالهيون بظاهر نظر اچن پيون انهن جي حقيقت ڇا آهي.

سي سي ايس تنظيم جي ڪم تي جيڪڏهن نگاهه ڪريون ته اسان وٽ ان جو متبادل ڪچهري آهي جيڪي اسان جي اداري طرفان مختلف وقتن تي ڪرايون وينديون رهيون آهن. ڪچهري کي اسان مختلف ڳوٺن ۾ ڪرائي چڪا آهيون جنهن سان معاشري ۾ سجاڳي ۽ اهي ڳالهيون جن جي مشق ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي پلائي جا ڪم، اسڪولن جي ڪارڪردگي تي ڌيان، مختلف سببن تحت جڙندڙ جهيڙا تن کي روڪڻ وغيره بابت سوچ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ۽ سي سي ايس تنظيم وڏي پئماني تي اهي سڀ ڳالهيون ڊرامن، مذاڪرن ۽ ڊسڪورس جي صورت ۾ ڪميونٽيز ۾ سرانجام ڏئي رهي آهي.

اسان جو اڳيون دورو "رائيٽ ٽو ايجوڪيشن ايڪٽ انڊيا" جي اداري جي

طرف هيو. رائيٽ ٽو ايجوڪيشن ايڪٽ (آر ٽي اِي) انڊين پارليامينٽ مان 4 آگسٽ 2009ع تي ايڪٽ طور پاس ڪيو ويو. هن اداري جو ڪم 6 کان 14 سالن جي ٻارن لاءِ مفت ۽ لازمي تعليم جيڪو انڊيا جو ايڪٽ A_21 تحت آهي تي عمل ڪرائڻ آهي هن قدم کڻڻ بعد هندستان هاڻي 135 ملڪن منجهه شامل ٿي ويو آهي جن ملڪن تعليم کي ٻارن جو بنيادي حق قرار ڏنو آهي ۽ هي ايڪٽ انڊيا ۾ 01 اپريل 2010 ع کان لاڳو ڪيو ويو آهي.



آر ٽي اِي پاران اها ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ هر نجي اسڪول اندر 25٪ سيڪڙو سيٽون غريب ڪٽنبن جي ٻارن لاءِ مخصوص ڪيون وڃن (انهن سيٽن جي رقم ڪين پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ پلان تحت ادا ڪئي ويندي). اهي سڀ انڊين ايڪٽ تحت ڳالهيون آهن جن تي عمل ڪرايو پيو وڃي.

آر ٽي اي هيٺ ڏنل ڳالهين جي خاطري ڪرائي ٿو:

- ڏسيل ايڪٽ تحت 6 کان 14 سالن تائين جي عمر جي هر ٻار جنهن ۾ معذور ٻار بہ شامل آهن کي لازمي طور تي اسڪول ۾ هجڻ گهرجي
- حڪومت خاطري ڪرائي تہ اپريل 2013 تائين هر پاڙي ۾ هڪ اسڪول هجي.
- هر اسڪول اپريل 2013ع تائين عمارت جون لوازمات کي مهيا ڪرڻ لازمي هوندو.
- هر اسڪول شاگرد ۽ استادن جي تناسب (پرائمري 30:1 ۽ پرائمري کان مٿي ڪلاسن لاءِ 35:1) جو بندو بست ڪندو.
- هر اسڪول کي اسڪول مينيجمينٽ ڪميٽي جوڙڻ جو بندوبست ڪرڻو هوندو ۽ اسڪول کي ڪنهن بہ داخل ٻار کان ڪا بہ فيس ناهي وٺي.
- هر استاد لاءِ وقت جي پابندي ڪرڻ لازمي آهي ۽ ان کي وقت سر نصاب کي مڪمل ڪرڻو پوندو. وغيره جهڙيون اهم ڳالهيون شامل هيون.

تنهن کان پوءِ اسان اڪائونٽبليٽي انيشيئيٽيو (اي آئي) وارن سان ملاقات ٿي هي ادارو تحقيقي ڪمن جي حوالي سان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ حڪومت پاران شروع ڪيل پروگرامن تي تحقيق ڪري ان جي احتساب يا جواب ڏهي لاءِ پنهنجي راءِ ظاهر ڪندو آهي.

هن اداري جي هڪ پروگرام پئسا (پي اي آئي ايس اي) (پلاننگ، ايلوڪيشنز اينڊ ايڪسپينڊيچرس، انسٽي ٽيوشنز: اسٽڊي ان اڪائونٽبليٽي) جي ڪوشش آهي تہ بنيادي پبلڪ سروس جي خرچن، انتظامڪاري جي شفافيت ۽ احتساب کي مضبوط ڪيو وڃي. ان لاءِ هوءَ هيٺين ڳالهين تي ڪم ڪري ٿي:

- سالياني منصوبابندي واري مرحلي جو ضلعي سطح تي انگ اکر گڏ ڪرڻ
- ”ڪيئن ڪجي“ وارو ٽول ڪٽ تيار ڪرڻ جنهن سان طئہ ڪيل منصوبابندي جي ذريعن، خرچن ۽ ادارتي ذميوارين ۽ ڪم ڪارين/ ڪردار بابت سمجهڻ
- گڏ ڪيل ڊيٽا کي لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز ۽ اهي شهري (جيڪي هن خدمت کي استعمال ڪن) کي مهيا ڪئي وڃي ٿي ۽ گڏوگڏ مهيا ڪندڙن ۽ منصوبابندي جوڙيندڙ کي ڊيٽا کان آگاهي فراهم ڪئي ويندي آهي.
- شهرين ۽ مهيا ڪندڙن جي مهارتن ۾ اضافو ڪرڻ تہ جيئن منصوبابندي ۾ بهتري اچي.
- منصوبابندي دوران ٻڌائڻ تہ پبلڪ سروس جي لاڳو ڪرائڻ مهل ٿيندڙ منصوبابندي ۾ شفافيت ۽ احتساب جي طريقيڪار کي ڪيئن هجڻ گهرجي.

هاڻي ڳالهہ ڪجي ساليانی تعليمي ڪارڪردگي جي رپورٽ (اٿر) بابت:

پراٿم ۽ اٿر سيڪٽر هڪ ٻئي جا ساٿي آهن . انڊيا جي ٻارن جي حوالي سان اٿر وڏي پئماني تي ساليانی ڊيٽا ڪليڪشن آهي جيڪا ايليمينٽري جي سطح تي ٻارن جي سکيا جي سطح ٻڌائڻ واري واحد رپورٽ آهي.

2005ع کان هر سال پراٿم اين جي اوز پاران جدتي قدم کنيا ويا جن ۾ اٿر جي ساليانی رپورٽ تي عمل درآمد ڪرائڻ پڻ شامل آهي. هي ملڪي سطح تي شهرين طرفان وڏي ۾ وڏي گهر گهر ٻارن جو سروي آهي جنهن کي 25 هزار رضاڪار سرانجام ڏين ٿا ۽ 15000 ڳوٺن جي 70 هزار جي لڳ ڀڳ ٻارن کي سروي ڪيو ٿو وڃي.

سکيا وارو هي بين الاقوامي دورو، جنهن ۾ ساڳئي سيڪٽر تي ڪم ڪندڙ مختلف ماهر پيشيورن سان ملاقاتون ٿيون ان موقعي تي مون ڪين ايس اِي ايف بابت تعارفي پريزينٽيشن پڻ ڏني ۽ سنڌ ۾ تعليم جي صورتحال، مشڪلاتن ۽ حاصلات بابت ٻڌايو. ۽ پوري صوبي ۾ فائونڊيشن پاران کنيل وڏي قدم آئي اِي ايل پي ۽ ان سان گڏ اِي ايل پي پروگرام بابت ٻڌايو جن کي پروگرام جي ذورانهن علائقن ڏانهن پهچ ۽ معياري تعليم لاءِ جاکوڙ کي سراهيو ويو. ان ڪانسواءِ ڪين منچر ڍنڍ جي ٻيڙي واري اسڪولن بابت پڻ آگاهي ڏني جنهن کي ٻڌڻ کان پوءِ ڪيترن ئي گڏجاڻي ۾ موجود مختلف ملڪن جي فردن ان سائيٽ کي وزٽ ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي.

مان اهو سمجها ٿو تہ رائيٽ ٽو ايجوڪيشن ايڪٽ انڊيا پاران تمام بهترين قدم کنيو ويو آهي جنهن سان سڀني لاءِ معياري تعليم جي پهچ جي خاطري ڪرائي وئي آهي. منهنجي ذاتي راءِ اها بہ آهي تہ اسان جي اداري کي پڻ اهڙو قدم کڻي حڪومت، ڪميونٽي، تعليم دانن ۽ جيڪي تعليم جي حوالي سان مثبت تحقيقون ڪن ٿا کي صلاحون ۽ ترغيبون ڏئي سگهجن ٿيون.

هن دوري دوران مون کي دنيا جي مختلف تحقيق ڪندڙن سان ملاقات جو موقعو مليو جيڪي ڪينڊا، يو ايس اي، يورپ ۽ ايشيا منجهان هئا. هن سڄي دوري جي نيڪ نامي اداره تعليم ۽ آگاهي (آئي ٽي اي) ڏانهن وڃي ٿي جنهن اهڙي تعليمي، سماجي، معلوماتي بين الاقوامي دوري جو بندوبست ڪيو ۽ ايس اِي ايف پاران پنهنجي نمائندي طور موڪلي مون کي ملڪ کان ٻاهر ۽ اتي ڪم ڪندڙ ادارن کي گهمڻ ڏسڻ پرکڻ ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏنو ۽ پراٿم، اٿر، پئسا ۽ سي سي ايس ٽيم جو اسان سان سڄي ٽوئر دوران بهترين ڪو آپريشن رهيو جنهن جا اسان ٿورائتا آهيون. اسان ايس اِي ايف پاران ڪين پنهنجون ڊجيٽل ۽ ٻئي پبليڪشن جون ڪاپيون ۽ تحفا جن ۾ اجرڪ شامل هئا پراٿم، اٿر ، پئسا ۽ سي سي ايس جي ٽيم جي نمائندن کي پيش ڪيا.

رستم سميجو صاحب سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۾ بطور ڊپٽي ڊائريڪٽر (ريجنز) ڪم ڪري رهيا آهن ڪين ڪميونٽين موبلائيزيشن جو وسيع تجربو آهي پاڻ ان ڪانسواءِ گراس روٽ ليول تعليمي پروگرام کي لاڳو ڪرائڻ ۽ ڪميونٽي کي تعليم جي حوالي سان تحرڪ پيدا ڪرڻ جو وسيع تجربو رکن ٿا.

# عورت وقت جي آئيني ۾

## سميرا قريشي

جنهن مرد جي پنيان دعا ڪرڻ وارا چپ، مدد ڪرڻ وارا هٿ، صلاح ڏيڻ واري زبان، حڪمت جو تاجي پيٽو اٽڻ وارو دماغ ۽ دل هوندا اهو دنيا بہ فتح ڪري سگهي ٿو.

هونءَ تہ عورت لُغوي اعتبار ڪان نسواني صنف آهي ۽ اسان وٽ هوءَ ڪمزور صنف جي طور تي سڃاتي وڃي ٿي پر جيڪڏهن هوءَ پنهنجي تي اچي تہ وڏا وڏا ڪارناما سر انجام ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿي. عورت چاهي گهر ۾ رهندي خدمت ڪندڙ ماءُ، ڀيڻ، زال يا ڌيءَ هجي يا وري گهر ڪان ٻاهر پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندڙ فرد هجي، هوءَ خدا جي اهڙين نعمتن سان نوازيل مخلوق آهي جيڪا همت، عزم، حوصلي، سهپ ۽ محبت جو اعليٰ مثال هجي ٿي. عورت پيغمبرن، بزرگن، ولين، قلندرن، ابدالن، حڪمرانن، اميرن، وزيرن، ڏاهن، مفڪرن، درويشن ڪان وٺي هڪ عام مرد جي زندگي جي تربيت ۾ ڪردار ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

امان حوا ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين هوءَ مسرتون ۽ سڪون مهيا ڪندڙ ساٿياڻي رهي آهي. انگريزن جي ڏاهي فرانسس بيڪن چيو تہ عورت جواني ۾ خوشي، وچ عمر ۾ ساٿي ۽ پيري ۾ نرس جا ڪردار نڀائي ٿي. ماءُ جي روپ ۾ عورت سراپا شفقت، ڀيڻ جي صورت ۾ دعا، زال جي صورت ۾ معاون، ڌيءَ جي صورت ۾ رحمت، محبوبا جي صورت ۾ اعتماد رهي آهي. مطلب تہ عورت اهو روشن ڏيئو آهي جنهن جي لاٽ مان مرد جي ذات منور رهي آهي ۽ اها ئي هستي سندس ڪامليت جو ذريعو آهي.

تاريخِ اسلام تي نظر ڪريو تہ شروعات بيبي خديجہ جي قرباني سان ٿئي ٿي جڏهن تہ بيبي عائشہ، سيده فاطمہ، بيبي زينب بنتِ علي، اسماءِ بنتِ ابو بڪر ۽ رابعہ بصري تقدس جي لباس ۾ ويڙهيل عورتون نظر اچن ٿيون. ياد فراموشي جي ڌنڌ ۾ لڪل قلو پطرا، ملڪہ صبا، زنوبيا، شجرت الدُر، ايزابيلا اول، ڪيٿرين دي گريٽ، ترڪان خاتون، نور محل، لڪشمي ٻائي ۽ حضرت محل جا نالا بہ تاريخ جي صفحن تي اڄ بہ رقم آهن. سنڌ جي حاڪم عمرو محمد بن قاسم جي زال فاطمہ خاندان جي هڪ ڏاهي ۽ دور انديش عورت هئي جنهن عمرو بن محمد بن قاسم ڪي حڪومت هلائڻ جا گُر سيکاريا ۽ هن جي سياسي بصيرت هن جي مڙس ڪي ڪاميابين جي اوج تي پُڄايو. ڪو بہ مرد تيسيتائين چڱو حڪمران نہ ٿو ٿي سگهي جيسين هو پاڻ پنهنجي گهر ۾ آسودو نہ هجي.

جيسيتائين ان مرد جي تربيت اهڙي ماءُ جي هنج ۾ نہ ٿي هجي جيڪا هن ڪي سٺي خراب جو فرق نہ سيکاريندي هجي يا اهو مرد اهڙي عورت جي صحبت ۾ نہ رهيو هجي جيڪا هن ڪي نيڪي ۽ بدي جو فرق نہ سمجهائيندي هجي. الپتگين جهڙي حڪمران جي سيبتي ڌي ڪي سبتگين جهڙي مرد سان شادي ڪري ان ڪي حڪمراني جي اهڙين اوچائين تي پڄايو جو هن جهڙو وري ڪو حڪمران نہ ٿيو.

سڪينہ بنت الپتگين مڙس جي اهڙي دلجوئي ڪئي جو الپتگين جلد ئي امير ناصرالدين سبتگين جي لقب سان تخت نشين ٿي وينو. ان ئي باهمت عورت هڪ ٻئي بهادر مرد جي تربيت ڪئي جيڪو اڳتي هلي تاريخ ۾ محمود غزنوي جي نالي سان مشهور ٿيو. محمود غزنوي جي زال حرم نور پڻ هڪ نهايت حسين عورت هجڻ سان گڏ اعليٰ درجي جي ذهين خاتون ثابت ٿي جنهن محمود جي ظاهري بدصورتي ڪي نظر انداز ڪري هن جي صلاحيتن ڪي تمام گهڻو اجاگر ڪيو جنهن ڪري محمود غزنوي ڪڏهن شڪست جو منهن نہ ڏٺو ۽ اتهاس جي ورقن تي هن اهڙا روشن باب رقم ڪيا جيڪي مِٽجڻ جهڙا نہ آهن. ٻارهين صدي جي حڪمران شهاب الدين غوري ڪي ڪو پٽ جو اولاد نہ هئو هن پنهنجي غلام قطب الدين ايبڪ ڪي اولاد جو درجو ڏنو جنهن ڪي ڪرمان و شيروان جي گورنر پنهنجي ڌي جو سڱ ڏنو. تاج الدين يلدوز جي ڌي سمام قطب الدين جي زال ٿيا ٻٽي قطب الدين جي تہ قسمت ئي بدلجي وئي. سمام هن لاءِ خدا جو اهڙو انمول تحفو ثابت ٿي جنهن هن جي قدم قدم تي رهنمائي ڪئي ۽ هڪ غلام ڪي شهنشاهِ هندستان جي مرتبي تي وڃي رسايو. قطب الدين ڪي پٽ جو اولاد نہ هجڻ ڪري هڪ غلام التمش جي مٿي تي رکي پنهنجي ٽن ڌيئرن مان هڪ ان ڪي پرڻائي ڏني. هن عظيم عورت هميشہ پنهنجي مڙس تي فخر ڪيو ۽ آخر 1211ع ۾ شمس الدين قطب جي تخت جو وارث ٿيو.

سلطان التمش جا جتي سڀ پُٽَ ناڪاره ثابت ٿيا اتي رضيہ سلطانہ جهڙي سلڇڻي ڌيءَ ئي هئي جنهن هن جو ڪنڌ مٿي رکيو. هڪ وسيع ۽ عريض ملڪ تي هڪ ناتوان دوشيزه پنهنجو ڌاڪو ڄمايو.

ائين ڳڻڻ تي اچجي تہ ملڪہءِ جهان ڪان وٺي ظهير الدين بابر جي ڌيءَ گلبدن، اڪبر جي ڌي صاحبزادي آرام بانو، شاهجهان جي گهر واري ارجمند بانو، ان جي ڌي جهان آراءِ مصلحت پسندي، ڏاهپ، دانشمندي، صبر ۽ شڪر ۽ جدوجهد ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيون. اڄ جي عورت ڪي ڏسجي تہ محترمہ بينظير ڀٽو جو نالو تہ سر فهرست اچي ئي ٿو پر ان سان گڏ ٻيا بہ ڪيترا نالا آهن جيڪي جدوجهدِ مسلسل جو اتم مثال آهن، تلوين سنگهہ، آنگ سانگ سوڪي، بيگم بشره رحمان، بيگم عطيہ عنايت الله، نور جهان پانيزئي، بيگم ريحانہ سرور، بيگم شاهين سردار علي، تهمينہ دولتانہ، بيگم نسيم ولي خان، حميده کهڙو، بيگم صفيہ اسحاق انهن عورتن پنهنجي گهر ڪان نڪري هڪ سياسي مقام ناهيو ۽ فقط پنهنجي لاءِ ئي نہ پر ٻين لاءِ بہ رستا متعين ڪيا ۽ عام رواجي سوچ ڪي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

انهي ۾ ڪو شڪ ناهي تہ عورت هميشہ اخلاق، سچائي، ديانتداري، قرباني، والهانہ محبت جو نمونو رهي آهي. سهڻي جو درياءَ جي ويرُن جي پرواه نہ ڪندي درياءَ ۾ گهڙي پوڻ، سسئي جو جهر جهنگ جهاڳڻ، سورٺ جو سور سهڻ ۽ ليليٰ جو ليلائڻ ڪنهن سخت دل انسان ڪي پڻ ميڻ بنائڻ لاءِ ڪافي آهي.

ڪٿي سميرا ميس ۽ قلو پطره جا روشن عطر سان هوشربا ڪندڙ جلوه ، دجلہ جي لهرن تي رقص ڪندڙ رونقون ۽ ڪٿي منهنجي آس پاس بسر ڪندڙ عورتون جيڪي صبر جي درياءَ ۾ شڪر جي ٻيڙي ڪي پيو گِهلين. ڪٿي ملڪہ صبا، بلقيس، ملڪہ نور جهان، قيصره هند، ملڪہ وڪٽوريا ۽ بحر تي حڪمراني ڪري ڏيکاري ۽ انهن جي نالن جا سڪا ٽڪسالن سان ضرب ٿيندا هئا ۽ ڪٿي گهرن ۾ ڏکويل ۽ زماني جون هاريل عورتون بہ آهن جن جي اذيت شل ڪو چاڙهيندو هجي.

## عورت بازارن ۾

جتي عورت اڄڪلهه ايوانن تائين پهچي چڪي آهي اتي عورت جي مان مرتبي ۽ درجي ۾ گهٽتائي پڻ آئي آهي، اهي عورتون جيڪي ڪنهن سياسي گهراڻي سان تعلق رکن ٿيون يا جنهنجي سار سنڀال سٺي طريقي سان ٿئي ٿي اهي زندگي جي گاڏي کي سٺي طرح سان هلائي وڃن ٿيون پر اسان جي معاشرتي انتشار، ميڊيا جي تمام گهٽي اثر، غربت، جهالت ۽ قانوني ڍانچي جي معطلي جي ڪري ڪوڙ ساريون عورتون باعزت زندگي کان پري آهن ۽ انهن جي زندگي ڪِن، ٻوسٽ ۽ گهُٽَ سان ڀريل جيلن، ڪن دارالامان جهڙن يتيم خانن يا دلالن جي هٿ ۾ ميريون ٿينديون گذري رهيون آهن. اڄ به عورت ڪاري ڪري ماري وڃي ٿي اڄ به هوءَ ڪنهن دڪان تي وکر وانگر وڪامجي ٿي، اڄ به هن جي ٻولي لڳي ٿي، اڄ به هوءَ پاڻ کي گهر کان ٻاهر ڇڻ ٻگهڙن جي وات ۾ محسوس ڪري ٿي ۽ گهر پهچڻ کان اڳ پنهنجو ساهه منجهندو محسوس ڪري ٿي. اڄ به هوءَ مرد جي حوس واري نظر جو نشان بڻجي ٿي.

گرو رجنيش اوشو جي چواڻي ته، ”مرد هڪ چئوواٽي وانگر آهي جنهن جا ڪوڙ رستا آهن. جڏهن ته عورت بند گهٽي وانگر آهي جتي ميونسپل وارن اڃا بتيون به ناهن لڳايون، عورت هميشه هڪڙي ئي موسم ۾ جيئي ٿي.“ عورتن جي حقن جي نام نهاد تنظيمن ته عورتن کي اڃان به وڌيڪ رلائي وڌو آهي. مختاران مائي هجي يا نسيمه، ميڊيا انهن جي قصن کي مزي سان بيان ڪندي رهي ٿي پر حقيقت کي بي نقاب ڪرڻ وارا ڪيترا آهن؟

## آخري ڳالهه:

جيڪو معاشرو پستي ۽ ترقي جي ٻه واٽي تي بيٺل هجي ان ۾ ئي سڀ کان گهٽيون ڪهاڻيون جنم وٺنديون آهن ۽ ان معاشري ۾ ئي سڀ کان وڌيڪ سوال اڀرن ٿا ۽ اتي ئي سڀ کان وڌيڪ لاقانونيت نظر اچي ٿي. نه مذهب غالب آهي نه ڪنهن شيءِ جي آزادي آهي. پاڪستان اهو ملڪ آهي جتي زندگي هڪ طرف ته پيرس ۽ لنڊن جا ڏيک پئي ڏئي ته ٻئي طرف پڳل ٽٽل رستا، ڪچا گهر، ميرا گدلا ٻار، ٿڪل مزدور، بيزار جوانيون، اجڙيل نارين جنت ۽ جهنم جي ميلاپ جو عڪس پسائن ٿيون.

هر حڪمران اچي ٿو ۽ ڪجهه ڏيڻ بدران وٺڻ جي آس لڳائي ويهي ٿو، ڪنهن نبل ۽ ڪمزور عورت جو سهارو ٿيڻ بدران ان کي استحصال جو نشانو بڻايو ٿو وڃي، بس ۾ ماڻهو فون نمبر جهولي ۾ اڇلائي ويندا ته دڪان تي ڪاسميٽڪس جي بجاءِ فگر پيا پڇندا. هتي ٽيلينٽ (صلاحيت) جي ڪا ڪمي ڪانه آهي پر هي معاشرو ان ٽيلنٽ جا بکيا ئي اڊيڙي ٿو ڇڏي. قدرت ڇا ته اسان کي ذهن ۽ فهم سان نوازيو آهي ۽ ان جو استعمال ڪٿي پيو ٿئي؟ هن سوال کان پوءِ مان وڌيڪ ڪجهه چوڻ جي جرئت نه ٿي ڪري سگهان جو مان به هن معاشري جو حصو رهي ڪجهه به ته ناهي ڪيو. ڪنهن هڪ عورت جي دلجوئي جو سبب بڻجي هجان ها ته زندگي سڦل لڳي ها. ڪنهن نياڻي جي مٿي تي شفقت وارو هٿ رکڻ وارا اتي ۾ لوڻ برابر آهن. هر ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ 6 نياڻيون خودڪشي ڪن ٿيون ۽ هڪ سروي مطابق هر ڏينهن اسان جي ملڪ ۾ درجن کان وڌيڪ عورتن جي عصمت دري ٿئي ٿي، هر ڏينهن هزارين ڇوڪريون نوڪرين جي آسري تي ذلت جو نشانو بڻجن ٿيون. ٻاس جي گندين نظرن کي سهن ٿيون. هر ڏينهن لکين نياڻين جي اکين ۾ شادي جا خواب ڪرچيون ڪرچيون ٿين ٿا. بسن ۽ رستن تي پنندڙ عورتن جي ته ڪهاڻي ئي الائي ڇا آهي. ريڊ لائٽ ايريا جا ته المناڪ قصا ٻڌائڻ جهڙا به ناهن.

پاڪستان ٺهي 67 سال ٿي ويا پر انهن ڏکن، المين ۽ ڳوڙهن جو حساب ڪير ڏيندو جيڪي عورت سٺا، انهن ڏکن انهن بي موت ماريل ڪارين جو خون ڪنهن جي ڳچي ۾ پوندو؟ ڪوڙن قسمن، الزامن، نا انصافين جو ڪنهن وٽ حساب آهي؟ هن ملڪ جي حوا کي ڳوڙها رئارڻ وارن جو ڪو احتساب آهي؟ ناهي، ڇو ته هتي هر لٽيندڙ مسيحا آهي، هر چور قاضي آهي، هر گنهگار پارسا آهي، هر دلال بزنيس مين آهي، هر منافق مصلحت پسند آهي. ڪو به پنهنجي گناهن تي پشيمان نه آهي. هي سوال فقط مردن کان ناهي، عورت ايوان تائين پهچي به ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن؟ انهن کي ته برانڊيڊ شين جي خريداريءَ مان فرصت ئي ڪانهي. اهي ڪجهه ڪرڻ جي قابل هجن ها ته ڪا سڪينه پاڻ تي گاسليٽ هاري پاڻ نه ماري ها، نه هن جون 3 ڌيئر يتيمن وانگر پلجن ها. بس اصل ڳالهه نيت جي آهي. هن ايڏي بحث جو مطلب تنقيد نه پر اصلاح جو جذبو آهي. مان چاهيان ٿي ته عورت جي حقيقي سجاڳي لاءِ هڪ فورم هجي جتي انهن اشوز کي حل ڪرڻ سيڪاريو وڃي جيڪي ڪڏهن ڪين سمجهايا نه ويا آهن. مان شادي کان وٺي اولاد جي تربيت ۽ خاندان جي معاملن کي سنڀالڻ جي معاملن تي عورت کي مظبوط ڏسڻ چاهيان ٿي. پراڻي فرسوده سوچ مان نڪري هن کي خوبصورت فرد، معاشري جو قيمتي سرمايو ڏسڻ چاهيان ٿي جنهن تي نظر پوندي ڪو مرد هن جي حسن جي نه پر هن جي حسن اخلاق ۽ حسن تدبر کي ساراهڻ تي مجبور ٿي پوي.

### اسان جو سماج ۽ عورت جو ڪردار

اسان کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته جنهن ترقي يافته دور ۾ دنيا جڏهن چنڊ تي وڃي پهتي آهي اسان جو ملڪ بجاءِ ترقي ڪرڻ جي پوئتي وڃ ي رهيو آهي. اسان ناڪام ڇاجي ڪري ٿي رهيا آهيون. ان جا ڪوڙ سارا سبب آهن جهڙوڪ: اسان ۾ يڪجهتي ڪونهي، اسان جي تعليم جو معيار تمام گهٽ آهي، اسان جي سماج ۾ انا پرستي، وڏيرا شاهي، ڪرپشن، اخلاقيات جو نه هجڻ، اقربا پروري، پنهنجا نواز پاليسي، سياسي مداخلت ۽ نصاب ۾ ہٽو معيار آهي، جنهن ڪري اسانجي سماج ۾ طبقاتي سوچ تيزيءَ سان پروان چڙهي رهي آهي. اسانجي سوچ وسيع ناهي ۽ هن وقت به عورت کي ان جا حق نه ٿا ملن. جڏهن ته الله سائين عورت کي ماءُ جو رتبو ڏنو آهي ۽ ماءُ جي پيرن هيٺيان جنت آهي. عورت ڪائنات جو حسين تحفو آهي هوءَ هڪ ڌيءَ، ڀيڻ، زال ۽ ماءُ آهي جيڪڏهن عورت تعليم حاصل ڪري ٿي ته هو پنهنجي پوري خاندان کي سڌاري سگهي ٿي ڇاڪاڻ جو ٻار جي پرورش به عورت ڪري ٿي. هڪ تعليم يافته عورت ئي پنهنجي معاشري ۾ انقلاب آڻي سگهي ٿي ۽ ترقيءَ جون نيون راهون کولي سگهي ٿي. دنيا ۾ عورتن تمام وڏا ڪامياب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڪم ڪيا آهن جن ۾ مدر ٽيريسا، ليڊي ڊيانا جا نالا سرِ فهرست آهن ۽ ان کان علاوه ڪلپنا چلولا جيڪا دنيا جي پهرين عورت هئي جيڪا چنڊ تي پهتي، نيپال ۾ موجود دنيا جي وڏي ۾ وڏي پهاڙ مائونٽ ايوريسٽ کي سَر ڪندڙ جاپاني عورت جونو طباعي جا نالا قابلِ ذڪر آهن. ان کان علاوه اسانجي ملڪ جون عورتون ڪنهن کان پٺتي ناهن رهيون جن ۾ بينظير ڀٽو جنهن جي سياست جو ڏاڪو سموري دنيا ۾ آهي، انيتا غلام علي (ستاره امتياز) جنهنجي محنتن ۽ ڪاوشن سان ايس اِي ايف جنم ورتو جو اڄ پوري سنڌ ۾ تعليم کان محروم ۽ غريب ٻار معياري تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ ان کان علاوه ٻين عظيم عورتن جي هڪ ڊگهي قطار آهي. الله پاڪ عورت کي مضبوط ۽ صابر ٺاهيو آهي پر اسان جي سماج ۾ عورتن کي تعليم کان محروم رکيو ويو آهي. ترقي جي بنياد انسان جي محنت، ايمانداري، سنجيده ڪوشش ۽ سچائي جي راهه تي هلندي ٿئي ٿي. هن وقت سخت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان جو ملڪ ترقيءَ جي هر شعبي ۾ عورت جي موجودگي ۽ اهميت کي يقيني بڻائي ۽ جيڪڏهن اسان پنهنجين غلطين کي هن وقت به نه سڌاريو ۽ پنهنجي سوچ کي وسيع نه بڻايو ته اسانجي حالت ڪڏهن به بهتر نه ٿيندي ۽ جي اسان پنهنجون راهون سڌيون ڪيون ته پوءِ دنيا جي ڪا به طاقت اسان کي ترقي ڪرڻ کان نه ٿي روڪي سگهي. الله پاڪ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو ته: ”بيشڪ الله پاڪ ان قوم جي تقدير تيستائين نه ٿو بدلائي جيستائين اها قوم پنهنجي تقدير پاڻ نه ٿي بدلائي.“

شبانه پروين - حيدرآباد

# سُر رامڪلي

نثار ابڙو

سر رامڪلي جي داستان ٻئي ۾ شاه سائينءَ ٻارنهن (12) ڏينهن جي عرصي واري ڏاڪڻ تي هڪ انساني گروه کي تمام خراب حالت کان تمام بهتر ۽ ڪامياب حالت طرف مرحليوار چوٽ چاڙهيو آهي. فڪري ڪمال، روحاني تدبر ۽ ادبي مهارت سان اهڙا تہ عميق اشارا ڪيا آهن جو ڪابہ جماعت يا ٽولو، پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ رهنمائي حاصل ڪري، جمالو ڳائي سگهي ٿي. شاه جي ان جماعت جا مثالي انسان، ڪاپڙي، جوڳي، ويراڳي، نانگا، آديسي، سامي ۽ سيڻ جي پنهنجي حڪمت عمليءَ سان اُن منزل تي وڃي پهچن ٿا، جنهن لاءِ هو ڪڏهن کان سڪندا ۽ ڪشالا ڪيندا رهيا هئا:

ڪَيَم ڪاپڙِيُنِ جي، پَهرين ڏِينهن پَروڙَ؛
سَگها ساعَتَ نہ هڪڙي، چارئي پَهرَ چُورَ؛
سدائين سيدُ چئي، هونِ سناسي ۾ سُورَ؛
جوڳِي ساڻَ ضَرُورَ، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

پهرين ڏينهن ڪاپڙين جي جماعت تمام بري حالت ۾ آهي، ڏکن ۽ ڏولاون سان ٽمٽار، سندن سگهہ ٽٽل آهي، منزل کان ڪوهين پري ۽ بيحال پيا آهن ڪو اهڙو پل ناهي جنهن ۾ هو سڪيا هجن پر ڪين پنهنجي ان حالت جي ڄاڻ آهي ۽ ان ضرورت ڪين ڳاري وڌو آهي ۽ پنهنجي لوڪ ۾ پاڻ لڪايو ٿا وتن.

## تنظيم جي ضرورت ڇو ۽ ڇالاءِ؟

انساني سماج ۾ جڏهن ڪنهن شيءِ جو حاصل ڪرڻ ضروري ٿيو پوي تہ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ادارو يا جماعت ٺاهي ويندي آهي ۽ اها جماعت پنهنجي حڪمتِ عملي سان گهربل مقصد حاصل ڪري قومي يا سماجي ڪوٽ کي پوري ڪرڻ جي ذميوار هوندي آهي.

مثال ڪو ماڻهو سماجي ۽ معاشي مسئلن ۾ انتهائي خراب حالت کي وڃي پهتو آهي، پرين پيارن سندس ساٿ ڇڏي ڏنو آهي، رزق ۾ ڪمي جو شڪار آهي، سماج ڪيس نظرانداز ڪرڻ لڳو آهي!!! اهڙي بڇڙي حالت ۾ ان انسان کي ڇا ڪرڻ کپي تہ هو ٻيهر سماج ۾ پاڻ کي سرخرو ڪري پنهنجو وڃايل مقام حاصل ڪري سگهي؟ بس اها ئي حالت آهي جنهن ۾ نظم جي ضرورت پوي ٿي. پنهنجن عملن کي اهڙي تہ منظم انداز ۾ سڌو ڪرڻو آهي جو ڪاميابيءَ طرف هلندو ئي رهجي.

اها ساڳي حالت معاشرن ۽ قومن جي بہ ٿي پوندي آهي، جن قومن جي عدالت ۾ انصاف وڪامندو هجي، تعليمي ادارن جا استاد صرف وقت ٽپائيندا هجن ۽ جي واقعي تعليم حاصل ڪرڻي هجي تہ اگهہ ايترو جو عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ڪوهين ڏور، طبيب قومي خزاني تي بار هجن ۽ جيڪڏهن حقيقي علاج ڪرائڻو هجي تہ گهر وڪڻڻو پئجي وڃي، ڪاريگر ۽ هنرمند سست ۽ ڪم چور هجن، واپاري مهنگي لاءِ ميڙيندا هجن، مذهبي ادارا دڪان ٿي پون، ماڻهو پنهنجا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ غنڊن ۽ بدمعاشن جو سهارو وٺندا هجن. ترقي يافتہ قومن وٽ اهڙن معاشرن جي حيثيت انتهائي هيٺين درجي جي هوندي آهي، هو انهن معاشرن جي ماڻهن کان لنوائڻ شروع ڪندا آهن ۽ ڏيتي ليتي کان پاسو ڪري ويندا آهن جنهن سبب انهن معاشرن جي معاشي حالت زوال پذير هوندي آهي، اخلاقي معيار هيٺاهينءَ طرف ڪرڻ لڳندا آهن، انصاف نہ هجڻ سبب انساني جان، مال ۽ عزت جو تحفظ ختم ٿي ويندو آهي ۽ افراتفري ۽ غير يقيني وارو ماحول پيدا ٿي پوندو آهي تہ پوءِ اهڙن معاشرن ۽ قومن کي مضبوط نظم جي سخت ضرورت هوندي آهي تہ هو ان بڇڙي حالت مان نڪري ٻاهر اچن ۽ ترقي يافتہ قومن جي قطار ۾ پاڻ ڳڻائي سگهن.

بلڪل ساڳي طرح ڪاپڙين جي جماعت شروعات ۾ چارئي پهر چور آهي ۽ پوءِ اچو تہ ان جماعت جي ٻين ۽ ٽين ڏينهن واري حالت تي غور ڪجي.

ويهي ويراڳِيُنِ جو ٻِئي ڏِينهن ٻُڌم حالَ؛
اُنِ جا ڏاڳا ڏورِ پَڪُلِيا، جا ڳوٿا زَوالَ؛
تن ڄاٽِي ڄَتائُون ڇڏِيُون، چوٿا ڇَڳِيءَ چالِ؛
ويچارا وُجودَ جِي، ڪَنهِن سان ڪَنِ نہ ڳالِهہ؛
نانگا ٿِيا نهالُ، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

ويراڳين جي جماعت هاڻ ڪجهہ نهال ۽ چاڪ چوبند ٿيڻ لڳي آهي ، حال احوال ۽ پڇارون ڪرڻ جي حالت ۾ آهي، سندن ڪفنيون ۽ ويس وڳا ميرا ۽ ڏوڙ سان ڀريل آهن، سندن وار اٽيا ۽ بيترتيب وڌيل آهن ۽ پنهنجي وجود جو ذڪر بہ ڪنهن سان ڪرڻ لائق ناهن:

ٽئين ڏينهن ٽمڪائين، ڌونهيُون دائرن ۾؛
ميڙِيو ڪَڙَڇَ ڪانئِيُون، جوڳِي جَلائِينِ؛
سَندِيُون ڪامڻَ کَبَرُون، آديسِيُن آهِينِ،
ڳُجهہ نہ ڳالهائِينِ، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

جوڳين جي جماعت هاڻ پنهنجن پورن حواسن ۾ بيدار ٿي آهي، پنهنجي منزل کي حاصل ڪرڻ لاءِ گڏجاڻيون ڪرڻ لڳا آهن ۽ دائرن ۾ ويهي صلاح مصلحت ڪري رهيا آهن. ڪين منزل جي ڄاڻ پئجي وئي آهي. منزل ۽ مقصد تي پهچڻ جون ڏڪايون بہ ڪين نظر ۾ اٿن.

## تنظيم ڇا آهي؟

تنظيم جي اصل زمين آهي نظم جنهنجي معنيٰ آهي، ترتيب ۾ آڻڻ، منظم ڪرڻ، انتظام پيدا ڪرڻ، ٺاهڻ وغيره وغيره. تنظيم جي معنيٰ پڻ ٿيندي شين يا ماڻهن جي ترتيب ٺاهڻ، انجمن ٺاهڻ، نظام قائم ڪرڻ وغيره وغيره.

تنظيم ٺاهبي ئي انڪري آهي جو ڪا شيءِ حاصل ڪري سگهجي يا ڪنهن منزل تي پهچي سگهجي تنهنڪري تنظيم جو سڀ کان پهريون قانون آهي نظريو ٺاهڻ، پنهنجي منزل ۽ مقصد بيان ڪرڻ (Mission Statement) تہ جيئن جدوجهد ۽ عمل جو نشانو ان منزل طرف ئي رهي ۽ ڀٽڪي وڃڻ جا امڪان نہ رهن ۽ سڀ وهم گمان ختم ٿي وڃن.

چوٿين ڏِينهن ڇوگانَ ۾، ڪَنهن جَنهن پَهہ پِيا؛
وَهَمَ پِريان جي وَڍِيا، تن ۾ ڪُوڙَ ڪِها؟
اندَرِ آديسِيُنِ ڪي، اَچِنِ جوشَ جِها؛
سامِي سونُ ٿِيا، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

آديسي پنهنجي نظرئي کي عملي جامو پهرائڻ جا پهہ پچائي، رٿابندي (Action Plan) ٺاهڻ ۾ لڳل آهن، پنهنجين ذميوارين جا دائره مقرر ڪرڻ لڳا آهن. (Organizational Chart) تنظيمي عهديدارن ۽ ڪارڪنن جي درجابندي ڪري ذميواريون ورهائي پنهنجي سچي هجڻ جا وچن ڪري رهيا آهن، جڏهن منزل جو تعين ٿي وڃي ۽ ان منزل تي پهچڻ جي رستي جي بہ خبر پئجي وڃي تہ سمجهبو تنظيم جو اهم مرحلو طئہ ٿي ويو آهي. سو هاڻ سامين آڏو منزل ۽ منزل تي پهچڻ جو رستو واضح ٿيو آهي، انڪري عملي جدوجهد لاءِ سندن اندر ۾ جوش ۽ جذبي جا طوفان پئدا ٿي رهيا آهن ۽ پاڻ کي سون جيئان پچائي پڪو ڪري رهيا آهن.

تنظيمي ڪارڪنن لاءِ انتهائي اهم آهي تہ هو پنهنجي نظرئي سان ڪيتري سچائي رکي ٿو ۽ ان لاءِ ڪيترا گهرا جذبا پيدا ڪري ٿو (Enthusiasm & Passion) جذبي جي گهٽتائي ۽ مقصد سان لڳاءَ جو نہ هجڻ تنظيمي ڪارڪن کي عمل ۾ ڍرو، سست ۽ تنظيم جي لاءِ هاڃيڪار ڪري وجهندو آهي:

ڪَنهن جَنهن پُورَ پَچائِيا، پَنجين ڏِينهن پَئِـــي؛
اَنـدَرِ آديسِيُـــنِ ڪـي، سُـورَنِ شـاخَ ڪَئِـــي؛
مُحَبَتَ جـــي ميـدان ۾، لاشَـڪُ پِيـا لَهِـي؛
تن ڪي ساري راتِ، سيَدُ چئي، گُوندَرَ ساڻُ گَـئِي؛
ڪَـريو سيڻَ سهـــي، لِـــڪا پُٺَنِ لـــوڪَ ۾.

جماعت جو ڪم آهي سيڻ سهي ڪرڻ، هڪ اهڙي ڪسوٽي پيدا ڪرڻ جنهن سان ڪارڪنن جي ڪم جي تور تڪ ۽ پرک ڪري سگهجي ڪارڪنن ۽ ساٿين جي ڪم تي ڪڙي نظر رکي سگهجي (Operating Rules & Position Guideline)، مٿن تنظيمي قانون ۽ رهنما اصول واضح ڪيا وڃن هر هڪ ڪارڪن جي ڪم جو دائرو قائم ڪيو ويندو آهي، ڪم ۽ ذميوارين آهر اهميت ۽ احترام جو بندوبست ڪيو ويندو آهي. ڪين ضروري سکيا ڏني ويندي آهي تہ جيئن هو مقصد واري ميدان ۾ بيشڪ ٿي لهن ۽ مقابلي دوران سرخرو ٿي سگهن. ڇاڪاڻ تہ پيٽي جي راهہ ۾ ايندڙ هر ڏکئي گس ۽ ور وڪڙ کان واقف هجن. ايئن نہ ٿئي تہ سورن ۽ تڪليفن کان اڻواقف هجڻ ڪري همٿ هاري ويهن:

پِيا ڪَنهِن پَرياڻَ ۾، ڇَهين ڏِينهن ڇَٽِي؛
اَنـــدَرِ آديسِيُن ڪي، ڌُريـــان ئِي ڌٽِـــــي؛
ٻَـــرِي ٻاجهارا ڪَيا، ڪانئِي خاڪَ ڪٽِي؛
پِنِيـــو پَنجَ ڪَٽِي، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

نظرياتي جوڙجڪ، انتظامي رٿابندي ۽ عهديدارن جي رهنما اصولن قائم ڪرڻ سان گڏوگڏ جماعتي جسم ۾ پئسي جي هڏي واري حيثيت وارو اهم ۽ ضروري مسئلو آهي، آمدني ۽ خرچ جو انتظام ڪرڻ (Financial Plan/ Income & Expenses) پنج ڪٽيون حاصل ڪري، پنهنجي پنهنجي عمل جي ضرورتن مطابق خرچ ۽ آمدنيءَ جو حساب ڪتاب رکڻ. اهڙا ذريعا ۽ وسيلا پيدا ڪرڻ جنهن سان عملي ميدان ۾ سهولت پئدا ٿئي. ناٽي ۽ آمدني کان وانجهيل جماعتون هميشہ منزل تي رسڻ کان اڳ ئي ختم ٿي بي فائدا ثابت ٿينديون آهن، انڪري ڪامياب تنظيمون پنهنجي حساب ڪتاب واري ڪاتي کي انتهائي مضبوط ۽ ايماندار هٿن ۾ رکي گهرجن آهر خرچ ڪندي منزل طرف وڌنديون رهنديون آهن ...

سَتين ڏِينهن، سَيَدُ چئي، ڏاڃا ڏوتائُون؛
اُپِـــي اَلَڪَ ســـامهُون، ٻـــانهُون ٻَڌائون؛
وَڏِيءَ ڪَنهن وِلاتِ جا، اُهُجَ آندائُون؛
رُوحُ پَنهنجو رامَ سيـــن، پَرِ ۾ پُوتائُـــون؛
ڪَٽِيو ڪِـدائُون، لِـڪا پُٺَنِ لـوڪَ ۾.

تنظيم سازي جو عمل پورو ٿي ويو آهي تہ هاڻ ميدان ۾ لهڻو آهي، پنهنجا وسيلا ۽ اوزار ٺيڪ ڪرڻا آهن ۽ ڪدائون سنڀالي ڪٽڻيون آهن، ايئن نہ ٿئي تہ ميدان ۾ لهي پئجي ۽ ضروري اوزار اڻلڀ هجن. پنهنجي نظريي ۽ عملي معيار آهر وڏي ولات ۽ ڪاميابي جي خبر ڏيڻي آهي، مقصد ۽ منزل جي ثمرات جا نشان واضح ڪرڻا آهن تہ جيئن عام ماڻهن کي بہ ان ثمرات کان واقفيت ڏئي سگهجي.

اَنيـــن ڏِينهن، اُپِـــي وِيـــا، جـــوڳِي جـــاءِ ٻَجـــاءِ؛
سا پَـــرِ ســـامـــي سکيـــا، جـــا پَرِ جـــوڳَ جُڳاءِ؛
ويـــروتـــارَ وُجـــودَ ۾، اُنِ ڪـــي رامُ رَهيـــوئِي آهِ؛
ڪَنهن جَنهن ڪمائِي لاءِ، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

پهنجي وڏي مقصد حاصل ڪرڻ خاطر ربط (communication) قائم ڪرڻ ضروري هوندو آهي، پاڻ سان لاڳاپيل هر ڪارڪن سان رابطي جو هجڻ ۽ عوامي سجاڳي لاءِ فڪري ڄاڻ عام ڪرڻ انتهائي اهم هوندو آهي، ٻي صورت ۾ اهو وڏو مقصد پذيرائي حاصل ڪري نہ سگهندو ۽ موت ۾ ڪاميابيءَ جا اهڃاڻ اڻ چٽا ۽ غير واضح ٿيندا ويندا.

تنظيمي ڪارڪنن جو اخلاقي ۽ عملي ڪردار خاص ۽ مثال (standardized) هجڻ کپي جو دنيا جي تنظيمي ڍانچن سان مشابهت رکندڙ هجي ۽ عام لاءِ قابل قبول پڻ هجي، اهڙي پَرَ سگهجي جا مقصد جي شان وٽان هجي، ٻي صورت ۾ دنيا جي ٻين تنظيمن ۽ جماعتن وٽ سرخرو ٿي نہ سگهبو ۽ ٻين ڪارڪنن ۾ پڻ خاميون پيدا ٿينديون، جي اڳتي هلي جماعت جي لاءِ سخت هاڃيڪار ثابت ٿينديون آهن.

تنظيمي ڪارڪن، سماج اندر مثالي ڪردار جو مالڪ هوندو آهي، جنهنجي تقليد ۾ قومي ۽ سماجي ضرورتن جي پورائي ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي. سماجي ضرورتن جي نفسيات اندر ئي جماعتي ڪارڪن کي پاڻ تيار ڪرڻو هوندو آهي. ٻي صورت ۾ ڪارڪن پنهنجو اصل مقصد حاصل ڪري نہ سگهندو ۽ ڪيس ناڪاميابي جو منهن ڏسڻو پوندو اٿس:

نائيـن ڏِينهن نيٽان، اوجـاڳـي اُجارِيـا؛
سَٻاجهي ٻاجَه ڪَئِي، سُڄاڻي سيٽانِ؛
جِتـــي نَظَـرُ ناٿَ جو، اُتـــي اوتـارانِ؛
اِهـي اُهُجاٽـانِ، لِڪا پُٺَنِ لـوڪَ ۾.

مقابلي جي ميدان ۾ لهڻ کانپوءِ رات ڏينهن محنت ڪرڻ سان منزل تي پهچڻ وارو خواب جلد ساپيان ٿيندو آهي، جماعت جو مقصد جيترو اعليٰ ۽ ڏکيو هوندو ايترو ئي ڪارڪن کي پنهنجي تن کي تڪليف ڏيڻي هوندي آهي. نظر منزل تي رکڻي آهي، منزل تي پهچڻ کان اڳ ٿڪجڻو ناهي، بردباري سان هلڻو آهي ۽ پنهنجي مثالي ڪردار کان هيٺ ڪرڻو ناهي.

ڏَهيـن ڏِينهن ڏِکَ ٿِيا، پِـرِينءَ پاٻوهِيـــا پَسُ؛
وَرقَ جي وِصالَ جا، سي واري ڪيائُون وَسُ؛
لَـــذائُون، لَطِيفُ چئي، سَندو گُـروءَ گَـــسُ؛
جوڳِيُـــنِ ڪَتِيـو جَسُ، لِڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

جماعتي اصولن سان هلندي، سچائي ۽ محنت سان ڪارڪن پنهنجي منزل کي ويجها ٿيڻ لڳا آهن، پنهنجي وجود جو ڪليل اظهار ڪري رهيا آهن، مقصد جي راهہ ۾ ايندڙ مشڪلاتون ختم ڪري سرخرو ٿيڻ لڳا آهن، سندن ڪاميابي جو ثمر پيدا ٿيڻ لڳو آهي، پنهنجي اڳواڻ (Leader) جي ٻڌايل خوشخبري پوري ٿيڻ تي آهي.

وَريو ويراڳِيُنِ جو، ڪارِهين ڏِينهن ڪَرَمُ؛
جـــوڳِيُنِ جاتـــائُون پُنِيُون، هَلِي وِيـــا حَرَمُ؛
دائِـــم جَهلِيـــو دَمُ، لِـــڪا پُٺَنِ لوڪَ ۾.

مَنَ مُرادون پُنِيُون، ٻارِهين ڏِينهن ٻَئِي؛
جوڳِي اِنَ جاتا ڪي، ٿي سِڪِيا سَپِيئِي؛
سَمـــانا سيئِي، جي گُـــرَ گَڏِجي آئِيـــا.

ڪاميابي جو بگل وڄي چڪو آهي، سندن تقدير بدلجي وئي آهي، جنهن منزل لاءِ سڪيا ٿي سا سندن سامهون آهي، پنهنجي جماعتي اصولن پٽاندر بردباري کان ڪم وٺي رهيا آهن، ڪاميابي جي خوشين ۾ ڪو اهڙو ڪم نہ ٿا ڪن جو سندن مقصد جي اوچائيءَ واري نقطي کي ڇيهو رسائي، پنهنجي اڳواڻ سان ٻٽ ٿيو خوشين جا ترانا ڳائي رهيا آهن ۽ مان اوچو ٿيو اٿن.

# شاعري

## حمد

تنهنجا رنگ نيارا خالق، تنهنجا رنگ نيارا....

بر تر ۾ تو مينهن وسائين پاڻيءَ سان تو پوک پچائين،

تنهنجي آ سنڌ ڏارا، تنهنجا رنگ نيارا...

ڪِن کي تخت ۽ تاج ڏين ٿو، ساڻي سڀ ڪنهن ساڻ ٿئين ٿو،

پرور منهنجا پيارا، تنهنجا رنگ نيارا...

ڌرتي مان گل ڦل ڪلائين، دريائن مان واهه وهائين،

عرش منهنجا وسڪارا، تنهنجا رنگ نيارا...

ڪنهن هنڌ آهن پوهه جا پارا، ڪنهن هنڌ ساوڻ جا وسڪارا،

ڪنهن هنڌ نرت نظارا، تنهنجا رنگ نيارا...

ڪنهن هنڌ پون پيا لابارا، ڪنهن هنڌ پوکجن پيا ٻيجارا،

ان سندا انبارا، تنهنجا رنگ نيارا...

راتيان تارا چنڊ چمڪائين، ڏينهن روشن سج ڏيکارين،

تنهنجا ڪم قرارا، تنهنجا رنگ نيارا...

بکيو ڪنهن کي ڪين رهائين، سڀ کان رازق رزق رسائين،

تنهنجا عجب اشارا، تنهنجا رنگ نيارا...

غلام محمد غازي

(سائنس بخشي سونهن_ ٻارن لاءِ شاعري، سنڌي ادبي بورڊ جي ڇپرن سان)

## سلام و دعا

بحضور سرور ڪائنات

تذڙي هوا مديني وجين جو

منڙي محمد کي سلام چئجان

چئجان سمورو حال ادب سان

امت جي والي محبوب رب سان

پريشان آهيون بيمار آهيون، مفلس

ڪنهن کي ٻڌايون دردن جون داهون

روئي سمورو پيام چئجان

سلام چئجان!

اسان بي سهارن جو تون آسرو آن

غريب لاچارن جون تون آسرو آن

زهره عليہ سلام جي صدقي اسان تي ڪرم ڪر

پر خالي جهولي للهِ رحم ڪر

روئن ٿا تنهنجا غلام چئجان

سلام چئجان....!

تنهنجي درجا اسين آهيون گداگر

پياسن جي صدقي آب ڪوثر عطا ڪر

پنهنجي درجي مولا چائنٽ چماءِ

پنهنجي ٻچڙن جو زوار بناءِ

عرض اسان جي سر عام چائجان

سلام چئجان

گنهگار آهيون، خطاڪار آهيون،

تنهنجي حسين عليہ سلام جا عزادار آهيون

رحمت جو مولا مينهن وساءِ

نفرت جي آنڌي کان اسان کي بچاءِ

پڙهي ذاکره جو ڪلام چئجان

سلام چئجان ....!!

راشده _ انٽرن_ فيلڊ آفيس خيرپور

## گل ڀِتائي جي ڀُونءِ

ڀلي ڀُونءِ پياري ڀِتائي جي آهي

سني سنڌ ساري ڀِتائي جي آهي

سڳنڌ جنهن جي خوشبو هتي پئي گهلي ٿي

اها ول ٿاري ڀِتائي جي آهي

هجي سنڌ خوش ۽ وسي جڳ سارو

ڀتائي ڀتائي ڪري پيو هر ڪو

هتي عيد ڏياري ڀتائي جي آهي

سلڻ سور سيڪو وجي ڀِٽَ تي ٿو

صبح و شام تياري ڀتائي جي آهي

شميلا اوڏ _ ڪلاس ستون

## قائد اعظمِ

قائد اعظم جا ڳڻ ڳايو

جنهن هي پاڪستان بڻايو

محنت محنت محنت محنت

محنت ۾ ئي آهي عظمت

قائد اعظم هو فرمايو

جنهن هي پاڪستان بڻايو

علم اوهان جي قسمت آهي

وقت وڏي دولت آهي

قائد اعظم هو فرمايو

جنهن هي پاڪستان بڻايو

سيئي پاڪستاني آهيو

گڏجي پاڪ وطن کي ناهيون

قائد اعظم هو فرمايو

جنهن هي پاڪستان بڻايو

صابيہ_ڪلاس3 _مريد سوها، فيلوشپ اسڪول

## سائنسِ

سائنس سڪندو جيڪو ٻار،

ان جو ٿيندو ناماچار

سائنس جڳ کي بخشي سونهن،

سائنس سان ٿي وندر ورونهن

سائنس سان سڀ سنهج ملن ٿا

سائنس سان رنگ روپ رچن ٿا

سائنسدانن جي آ جوڙ

ٽيليويزن، ريڊيا ڪوڙ،

سائڪل توڙي موٽر ڪار

هر دم پنهنجي لاءِ تيار

ڏسو! ٻڌڻ هو ڇا ڪري ٿو؟

بلب ڏسو ڪيئن ٻاري ٿو.

سائنس مان سنهج وڏا هن

ٿورا لاهڻ جهڙا ناهن

غلام محمد غازي (سائنس بخشي سونهن، ٻارن لاءِ شاعري سنڌي ادبي بورڊ جي ٿورن سان)

## ٽامو

هوئن تہ آهن ڪيئن ڌاتو

پر هي ڌاتو آهي ٽامو

ٽامو بجلي جي تارن ۾

صَرف ٿئي ٿو بين پرزن ۾

ٽامي ۾ آ لوهہ اي ٻارو،

هن ۾ آهي گندرف سارو

هن مان ٽانو ٽپا ٿا ناهيون

تن ۾ ڪاڏو ڪائيندا آهيون

ٽامي جو رنگ ڳاڙهو آهي

سونهري ۽ پيلو آهي

ٿئي ڪنهن ڌاتو سان جي ڳنڍيو

رنگ نہ ٽامي جو آ ڦٽندو

هن کي ڪٽ نہ لڳندي آهي

هن کي ٻاهہ نہ وڻندي آهي

سمجهہ اها رکجو اي ٻارو،

ٽامو ٿيندو ناهي ڪارو

غلام محمد غازي (سائنس بخشي سونهن، ٻارن لاءِ شاعري _ سنڌي ادبي بورڊ جي ٿورن سان)

## بابا امان ڏاڏي امان

بابا امان ڏاڏي امان

رکن ٿا پنهنجي سڄاڻپ

بابا آفيس ويندو آهي

گهر ۾ شيون آڻيندو آهي

ڏاڏي، امان کان ڏجندي آهي

ان جي خدمت ڪندي آهي

امان کي بہ ڪم الاهي آهي

صبح وڏيڪ آهي شام وڏيڪ آهي

گهر جو هر هڪ ڪم ڪري اها،

مشڪل سان آرام ڪري اها

ڏاڏي جان جي چوڪي تي گلن واري آهي چادر

ان تي ويهي ڏاڏي امان، پڙهي نماز ڪائي پان

رخسانہ پنهور_حيدرآباد

## نظم

جڏهن ڳالهہ کھڙي بہ کنهن سان ڪجي

ڏٽي جو رکي خود سچ چئي ڏجي

سائين اوهين واڻ سچ جي هلو

اَتوَ سچ چوڻ ۾ بلاشڪ ڀلو

عقل ۾ اڪابر جي آهيو اوهين

نہ ڏيو ڪوڙ کي جاءِ جيءَ ۾ توهين

لڳي سچ چوڻ ٿو ڏکيو پڻ اول

مگر ان جو آخر عجب آهي ڦل

سدائين ٿو سرهو گذاري سچار

سدا آهي ڪوڙو خراب خوار

ڪري ٻاجھہ پنهنجي سچو هو ڏٽي

ملي آبرو پڻ سچي کي گھڻي

سحر ٻيتي

سنڌي ٻالڪ

مون کي پيارا سنڌي ٻالڪ

جيءَ جيارا سنڌي ٻالڪ

تارن وانگر چمڪن پيا سي

چنڊ ستارا سنڌي ٻالڪ

لاڙ اتر ۽ ڪاڇي توڙي

ٿر جا پيارا سنڌي ٻالڪ

سنڌ امڙ جا سورهيہ ٻڇا

سنڌ جا سارا سنڌي ٻالڪ

آڻيندا سي انقلاب جڳ ۾

(فلڪر_ نيٽ تان ڪنيل)

## ڀنڀوري

ٽاڪَ منجهند جو

هڪڙو نينگرو

تنَ اگھاڙو

مٽي ۾ ٻَيوت

۽ پگھر ۾ شل

پيو ڦيرا پائي

هيڏانهن هوڏانهن

ڪونہ ونڻ ٿي ڏئي ان کي

وجي ڪانڊيرن تي ويٺي

هڪڙي ڀنڀوري

علي عابد سومرو

## آيو سيارو

آيو هيل وري سيارو

پاڻ سان گڏ آندائين پارو

ڪونہ بچيو ماڻهو هن کان ڪو،

جڳ ڏکي سرديءَ ۾ سارو

ڪمبل ڪپيو ڪنهن سوڙ پُراڻي

گرم لٽن تي آهي مارو

هر ڪنهن مچ مچايو هٽڙي

ڪين آهي ٻيو ڪو ئي چارو

ماڻهو وڻ ٽڻ گل ۽ ٻوٽا

سڀ ڪنهن جو ئي رنگ ويو ڪارو

هر ڪوئي واجهائي ويٺو

ڪڏهن وري ايندو اونهارو

علي عابد سومرو

## منهنجي مرضي

ٻارو هڪڙي ٻالڪ ڪان

مون آ هڪڙي ڳالهہ پڇي

ڇا ٿيندين تون وڏڙو ٿي..!!؟؟

ٻالڪ مرڪي مون ڏانهن نهاريو

ڀنل اکين سان مونکي ٻڌايو:

”بابا چئي ٿو انجنيئر ٿيا مان

امان ڊاڪٽر ڏسڻ ٿي چاهي

ماما چئي ٿو ڊي_سي ٿيا مان

چاچا جي مرضي آپائلٽ ٿيا مان

هاڻ ٻڌايو ڪيئن ڪيان مان..!!؟؟

ڪنهن جي مرضي رد ڪيان مان..!!؟؟

مان ٿو چاهيان ماستر ٿيا مان

ڊاڪٽر، پائلٽ جام ڪيان مان

ڪيڏو انڌوڪار متل آ

منهنجي مرضي مون کان کسيل آ...

تنوير حسين سومرو_ڪراچي

## حليم باغي

اڙي شهرِ جانان، ڪي تو ڪي سنڀارون،
تہ شاعر جون گذريون، هتي پنج بهارون.
هي جوڏن جي سينن جا فراغ رستا،
هي يوڪلپٽس جون نہ ڪٽندڙ قطارون
هي تنهنجي گلين ۾، اسان جا حوالا
هي تنهنجي پٽن تي اسان جون پچارون.

هتي ٻن دلين جي بہ ڌڙڪن هئي گونجي
هيون جل پريءَ ڪنهن جهڪايون نهارون
اجان ڪجهہ نہ بدليو آهي اڙي دل!
تصور ۾ ايرن ٿيون ساڳيون پڪارون.

هي وک وک تي منهنجيءَ پياريءَ جا پاڇا
۽ دڳ دڳ تي آنچل سندس جون اُڏارون
اٿلندڙ اکين ۾ ڪنهن چاهت جي پوڄا
۽ پنبڻين ۾ اٽڪيل ڪي سجدا سپارون

۽ هن جي هلڻ ۾ هئي سارنگ جي رم جهم
کلڻ ۾ تہ ميران جي سرندي جون تارون
چڙيون ۽ اسان ڪي ڪري ويون ويراڳي
”او بلما! ڪنهيا! ڪي اپلا جون سارون“

اجان پي تہ ساڳي ئي آ فارميسي
سپر هاءِ وي لڳ هو پيليون ديوارون
صبح پهريان ڪرٽا جهتي سنڌالاجي
هوائن ۾ مهڪن گلابن جون ڏارون

اُتر واءُ آٿي ٿو گينڊي تي جوڀن
ڪري ماڪ ڏاڙهون پنن تي پسارون
چڪائي وجهن چاڪ ٽا سارا مارڳ
وري ڪنهن لنگهہ تان سڏن هن جون سارون

نہ مٽجي سگهيون سي تہ دل جي پٽيءَ تان
ڪنهن شرميليءَ وينگس جون ڇُڪندڙ نهارون
نہ ٻلجي سگهيس هن جي گونگي ڪلپنا
نہ وسري سگهيس هن جي اک جون الارون

تصور ۾ اپري اچن ٽا سي ڏينهڙا
جڏهن هن جي چوٽيءَ مان ڦٽيون بہ ڏارون
نہ اُڪليل محبت جا رنگين جذبا
نہ سليل تنهن چاهت جون ڳجهيون ميارون

اجان پي تہ هردو اسان جو چِلن ٿيون
نہ پوري ٿيل پيار جون سي پچارون
سو اڙي شهر دلدار، تنهنجي دڳن تي
ڪا سفيد ڪپڙن سان ايندي تہ هوندي.

۽ هوءَ اپسرائن جي ٽولي جي راٽي
ڏسي تو ڪي اداس ٿيندي تہ هوندي.

*******

سنڌ ورسٽيءَ مان جنهنجو گذر ٿيو وڃي،
ڄامشوري جو سو ڄڻ پٿر ٿيو وڃي،
ها! هتان جا سفيدا ٽا گهايو وڃن،
ها ! هتان موتئي جون ڪليون بہ ڪٽو،
هڪڙو گل مهر سندس چوٽلي ۾ هٽو،
هوءَ ڪيڏي نہ سهڻي اٽس سوپيا،
هوءَ جا پنهنجي خوابن جي آساپيان،
هوءَ اسانکي ڏسڻ ڏيو شرم ٻوٽڙي،
جيڪا هٿ ڇا نظر سان ٺريو ٿي وڃي.
ڇا، ڇئون دل سان هوءَ ڪجهہ ڪريو ٿي وڃي،
ڏينهن ڏٺي جا لٽيندڙ هٿيارن سان بلڪل،
اسان پي ٻڏا هن وڏا ڏاڙيوال،
مگر هو ڏاڙا هٽي ٿي دلين تي،
جو نظرن ئي نظرن ۾ ڏاڙا هٽي ٿي،
ملي ٿو نہ سڳ،
هو جا مرڪٽي موهٽي ڇوڪري،
سا وڏن وينٽريڪلس ۽ آرڪيلس وچ مان،
سڌا سائينس وينوسس تي هٿ ٿي وجهي
مروڙي ڇڏي ٿي والو هرٽ ( Valve Heart ) جا
هوءَ جا هرروز هڪڙي نئين ڍنگ سان،
دلجا در ٻيڪڙيل تي اکوڙيو ڇڏي،
ڏاڍن ڏاڍن جا ڇڪا ڇڏايو ڇڏي،
هن ڪي پيئيون تہ ڪنهن سان پلا پيئيون،

جي ٽا پيٽيون خدا سان ڪفر ٿيو وڃي،

سنڌ ورسٽي مان جنهن جوڳذر ٿيو وڃي،

ڄامشوري جو سو ڄڻ پٿر ٿيو وڃي.

*******

سرمدي گيتي منصور جو همنشان هن جي نالي ڪان ڏڪندڙ منات ۽ عذا

هن سان لشڪر خزاني سان راڪش لڙيا هن چيو مون لاءِ ڪافي آ منهنجو خدا

هن زماني جي ڪوتي روايت ڀڳي هن چيو ماڻهو ماڻهو آ يزدان نہ آ

سر خدا جي اڳيان جو جهڪي سو جهڪي ٻيو پرستش جي لائق انسان نہ آ

هن جي ڏينهن ۾ سفيد پڳڙيون ٻڌهل اهل_تسبيع بہ ها اهل_تقوا بہ ها

بت پرستي سان اٽڪڻ جي جرئت نہ هئي اهل_منسب بہ ها رڻ جا جوڌا بہ ها

هڪڙو مرد_قلندر صفا ناتوا جنهن جي دستار قاتل ۾ ليڙون هئي

جنهن جي ڪپڙن تي چتيون ۽ پيوند ها جان تانن جي تيرن سان سيرون بہ هئي

هن جي للڪار سان لرزيا بت قدا چنڊوخانن جي چائنٽ بہ ڏڏڪڻ لڳي

ڪن تہ سجاد پوشن جا پٽڪا ڏريا دل فقيرن جي پيرن جي ڦٿڪڻ لڳي

اي مسند نشينو گهڻو هي ٿيو هاڻي درگاهون تڪيا بہ خالي ڪريو

ٿو ملائڪ جو مسجود انسان اچي ان جي پيڇي ۾ گانجيا نہ آفيم پيرو

لاڙ تنهنجي لٽيل سينڌ لٽبي رهي ڪالهہ جليو ٺٽو اڄ ڪلاچي بہ وئي

اڄ تماچي جي تڙ تان مهاڻا تڙيا اڄ آميءَ پاپيءَ جي ميت اٿي

اي زمانا اسان جو قبيلو ڪنو خون_ناحق جي ڪنهن سان شڪايت نہ آ

تنهنجي اوڇي روش جي نہ پرواهہ اٿم خون_عاشق ۾ ليڪن حرارت نہ آ

مقتلن جي پٽين تي پڙهين ٿو تہ پڙهہ ٻي شهيدن جي رت جي ڪهاڻي نہ آ

هڪ بلاول هيو جيڪو ڪتجي مئو هڪڙو سيد آ جنهن جي پڄاڻي نہ آ

*****

اڪيون بہ باندي رڳون بہ باندي، پرين ڪجي ڇا تنهنجو شهر آ

چپن جي رڦٽي هتي جرم آ ـ اکين جي ڪينچل هتي ڏمر آ

اها وڪن ۾ ڊرائي ڇو ڇو؟، اڄان تہ تنهنجي ڇري وهي آ،

رڪين جي پيرا رتيون ٿي ڏونگر، پٿر بہ تنهنجي اڳيان پٽر آ.

اهي تہ طوفان وڏيا پيا وڏندا، هينئر تہ مانجهي هنيان نہ هاريو،

سڌن سان ساگر سڪا نہ ڪڏهن، گهرڻ سان گهٽبي نہ ڪا لهر آ.

لڦن جي لالي پيري ترين ۾ ـ گسن جي مٽي ڏري اکين ۾

هلي هلي بس ٿڪجي پياسين ـ گهڻو ٻڌايو اڃان سفر آ

ڪلين مان اڪتا هڏين ۾ پيٺا، هڏين مان نڪتل جگر تي بيٺا،

والله! غضب ٿو ڪرين وڍيندڙ! اڃان بہ چئين ٿو گٽي نظر آ.

ڪرين پيو سو پلين ڪندو رهہ، پڄاڻا ڇا جا؟ وراڻا ڇا جا؟

گهڙي جي آئي پڇي بہ وڃبو، اڃان تہ توڪي وڏي ڳهر آ.

اسان جا هي وڍ اسان جو پورهيو، اسان تہ تن من سنڌوءَ تان واريو،

اڏيون اجاريو آڙاهہ ٻاريو، اسان جو نينهن پيي اڃان نٽر آ.

اسان تہ سَنڌ سَنڌ زخم سناسين ـ اسان لُٽياسين اسان ڪُٺاسين

طبيب ڪن ڇا؟ حڪيم ڪن ڇا؟ ـ اسان جي جندڙي سڄي زهر آ

تنهنجي اکين ۾ اداسي ڇا جي؟ اڙي او شاعر! اڙي او باغي!

اڃان تہ ڪوڙين ڪليون بہ ٽڙنديون ـ سنڌوءَ جي مٽي نہ ٿي ڪلر آ

*****

اسان جيئن بہ ، جيئي ڪو جهان ۾

سدائين نشان تي سدا امتحان ۾

ڪڏهن آنڌي الڙي، ڪڏهن ڪڙڪي بجلي

ڪٽي ڪکَ رهيو آ منهنجي آشيان ۾

پرين ڇا ڪجي پل وڃن ٿا اڏاٽا

هليو آءُ اڄ ڇا رکيو آ سيان ۾

نہ ڪا آرزو آ نہ ڪا جستجو آ

ڪٽي ڪاروان وقت نا مهربان ۾

ڪڏهوڪا سڪا سر اڙي مرگهہ مورک

اڙائي ايو آن اڪيون آسمان ۾

وري جي ولوڙن منجهائي رکيو آ

غم عشق هاڻي رهيو ڇا اسان ۾

هو هالار جا پٽ هُوءَ مياڻي، هُوءِ تلتيءَ

اسان جون نشانيون سڄي گلستان ۾

اهي ئي ڪنارا اهي ئي الارا

اڃان تير آهن اسان جي ڪمان ۾

ستارا نہ چوندا تہ ڇا تون نہ ايندين

اڙي يار ڇڏ ويئي وهي رائيگان ۾

بہ ٿي گيت واريم بہ ٿي ديپ ٻاريم

بہ ٿي قول هاريم تنهنجيءَ آجيان ۾

****



# کھاڻيون



## جو ڪمائي سو کائي...

هڪ گھر ۾ هڪڙو ڪڪڙ، هڪ ڪانءُ ۽ هڪ ڳيرو رهندا هئا. ٽنهي جي پاڻ ۾ دوستي هوندي هئي. هڪ ڏينهن ڪڪڙ ٻاجهري جو سنگ لڌو ۽ ٻنهي دوستن کي سڏي چيائين ته: ”يار اچو ته هن مان ان جا داڻا ٺا ڪيون.“ ڳيري چيو: ”آئون دعوت تي ٿو وڃان“ ڪانءَ چيو: ”منهنجي طبعيت ٺيڪ نه آهي.“ تڏهن ڪڪڙ چيو: ”اڙي خير آ مان پاڻ ٿو ان ٻاجهريءَ جي سنگ جا داڻا ڪيان.“ جڏهن ڪڪڙ ٻاجهريءَ جي سنگ جا داڻا ڪيا ته پوءِ هن پنهنجن دوستن کي چيو: ”ڏسو ڪيڏا نه وڻندڙ ۽ سٺا داڻا آهن ٻاجهريءَ جي سنگ جا..“ ڪڪڙ جا دوست داڻا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. ڪڪڙ انهن کي وري چيو: ”هاڻ توهان انهن داڻن کي پيسائي اچو.“ اهو ٻڌي ڳيري ڪٽي ٻئي پاسي منهن ڦيريو ته وري ڪانءَ چيو: ”مونکي گس ڏٺل ناهي..“ تنهن تي ڪڪڙ چيو: ”خير آ دوستو آئون ٿو ٻاجهر جا داڻا پيسائي اچان...“ جڏهن ڪڪڙ ٻاجهر جا داڻا پيسائي آيو ته ڪانءَ ۽ ڳيرو ڪچهري ڪري رهيا هئا. اهو ڏسي ٻئي چوڻ لڳا: ”ٻاجهر جو اٽو ته ڏاڍو سٺو آهي هن جي ماني به واهه جي پچندي...“

ڪڪڙ چيو: ”دوستو مان ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان توهين ٻئي گڏجي ماني پچايو ته پوءِ گڏجي کائون...“ ڳيري منهن بڇڙو ڪندي چيو: ”آئون ماني پچائڻ ڪو نه ڄاڻان...“ ڪانءَ چيو: ”منهنجا ته هٿ سڙي پوندا...“ تڏهن ڪڪڙ ويچاري ڪين چيو: ”خير آ دوستو مان ٿو ماني پچائي وٺان...“ جڏهن ماني پچي تيار ٿي تڏهن ٻئي دوست سِرڪي اچي ڪڪڙ جي پر ۾ ويٺا ۽ ڪيس چيائيون: ”دوست واه جي ماني پچائي ٿي، ڀلا اسان کي به ته کاراءِ...“ ڪڪڙ پنهنجا وڏا وڏا پَرَ ڦڙڪائي وڏي ٻانگ ڏئي چيو: ”جو ڪمائي سو کائي ۽ سُسُت سدائين سِڪي مري...“ اهڙي طرح ڪڪڙ پنهنجن انهن ٻنهي دوستن کي سيکت ڏني ته جيڪو محنت نه ڪندو اهو بک مرندو.







## سَهڪَار جو ڦَـل...

هڪ نديءَ ڪناري پپل جو هڪ وڏو وڻ هو. ان وڻ تي هڪ ڪبوتر وينو هو. وڻ جي هيٺان نديءَ جي ڪناري هڪ ماڪوڙي پئي گهمي. اوچتو ئي اوچتو ڇولي اچڻ سبب اها ماڪوڙي پاڻيءَ ۾ گهلجي وئي ۽ غوطا کائڻ لڳي. ماڪوڙي کي ٻڏندو ڏسي ڪبوتر جهٽ پٽ هڪ پن پٽي نديءَ ۾ ڦٽو ڪيو. ماڪوڙي پنهنجي اڳيان پن ترندو ڏٺو ته هو ٽپ ڏيئي وڃي ان پنَ تي ويٺي ۽ اهو پنُ ترندو ترندو اچي ڪناري لڳو. ان ريت هن پنهنجي جان بچائي. هوءَ من ئي من ۾ ڪبوتر جا لکين ٿورا مڃڻ لڳي.

هڪڙي ڏينهن ماڪوڙي ڇا ڏٺو ته هڪ ماڻهو ڪبوتر کي پنهنجي تير جو نشانو بڻائي رهيو هو. ماڪوڙي هڪدم وڃي ماڻهو کي پير ۾ چڪ پاتو ته هن جو تير گسي ويو ۽ ڪبوتر وڻ تان اڏامي ويو. اهڙي نموني انهن هڪٻئي سان سهڪار ڪري هڪٻئي جي جان بچائي. اسان سڀني کي به هڪٻئي سان سهڪار ڪرڻ کپي.



## هاٿي ۽ ڪِيلِي...

هي پراڻي زماني جي ڳالهه آهي. هڪ ڏينهن هڪ هاٿي جو پير هڪ ڪِيلِي مٿان اچي ويو. الله جي قدرت ڪِيلِي تمام ننڍڙي جسامت هجڻ ڪري بچي وئي. ڪِيلِيءَ هاٿيءَ کي رڙ ڪري چيو: ”مئا ماريا ڏسي نه ٿو هلين..!! جيڪڏهن مان مري پوان ها ته منهنجي پيارن ٻچن کي ڪير سنڀالي ها..!!؟؟“

هاٿي کيس ڪاوڙ وچان چيو: ”آهين ته ترِ جيتري ۽ هلي آهين مون کي سيکارڻ...!!!“ ائين چئي هاٿيءَ پنهنجي سونڊ سان اهڙي ته ڦوڪ ڏني جو ڪِيلِي ويچاري هوا ۾ اڏامندي هاٿي جي ڪن ۾ پئجي وئي. ڪِيلِيءَ هاٿي کي ڪن ۾ چڪ پاتو. هيڏو سارو هاٿي درد وچان ٽپا ڏيڻ لڳو ۽ هيٺ ليٽڙيون پائڻ لڳو.

ڪِيلي هاٿي جي ڪن مان ٻاهر نڪري آئي ۽ هاٿيءَ کي ڌمڪي ڏيندي چيائين ”ڏٺئه مون ترِ جيتريءَ تو جهڙي جبل جيڏي جانور کي ڪيئن ليٽائي ڇڏيو؟ خبردار اڳتي سنڀالي هلجان نه ته سٺو ڪو نه ٿيندئي. هن دفعي ته توکي ڇڏي ٿي ڏيان پر ٻئي دفعي...“

وڏا ڳالهه ڪن ٿا ته ان ڏينهن کان هاٿي کي ڪِيلِيءَ کان ايترو ته ڊپ لڳندو آهي جو ڏينهن رات پيو پنهنجا ڪن وِڃڻَي وانگر هيڏانهن هوڏانهن پيو لوڏيندو آهي. کيس ڊپ لڳندو آهي ته متان وري ڪا ڪِيلِي ڪن ۾ نه پئجي وڃيس. ٻارو اسان هن ڪهاڻيءَ مان اهو سکيو ته: ”ڪنهن کي به پنهنجي قد بت يا خاصيتن تي وڏائي نه ڪرڻ گهرجي.“



## ٻَڪ ٻَڪِي ڪُمي...

هڪ تلاءَ ۾ هڪ ڪمي رهندي هئي. ڪمي جي ٻن هنس پکين سان دوستي هوندي هئي. ٽيئي هڪٻئي جي ڏک سک ۾ ڪم ايندا هئا. هڪ سال تلاءَ واري علائقي ۾ برسات نه پوڻ سبب تلاءَ جو پاڻي آهستي آهستي سڪڻ لڳو ۽ حالت اهڙي اچي ٿي جو ڪميءَ پنهنجي ٻن هنس دوستن کان مدد وٺڻ جو ويچار ڪيو. ڪميءَ انهن کي ٻڌايو ته هن تلاءَ جو پاڻي ڪجهه ئي ڏينهن ۾ سڪي ويندو ۽ پاڻي جي اڻ هوند سبب تلاءَ ۾ رهندڙ جانور هيءَ جڳهه ڇڏي ٻئي هنڌ هليا ويندا ۽ پکيئڙا اڏامي ويندا. ٻنهي هنسن ڪمي کان پڇيو: ”اسان تنهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهون..!!؟؟“ ڪمي کين چيو: ”توهان ڪٿان ڪائي مضبوط نوڙي يا ڪاٺيءَ جو ٽڪر ڳولهي اچو ته ان نوڙي يا ڪاٺيءَ جي وچ واري حصي کي مان وات سان پڪڙي لڙڪي پوندس ۽ پوءِ توهان اڏامي مونکي ڪنهن اهڙي تلاءَ تائين پهچائجو جتي ڀرپور پاڻي هجي.“ ڪميءَ جي ڳالهه ٻڌي ٻئي هنس ڪلڻ لڳا ۽ ڪمي کي چيائون: ”ڀيڻ ڪمي تون جيئن چوين ٿي اسين تنهنجي لاءِ اهڙو ئي



بندوبست کنداسين. پر هڪ ڳالهہ جو اسان کي ڊپ آهي..!!“ ڪميءَ پڇيو: ”اها وري ڪهڙي..!!؟؟“ هنس جواب ڏنو: ”پيڻ ڪمي توکي گهڻو ڳالهائڻ جي عادت آهي تون جڏهن ڪاٺيءَ جي وچين حصي کي وات سان پڪڙي مٿي آسمان ۾ هوا ۾ لٽڪيل هوندينءَ تڏهن توکي اسان سان گڏ آسمان ۾ اڏامندو ڏسي هيٺ ماڻهو طرح طرح جون ڳالهيون ڪندا ۽ اهي ڳالهيون ٻڌي توکي ضرور ڪاوڙ ايندي. انهن کي جواب ڏيڻ لاءِ جيئن ئي تون وات کوليندينءَ تہ تون وڃي هيٺ ڪرندينءَ ۽ مري وينديءَ ۽ ان جو اسان کي ڏاڍو ڏک ٿيندو..!!“

ڪميءَ چيو: ”دوست مان توهانکي خاطري ٿي ڏيان تہ مان پاڻ تي پورو ضابطو رکنديس ۽ بلڪل بہ نہ ڳالهائينديس...“

هنس چيو: ”ڪمي پيڻ جيڪا تنهنجي مرضي..!!“ ڪميءَ جي خواهش موجب ٻئي هنسَ ڪمي کي اڏائي ڪنهن پاڙيءَ واري تلاءَ ڏانهن وٺي وڃي رهيا هئا. ان عجيب نظاري کي ڏسي ماڻهو طرح طرح جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. پنهنجي بَڪ بَڪ جي عادت کان مجبور ڪمي پنهنجو ضابطو وڃائي ويٺيءِ جيئن ئي ماڻهن کي جواب ڏيڻ لاءِ وات کوليائين تہ ڌڙام سان اچي پٽ تي پئي ۽ اتي ئي مري وئي.

نصيحت: ڏکئي وقت ۾ پنهنجن ڀلو چاهيندڙن جي ڳالهہ مڃڻ گهرجي.

## شينهن ۽ ڪڙمي جي زال

هڪ ڪڙميءَ پنهنجي ٻنيءَ ۾ پئي هر هلايو تہ هن جي اڳيان هڪڙي شينهن اچي بيٺو ۽ چيائين، ”السلام عليڪم!ڀائو، ڪر خبر ڇا حال آهي؟“ ڪڙمي جواب ۾ چيو تہ ”و عليڪم السلام! ، آئون چڱو ڀلو آهيان، تنهنجي مهرباني آهي.“ ايئن چوندي ڪڙمي ڊپ وچان ڏڪڻ لڳو.

شينهن چيو”اهو ٻڌي مون کي خوشي ٿي آهي تہ تون چڱو ڀلو آهين. ڳالهہ هي آهي تہ اڄ مون کي خدا تنهنجي ٻنهي ڍڳن کي کائڻ لاءِ موڪليو آهي، تون پاڻ خدا ترس ٿو ڏسجين، تنهنڪري هڪدم پنهنجا ٻئي ڍڳا کولي منهنجي حوالي ڪر.“ڪڙمي همت ڪري شينهن کي چيو تہ ”خدا مون کي وري حڪم ڏنو آهي تہ آئون هن زمين تي هر هلايان، هاڻي ڍڳن کان سواءِ هر ڪيئن هلندو؟ تنهنڪري مناسب ٿيندو تہ اوهان مهرباني ڪري واپس وڃو ۽ خدا وٽان پوري طرح ڳالهہ سمجهي اچي تہ سندس ڪهڙو حڪم مڃجي.“ انهيءَ تي شينهن ڪاوڙ جي ڪڙمي کي چيو ”هاڻي دير نہ ڪر پنهنجا ٻئي ڍڳا وٺي اچي منهنجي اڳيان حاضر ڪر.“ ڪڙمي ويچاري هٿ ٻڌي شينهن کي عرض ڪيو تہ، ”اي شينهن شير خدا جا! منهنجي ڍڳن جي جان بخش ڪر. انهن جي بدران آئون اوهان جي اڳيان پنهنجي زال جي ٿلهي متاري ڍڳي حاضر ڪريان ٿو.“ڪڙمي جي اها ڳالهہ شينهن قبول ڪئي. جنهن تي ڪڙمي ڍڳن جي جوڙي کي هڪليندو تڪڙو تڪڙو پنهنجي گهر ويو. ڪڙمي جي زال هڪ سگهڙ ۽ محنتي مائي هئي. هن جو ڏنو تہ ڪڙمي اڄ سويل ئي ٻنيءَ تان واپس پيو اچي تہ هن رڙ ڪري چيو، ”اڙي ميان! ڪم ڪان ڇو پيڳو آهي. مون تہ اڃا هينئر گهر جو ڪم شروع ڪيو آهي ۽ تون آهين جو هينئر ئي ٻني تان ڀڄو اچين؟“ڪڙمي ويجهو اچي زال کي شينهن جي پيرائتي ڳالهہ ٻڌائي. جڏهن هن ٻڌايو تہ ڍڳن کي بچائڻ لاءِ مون هن کي تنهنجي ڍڳي ڏيڻ جو انجام ڪيو آهي، اهو ٻڌي زال رڙيون دانهون ڪري چوڻ لڳي، ”پنهنجي پوڙهن ۽ ڏٻرن ڍڳن کي بچائڻ لاءِ شينهن کي منهنجي هڙي ملوڪ ڍڳي ڏيڻ مان تنهنجو مطب ڇا آهي؟ ڍڳي وئي تہ ٻارن کي کير ڪير ڏيندو؟ ۽ گهر ۾ گيهہ مکڻ ڪانسواءِ رڌ پچاءَ ڪيئن ٿيندو؟“ ڪڙمي جواب ڏنو، ”اهي تنهنجيون ڳالهيون سڀ سچيون پر تون ئي ٻڌاءِ تہ اناج ڪانسواءِ ماني ڪيئن ٺهي سگهندي؟ ڇا ڍڳن ڪانسواءِ اسان کي اناج ملي سگهي ٿو؟ ۽ ڇا هر هلائڻ ڪانسواءِ ٻني مان فصل حاصل ڪري سگهجي ٿو؟ تنهنڪري هاڻي وقت نہ وڃاءِ اٿي ڍڳي جوڙي منهنجي حوالي ڪر.“ زال ڪاوڙ وچان وراڻيو تہ، ”ميان! تون تہ ٻنهہ مت جو موڙهو ٿو ڏسجين جيڪڏهن تو ۾ ٿوري بہ ڪا مت هجي ها تہ انهي عذاب مان جان ڇڏائڻ جي ڪا حرفت ضرورت هلائين ها.“زال جو اهو مهڻو ٻڌي ڪڙمي ٽپي باهہ ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو، ”تون تہ وڏي عقلمند آهين. ڀلا تون ئي ڪا اٽڪل ٻڌاءِ.“زال وراڻيو تہ ” اها ڳالهہ ڪر نہ، هاڻي آئون ٿي توکي اٽڪل ٻڌايان. پر آئون جيڪي چوان، توکي ايئن ئي ڪرڻو پوندو. سمجهئي! تون هتان سڌو شينهن وٽ وڃ ۽ هن کي چئو تہ ڍڳي مون سان نٿي اچي پر منهنجي زال هن کي وٺيو پئي اچي.“ ڪڙمي کي جيئن زال سمجهايو، هن بہ ائين ڪيو. هو جڏهن ٻنيءَ ۾ پهتو تہ ڏسي تہ بک وچان اجا تائين شينهن پنهنجي چنبا ۽ ڏند پيو تِکا ڪري. شينهن جو ٻڌو تہ اجا بہ مون کي ڍڳي جي لاءِ ترسڻو پوندو تہ ڪاوڙ وچان گجگوڙ ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجون پڇ زور زور سان زمين تي هڻن لڳو. هو پنهنجون مڇون هر هر وٽي ڪڙمي کي وڏيڪ ديڇارڻ لڳو. اهو ڏسي ڪڙمي ڊپ وچان ڏڪڻ لڳو. ان دوران سندس زال سڌي ڪڙهہ ۾ وئي ۽ پنهنجي مڙس جا سنا ڪپڙا پئي مٿي تي وڏو ۽ ڊگهو پڳڙ ٻڌو تہ جيئن هوءَ ڏسڻ ۾ ڊگهي نظر اچي. پوءِ هو گهوڙي تي زين ٻڌي ٻاهر نڪتي ۽ ان تي چڙهي ٻني ڏانهن ان پاسي وئي جتي شينهن بيٺو هو. هوءَ هڪڙي بهادر مرد وانگر وڏي شان شوڪت سان اڳيان وڌي ۽ هن ڪڙڪو ڪري چيو ”يا خدا منهنجي کائڻ لاءِ هن ٻني ۾ هڪڙو شينهن موڪل! ڪالهہ صبح جون مون ٽن شينهن جو گوشت نيرن تي کاڌو هو. ان وقت کان وٺي هن وقت تائين مون هڪڙي شينهن جو بہ گوشت ناهي چکيو.“ اهي لفظ جڏهن شينهن ٻڌا ۽ ڏٺو تہ انهن لفظن چوڻ وارو گهوڙي تي سوار ٻنان ڪنهن ڊپ جي ڏوڪيندو اچي تہ هن جون وايون ٻتال ٿي ويون. شينهن ايترو ڊنو جو پڇ پائي سڌو جهنگ ڏانهن وٺي ڀڳو. ڀڄڻ وقت هن پنهجي دوست گدڙ جو بہ خيال نہ ڪيو ۽ ان تان ٽپ ڏيندو ڀڄي ويو. گدڙ رڙ ڪري شينهن کان پڇيو ”منهنجا سائين مهنجا مالڪ! تون ڪيڏانهن ڊوڙندو پيو وڃين؟ شينهن، جيڪو ڦِڄندو پئي ويو، تنهن سهڪندي سهڪندي جواب ڏنو، ڀڄ ڙي ڀڄ، گدڙ! جهنگ ۾ اڄ اهڙو تہ خوفناڪ ڀوت آيو آهي، جيڪو رڳو نيرن تي ٽي شينهن کائي اوڳرائي بہ نہ ٿو ڏئي. ”اهو ٻڌي گدڙ کلي ڏنو ، پر هڪدم پنهنجي کل روڪي چوڻ لڳو، ”اس ۾ اوهان جون اکيون ڇنجهيون ٿي ويون آهن. گهوڙي تي ڀوت ڪونهي، ڪڙمي جي زال مردانا ڪپڙائي چڙهي آئي هئي.“ ٻارو هميشہ عقل کان ڪم وٺجي جنهن سان گهڻي قدر مسئلا حل ٿي ويندا آهن.

(سنڌي ادبي بورڊ جي ”ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون“ تان ورتل)

## انٽي گريٽڊ ايجوڪيشن لرننگ پروگرام (IELP)

| مقصد | اهم پيش قدميون | پروگرام پاران سهائتا | اسڪولن جو تعداد | شاگردن جو تعداد | قابل استادن جو تعداد |
|---|---|---|---|---|---|
| صوبي جي ڏورانهن ۽ ترقي کان وانجهيل علائقن ۾ اسڪول جي قيام لاءِ نجي شعبي کي هٿي ڏيارڻ تہ جيئن انهن علائقن ۾ اسڪولن جي کوٽ کي پورو ڪري سگهجي ۽ معياري تعليم مهيا ڪري سگهجي. ۽ بنيادي سطح تائين مفت ۽ تبديل ٿيندڙ سڪيا جون سهولتون مهيا ڪرڻ | 988 اڳ ڪليل ۽ نون نجي تعليمي ادارن جي سهائتا ڪرڻ جن ۾ پرائمري، ايليمينٽري ۽ سيڪنڊري اسڪول شامل آهن. | • سڪيا وارو مواد ۽ اسٽيشنري<br>• استادن جي سڪيا ۽ ريفريشرز<br>• اسڪول سهائتا وارا دورا<br>• شاگردن جو تعليمي تجزيو<br>• اسڪول آپريٽرز جي تربيت<br>• والدين ۽ ڪميونٽي جي شمولي | 988 | 148,368 | 3,680 |

## رورل بيسڊ ڪميونٽي اسڪول پروگرام (RBCS)

| مقصد | اهم پيش قدميون | پروگرام پاران سهائتا | اسڪولن جو تعداد | شاگردن جو تعداد | قابل استادن جو تعداد |
|---|---|---|---|---|---|
| صوبي جي ٻهراڙين ۾ معياري تعليم جي رسائيءَ لاءِ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت خانگي شعبي کي هٿي وٺرائڻ تہ جيئن ٻهراڙين جي ٻي پهچ ٻارن تائين علم جي تڪڙي ۽ بهتر رسائي ڪري سگهجي. | صوبي جي 10 چونڊيل ضلعن ۾ 250 رورل بيسڊ ڪميونٽي اسڪولن جو ساٿي اين جي اوز جي شراڪتداري سان قيام | • سڪيا وارو مواد ۽ اسٽيشنري<br>• استادن جي سڪيا ۽ ريفريشرز<br>• اسڪول سهائتا وارا دورا<br>• شاگردن جو تعليمي تجزيو<br>• ڪميونٽي جي شموليت | 250 | 17,487 | 500 |

## پروموٽنگ پرائيويٽ اسڪولنگ اِن رورل سنڌ (PPRS)

| مقصد | اهم پيش قدميون | پروگرام پاران سهائتا | اسڪولن جو تعداد | شاگردن جو تعداد | قابل استادن جو تعداد |
|---|---|---|---|---|---|
| صوبي جي ڏورانهن علائقن ۾ طويل مدت تائين پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ تحت گهٽ لاڳت جي نجي اسڪول جو قيام تہ جيئن ٻهراڙين جي ٻي پهچ ٻارن تائين معياري تعليم جي تڪڙي ۽ بهتر رسائي حاصل ڪري سگهجي. | صوبي جي 10 چونڊيل ضلعن ۾ 1000 اسڪول جو قيام جنهن تحت اسڪول جي انٽرپرينيوئرز کي هر داخل ٻار هر مهيني سبسڊي مهيا ڪرڻ ۽ سڪيا واري ماحول کي اڃا بهتر بنائڻ آهي. | • سڪيا وارو مواد ۽ اسٽيشنري<br>• استادن جي سڪيا ۽ ريفريشرز<br>• اسڪولي سهائتا دورا<br>• شاگردن جو تعليمي تجزيو<br>• انٽرپرينوئرز جي تربيت | 666 | 92,052 | 2110 |


**سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن**

**حڪومتِ سنڌ**

گهر نمبر: 21_A، بلاڪ 7/8، اوورسيز ڪوآپريٽيو هائوسنگ سوسائٽي، امير خسرو روڊ، ڪراچي

فون نمبر : 021-34169141-2، اِي ميل: info@sef.org.pk، ويب سائيٽ: www.sef.org.pk